سرمد شهيد

ڊاڪٽر جيت سنگھ سيتل

ستار پيرزادو

سرمد شهيد

ليکڪ

ڊاڪٽر جيت سنگهه سيتل

سنڌيڪار

ستار پيرزادو

سنڌي ترجمي جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌيڪار وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: سرمد شهيد

ليکڪ : ڊاڪٽر جيت سنگهه سيتل

سنڌيڪار: ستار پيرزادو

ڪتاب نمبر: ١٧

سال : ٢٠٠٢

ڇپائيندڙ : سنڌ ادبي اڪيڊمي.
شيخ سلطان ٽرسٽ بلڊنگ.
٢٥ سول لائينز. ڪراچي.

فون نمبر : 5683147، 7782597

ڇاپيندڙ: انجنٽ پريس. ڪراچي.

قيمت: چاليهه رپيا

ارپنا

مان هن ڪتاب تي ڪيل پنهنجي محنت
حاجي لعل بخش شيخ کي ارپيان ٿو،
جيڪو اسان جي خاندان جو وڏڙو آهي.

ستار

ترتيب

	ناشر پاران — ايس- ايم- سونڌي	7
	سرمست سرمد شهيد — ستار	9
1.	سوانح حيات	13
2.	الزامن جو جواب	26
3.	ڪلام	34
4.	زندگيءَ جو فلسفو	37
5.	دنيا جي اصليت	49
6.	اسان جا گناهه	53
7.	شريعت ۽ وهمن جي مخالفت	57
8.	حق جي مٽي	60
9.	اعمال ۽ ان جو ڦل	65
10.	پاڻ سڃاڻ	66
11.	پاڻ سڃاڻ جي حاصلات	69
12.	هيڪلائي	71
13.	ذڪر ۽ تصور	72
14.	متفرق	77
15.	درويش سرمد	78

شاعري:

16.	دنيا جي فنائيت	79
17.	تنبيهه	81
18.	نفس يا من	83

.19	خودي	89
.20	صحبتِ بد	91
.21	بد اعمال	93
.22	شرئيعت	95
.23	عاجزي	96
.24	ترک	97.
.25	عشق و فراق	98.
.26	عبادت	101

ناشر پاران

مشرق جا درويش ٽائي ڪتابي سلسلي طور ڪبير، گرونانڪ، گرو رويداس، سنت ناميديو، سنت دادو ديال، ميران بائي، گوسوامي تلسي داس، سنت تلسي (هاٿرس) سنت پلٽو، سوامي جي مهاراج، سائين بلهي شاهه، سنت دريا صاحب، (بهار واري) سنت چرن داس ۽ حضرت سلطان باهوءَ جن جي سوانح حيات ۽ سندن روحاني تعليمات تي ڪتاب ڇاپي پڌرا ڪيا ويا آهن، جيڪي پڙهندڙن ۾ بيحد پسند ڪيا ويا آهن هي ڪتاب صوفي سرمد جي باري ۾ آهي.

ڪافي عرصو اڳ سنت سنگ (ديره) پاران صوفي فقير سرمد تي انگريزيءَ ۾ هڪ ڪتاب ڇاپيو ويو هو. پر ان کي ٻين ٻولين ۾ ڇپائي نه سگهيا. هيءَ ڳالهه خوشيءَ جوڳي آهي ته فارسي ٻوليءَ جي عالم ۽ پنجابي ادب جي مشهور مصنف ڊاڪٽر جيت سنگهه سيتل، اڳوڻي ڊائريڪٽر ڀاشا و ڀاڳ، سرمد جي زندگيءَ تعليمات جي باري ۾ پنجابي ٻوليءَ ۾ هڪ ڪتاب لکيو. جيڪو عوام ۾ بيحد مقبول ٿيو. اردودان طبقي جي گهرج کي نظر ۾ رکي اهو ڪتاب اردوءَ ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. جيئن اردو ڄاڻڻ وارا ان عظيم صوفي ۽ مالڪ جي سچي عاشق جي ڪلام کي پڙهي ان مان روحاني طور ڪجهه حاصل ڪري سگهن.

سرمد مغل بادشاهه اورنگزيب جي زماني ۾ ٿي گذريو آهي. ملڪ جي هر سچي عاشق جيان سرمد ڪافر ۽ مومن جي مصنوعي ورچ ۾ ايمان نه رکندو هو. هن جي آڏو **ڪافر** مومن، ڪفر ۽ دين جا ويچا ڪا معنيٰ نه پيا رکن. هو قدرت کي قادر جي صورت سمجهندو هو. هو فرد ۽ بشر ۾ بنا مذهب ۽ ملت جي لحاظ کان هڪ خدا جو نور ڏسڻ وارو مست هو.

سرمد هر طرح جي ٻاهرين شريعت کان آزاد هو. هو صرف خدا سان سچي عشق، پيار ۽ بندگيءَ کي ئي سندس حصول جو ذريعو سمجهندو هو. هو انهن صوفي درويشن مان آهي جن شهادت جو پيالو پڻ قبول ڪيو پر حقيقت سان ڪنهن به قسم جي سمجهوتي کي منظور نه ڪيائين. سرمد جو سر وڍيو ويو. صرف ان لاءِ ته هو متعصب ۽ بي جان شريعت جي اباٽي

قيد کي هرگز قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو.

سرمد جو ڪلام رباعيات جي صورت ۾ موجود آهي. رباعي چئين مصراعن جو هڪ ننڍي نظم جو ڪهاڙيتو آهي. جنهن ۾ شاعر هڪ قسم جي خيال جو اظهار ڪندو آهي. ڪنهن بہ هڪ فلسفي جي سيني پاسن کي هڪ ئي رباعيءَ ۾ اظهارڻ ممڪن ناهي. رباعيات جي آڌار تي سرمد جي فلسفي جي واڌ ويجهہ جو اظهار ڪرڻ مشڪل آهي تنهن هوندي بہ فارسي ۽ پنجابي ٻنهي ٻولين جي ڪهري مطالعي جي ڪري ڊاڪٽر جيت سنگهہ سيتل، سرمد جي نظرئي جو ڳهرائيءَ سان غور ڪرڻ ۽ ان درويش جي فلسفي جي بنيادي پهلوئن کي نمايان ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي.

ڪتاب جو اردو ۾ ترجمو ڪرڻ وقت. ٻوليءَ جي خوبصورتي ۽ معيار کي نظر ۾ رکيو ويو آهي ۽ اصل نڪت جي روح کي ترجمي ڪرڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي وئي آهي. هن ڪتاب ۾ چونڊ رباعيات موضوع وار ڏنيون ويون آهن.

اميد آهي تہ هن ڪتاب جي ڇپائيءَ سان روحانيت جي پرستار اردودان طبقي جي جيڪا ڏکهي عرصي کان کهرج هئي. اها پوري ٿي ويندي ۽ ان عظيم درويش جو روحانيت سان تمتار ڪلام ،حق جي ڳولائن جي لاءِ روحانيت جي راهہ ۾ تحرڪ جو ڪم ڏيندو.

ايس- ايم- سوندي
سيڪريٽري
راڌا سوامي ست سنگ بياس

سرمست سرمد

سنڌ جي سدا سهاڳڻ ڌرتيءَ کهڙا کهڙا موتي اپايا آهن. کهڙن کهڙن جوڌن، جوانن، ارڏن، سماج سڌارڪ، نظام بدلائيندڙ، مهان شاعرن، ڏاهن، عظيم صوفي بزرگن کي جنم ڏنو. دنيا ۽ عالم اسلام ۾ ڌرتيءَ جو نالو روشن ۽ قوم جو ڪَرُ اوچو ڪيو آهي.

مولانا قاسميءَ چوائي هڪ پيري رسولِ خدا، پنهنجي مجلس ۾ سنڌ جي سڳنڌ جو ذڪر ڪيو هو. اها سنڌ جي سڳنڌ، مٽيءَ جي مهڪ جا عرب ولايت ۾ واءَ جي جهوٽن سان وڃي پهتي هئي، اُها سڳنڌ اهڙن ئي صوفي بزرگن جي تعليم هئي، جنهن جي شاهدي سنڌ ۽ عرب جي تاريخ اڄ به ڏئي رهي آهي ته ڪيترائي سنڌ جا عالم ۽ استاد، عرب ولايت ۾ وارد ٿيا ۽ 'السنڌي' جي نالن سان مشهور ٿيا. انهن نه صرف اسلامي تعليم جيڪا حقيقت ۾ عرب دنيا مان ڦهلجي سنڌ ۾ پهتي هئي، اها ساڳي تعليم، ورائي عرب واسين کي سنڌي عالمن پڙهائي هئي. انهيءَ حوالي سان سنڌ جا ڪيترائي صوفي بزرگ اڄ به عرب ۽ عجم جي دنيا ۾ مشهور آهن.

اها پڻ حقيقت آهي ته سنڌ ۾ صوفي مت جي آمد عجم يعني ايران ذريعي ٿيندي وئي ٿي، جڏهن سنڌ تي ايرانين حملا ڪري، هتي پنهنجي بادشاهت قائم ڪئي هئي، ته انهن جي صوفي بزرگن جي نڪتين، خاص ڪري شاعريءَ جي اثر ۽ سنڌن صحبت جي اثر ڪري سنڌ ۾ صوفي مت جو ڦهلاءُ ٿيو.

انهيءَ فارس يا ايران کان ڪيترائي صوفي بزرگ، سنڌ ڌرتيءَ تي وارد ۽ پنهنجي حقيقي پرچار سان ماڻهن جي دلين کي موهي وڌو. سنڌن صحبت جي ڪري نه صرف مسلمان، پرتن ڏينهن ۾ هتي جي وڏي آبادي، هندي مت، ٻڌمت ۽ سک مت جا ڪيترائي پيروڪار، ڪانئن متاثر ٿي، سنڌن پوئلڳ ۽ صوفي تعليم جا پرچارڪ بڻيا. اهڙيءَ طرح صوفي سرمد شهيد به سنڌ ۾ ايران مان وارد ٿيو. سندس وڏا اصل ۾ آرمينيا جا يهودي واپاري هئا. جيڪي واپار جي سانگي ايران ۾ وارد ٿيا ۽ ايران جي تجارتي مرڪز ڪاشان ۾ سڪونت اختيار ڪيائون. انڪري سرمد جو جنم ڪاشان ايران ۾ ٿيو. تاريخدانن جي نڪت مطابق سرمد جو اسلامي نالو 'محمد سعيد' ڄاڻايو ويو

آهي. پر سندس يهودي ۽ عيسائي نالن جي پروڙ نہ ٿي پئجي سگهي. چاڪاڻ تہ جيڪڏهن 'سرمد' جنهنجي لفظي معنيٰ 'ازل ۽ ابد کان آزاد' آهي. جيڪو دائم ۽ لافاني آهي. هميشہ زنده جاويد آهي. زمان ۽ مڪان کان پري ۽ الڳ آهي. جيڪو اڻ کٽ. بي حد. سمجهہ ۽ سوچ کان پري آهي. اهو ٻالاپڻ کان ئي يهودي مذهبي ڪتابن جي مطالعي ۽ غور فڪر ۽ وضاحت جي تڪ تور ۾ رهندو هو. چون ٿا تہ ڪيس يهودين جو مذهبي ڪتاب ازبرهو ۽ پوءِ اتي ايران ۾ ئي سندس مذهبي ڄاڻ ۽ حق جي ڳولا ڪندي هو عيسائي بڻجي ويو. عيسائي ٿيڻ کان پوءِ هن وري عيسائيت جو گهرو مطالعو ڪيو ۽ بائيبل تي پوري دسترس حاصل ڪئي. ان هوندي بہ هن ڪي روحاني تسڪين حاصل ڪونہ ٿي ۽ هن ان وقت جي بهترين اسلامي مذهبي استادن ملا صدرالدين شيرازي ۽ ابوالقاسم فندسڪيءِ کان اسلامي تعليم حاصل ڪئي. جيڪي ٻئي آزاد خيال استاد ليکيا ويندا هئا. جن جي تعليم ۽ صحبت سرمد کي صوفي مت جو بغور مطالعو ڪرڻ جي ترغيب ڏني.

سرمد پنهنجي ابائي ڏنڌي واپار سانگي سمنڊ رستي ۱۰۴۲هجري مطابق ۳۳-۱۶۳۲ع ۾ هيندوستان جي صوبي سنڌ جي شهر يا گادي واري هنڌ ٺٽي ۾ پهتو. هتي هڪ رنگين محفل ۾ سندس نظر ان وقت جي گائڪ نالي اڀيچند تي پئي. اڀيچند جو آواز ڏاڍو درديلو هو. جنهن جي ڇڪ سرمد کي اڀيچند ڏانهن مائل ڪيو ۽ ان روح جي روح کي ڇڪ مان سرمد جي دل ۾ عشق اڀرڪي پيو.

نگر ٺاڻ پروچ جو. مادرزجهل مرَ مون.

جڏهن اها پروڙ اڀيچند جي والدين کي پئي تہ هنن اڀيچند کي سرمد سان ملڻ کان جهلڻ لاءِ ڪيس لڪائي ڇڏيو. پر فطرت مطابق معشوق، عاشق کان جدا ٿي نہ ٿو سگهي. پل ڪٿي ڪيترو بہ عاشق کي ستائي. پر هڪ ڏينهن پنهي کي اوڏو اچڻو آهي ۽ ملي هڪ ٿيڻو آهي ۽ اتان کان پوءِ ئي حقيقت ۽ معرفت ڏانهن وڌڻو آهي.

سرمد ٺي سال ٺٽي ۾ رهي پيو هو ۽ ان عرصي دوران اڀيچند سائس ملندو رهيو ۽ سرمد عشق جون منزلون طئہ ڪندو رهيو. آخرڪار هڪڙو اهڙو وقت بہ آيو جو هن کان واپار ڇڏائجي ويو ۽ هو لاطمع ٿي ويو. ان حد تائين جو هن پنهن جي تن تي لباس پهرڻ بہ فضول سمجهيو ۽ ان کان بہ پاڻ کي آجو ڪري ڇڏيائين.

ٽيهہ يا ٽي سال گذارڻ کان پوءِ سرمد جو ڏس لاهور ۾ ملي ٿو ۽ اتان حيدرآباد دکن ۾ اچي وارد ٿيو. هتي سندس عقيدتمندن ۾ اضافو ٿيو ۽ محفلون ٿيڻ لڳيون. جن ۾ سرمد پنهنجون رباعيون پڙهندو هو ۽ کين دنياوي خواهشات ترڪ ڪرڻ جو درس ڏيندو هو. ماڻهو کيس ڪامل درويش ڪري مڃيندا هئا ۽ سندس اگهاڙپ کي درويش جي لاپرواهي سمجهندا هئا. ڪنهن به ڪتاب ۾ ذڪر نه ٿو ملي ته هو لباس ڪان آجو ڪڏهن ۽ ڪيئن ٿيو.

١٦٥۴ع ۾ سرمد دهليءَ وڃي سهڙيو. دهليءَ ۾ پهچڻ کان اڳ ئي سرمد هندوستان ۾ ٻري ٻري تائين مشهور ٿي چڪو هو. انڪري سندس دهلي پهچڻ جي خبر ٻڪرڄي وئي. انڪري امير، وزير، درباري ۽ معزز شهري سرمد سان ملاقات جو شرف حاصل ڪرڻ لاءِ اچڻ لڳا. ان دوران بادشاهه شاهه جهان ۽ شهزادو دارا شڪوا به سرمد جا معتقد ٿي چڪا هئا. نيٺ دارا شڪوا سرمد وٽ نه صرف اچڻ شروع ڪيو پر هو کيس ڪامل درويش ڪري ڄاڻندو هو ۽ سندس خواهش هئي ته سندس والد شاهه جهان به سرمد سان ملاقات جو شرف حاصل ڪري وٺي.

پر چوندا آهن. بندي جي من ۾ هڪڙي، ٻئي جا ڪري صاحب. سو سرمد ۽ دارا شڪوا جي دوستي جيئن ملڪ ۾ مشهور ٿي ته اورنگزيب جيڪو دارا شڪوا جو ننڍو ڀاءُ هو، تنهن کي اها ڳالهه نه آئڙي ته هڪ شهزادو، تخت تاج جو وارث، هڪ اگهاڙي درويش جي ڏيڍي تي هلي وڃي. اها جڻ هندوستان جي تخت تاج جي بيحرمتي ڪئي پئي وڃي. انڪري اول ته دارا شڪوا کي سمجهايائين، پر جڏهن هو نه مڙيو ته هن تخت تي قبضو ڪري، شاهه جهان کي آگري ۾ قيد ڪرايو ۽ دارا شڪوا سان اعلان جنگ ڪيو ۽ نيٺ کيس ملڪ جيون گرفتار ڪري اورنگزيب آڏو پيش ڪيو. جنهن پنهنجي شرعي عدالت مان ڪفر جي فتويٰ حاصل ڪري کيس مارائي ڇڏيو.

دارا شڪوا جي شهادت کان پوءِ اورنگزيب جي ويجهن کيس سرمد خلاف پڙڪائڻ شروع ڪيو. کيس چيائون ته سرمد، دارا کي بادشاهت جي دعا ڪئي هئي. پيو ته هو سڄي هندوستان ۾ ايترو مقبول آهي جو سندس هڪڙي اشاري سان سڄو هند اٿي کڙو ٿيندو ۽ توکي تخت تان لاهي ڦٽو ڪندو.

نيٺ ڪن پريندڙن جي ساري ٿي ۽ اورنگزيب ڪي ڇئي صوفي درويشن، جنهن جي دارا سان رغبت هئي، انهن کي قتل ڪرايو. نيٺ سرمد جو وارو به آيو. پر سرمد جي شهرت ۽ عقيدتمندن جي تعداد کي نظر ۾ رکي، درٻاري شريعت عدالت مان ڪيس هلارائي. هن کي ڪنهن به پر ڏوهي ۽ ڪافر قرار ڏياري، سندس سخت مخالف قاضي ملان عبدالقويءَ کان ڪفر جي فتوي ڏياري. ان لاءِ سرمد تي ٽي الزام مڙهيا ويا. هڪ هو اگهاڙو ٿو رهي، ٻيو ڪلمہ طيب اڌ ٿو پڙهي ۽ ٽيون تہ سرمد حضور صلعم جي معراج کان انڪاري آهي. اهي ٽئي الزام ۽ سڀ کان وڏو الزام تہ سرمد، دارا کي بادشاهي ملڻ جي دعا ڪئي هئي، جنهن لاءِ خود اورنگزيب کانئس پڇيو هو تہ ڇا تو اهڙي پيشنگوئي ڪئي هئي؟ جنهن تي سرمد ورائيس تہ: منهنجي اڳڪتي پوري ٿي آهي ۽ خدا کيس ابدي سلطنت عطا ڪئي آهي.

اهڙيءَ طرح سرمد پنهنجي ٽنهي الزامن جا برجستا جواب ڏنا، تنهن هوندي بہ کيس، سر قلم ڪرڻ جهڙي سزا ڏني ۽ کيس دهليءَ جي جامع مسجد جي آڏو شهيد ڪيو ويو. سندس شهادت ڏسڻ لاءِ سڄو دهلي شهر اٿلي پيو هو. اهڙيءَ طرح هي الله تعاليٰ جو برگزيدو، درويش هن فاني جهان مان عشق جون منزلون طئہ ڪري، وڃي پنهنجي حقيقي محبوب سان ميلو ڪيو. شاهہ لطيف چوائي:

ڪڏهن ڪانہ سُئي، تہ ڪا سگهي گڏي سڄڻين.

آخر ۾ هن ڪتاب جي ترجمي بابت تہ ڪجهہ چوڻو نہ اٿم، اهو اوهان تي حذيل آهي. باقي جيئن اسان هن کان اڳ ڪبيرداس جي زندگي جو احوال ڪتابڙي جي صورت ۾ پيش ڪري چڪا آهيون، ائين سرمد شهيد جي زندگيءَ تي هي ڪتاب پيش ٿا ڪريون. جيڪو سرمد جي باري ۾ چڱي ڄاڻ فراهم ڪندو.

سرمد جي باري ۾ عام ڄاڻ اها آهي تہ هو سنڌي ۽ ٺٽي جو رهاڪو هو. اها ڳالهہ هن ڪتاب مان واضع ٿي ويندي. اميد ٿا رکون تہ جوڳي موٽ ملندي.

ستار

۱۴-ڊي. گلشن ڪمپليڪس ۲.
راشد منهاس روڊ. ڪراچي

۲۷ جولاءِ ۲۰۰۱

سوانح حيات

"ساڌ کي سوپيا ساڌ بن آئي".

(گرو ارجن ديو جي، سک ڌرم) هاٿرس جي مڪمل سَنتَ. حضور تلسي داس صاحب ٻه ٻين صوفي فقراء جيان سرمد کي ٻه خدائي ذڪر (سرت شبداڀياس) جي وسيلي مالڪ سان وصال ڪندڙ ڪامل درويش مڃيو آهي.

منصور، سرمد، بوعلي ۽ شمس، مولانا ٿيا،
سڀ ان راهہ تان پهتا جنهن يقين دل ڪيو.

آگري جو پيارو سَنتَ سوامي جي مهاراج جن پيرن ۽ فقيرن جا نالا ڳڻايا آهن، انهن ۾ سرمد کي ٻه شامل ڪيو اٿس. سرمد پاڻ پنهنجي ڪلام ۾ پنهنجي لاء چيو آهي.

شاهہ و درويش و قلندر ديده اِي،
سرمدِ سرمست و رسوا راٻِين،
زنده ڪس جان نيا شد ديده اِي،
گر نہ ديدستي، بيا مارا بِبين.

مطلب : ڇا ڪڏهن تو بادشاهہ. درويش ۽ قلندر کي ڏٺو آهي؟
جيڪڏهن نہ تہ اڄ بدمست بدنام سرمد کي ڏس.
ڇا ڪڏهن تو جيئندڙ کي بنا ساهہ ڪٺل جي ڏٺو آهي؟
جيڪڏهن نہ تہ اڄ مونکي ڏس.

سرمد جي لفظي معنيٰ آهي "ازل" ۽ "ابد" کان آزاد جيڪو لافاني ۽ دائم آهي، هميشہ زندهہ آهي. جاويد آهي. جيڪو زمان و مڪان کان پري انگ آهي. جيڪو اڻ ڪٿ. بي حد. سمجهہ ۽ سوچ کان پري آهي. اهو سرمد آهي. اهڙو تہ فقط هو خالق ڪائنات. ڪردگار آهي. يا اهڙو انسان ڪامل اهڙين وصفن جو مالڪ ٿي سگهي ٿو. جيڪو پنهنجي مالڪ. ان خالق ڪردگار سان ملي. ان ۾ جذب ٿي. ان جي صورت ٿي چڪو هجي. **هَرڪا سيوڪ سوهَر جيها- ڀيد نہ جانهومانس ديها، (گورو ارجن ديو جي)** هري ۽

جو خدمتگار، سوهريءَ جهڙوئي بيو ڪجهه نه ڄاڻو ماڻهوئا ڪوئي- پنهنجي هستي پنهنجي مولا ۾ فنا ڪري ڇڏيندڙ پيچو درويش، مولا جي ئي ظاهري صورت هوندو آهي. رضوي، سرمد جو شمار اهڙن مجذوب فقراءَ ۾ ڪيو آهي جيڪي هميشه مالڪ ڪل جي ياد ۾ مستغرق هوندا آهن.

سرمد انوکو انسان هو. جيڪو ظاهراً مست مولا. لاطمع بي نياز فقير هو. پر باطن ۾ نفس تي حاوي پئجي روحاني شهنشاهه بڻجي چڪو هو. عظيم حق سان ميل کائي، مذهبي شريعت جي سوڙهي وادي اُکري، مڪمل وحدانيت جي ڪليل آسمان جو آزاد پکي بڻجي چڪو هو. هو پنهنجو روح ۽ جان پنهنجي محبوب جي حوالي ڪري، محبوب جو ئي چڪو هو. وڙي محبوب جي هر شيءِ جو مالڪ بڻجي چڪو هو.

سرمد آرمينا جو يهودي هو. سندس جم ايران جي مشهور تجارتي مرڪز ڪاشان ۾ ٿيو هو. سندس وڏا اول آرمينيا جا رهاڪو هئا. جيڪي پوءِ ايران ۾ اچي سڪونت پذير ٿيا.

ڪجهه تاريخدانن سرمد جو اصل نالو محمد سعيد لکيو آهي. جيڪو هڪ اسلامي نالو آهي. جڏهن ته اها به حقيقت آهي ته سرمد يهودي خاندان جو ڀار هو جيڪو گهڻو وقت پوءِ مشرف به اسلام ٿيو. ان حقيقت ڪي سرمد پاڻ به مڃي ٿو. هو چوي ٿو:

سرمد به جهان بسي، نکو نام شدي،

از مذهب ڪفر، سوئي اسلام شدي.

ترجمو: سرمد تون جڳ ۾ وڏو نيڪ نانءُ ٿئين،

تون ڪفر جو مذهب ڇڏي اسلام ڏانهن متوجه ٿئين.

سرمد جي پيدائش جي تاريخ جي باري ۾ پڪ سان ڪجهه چوڻ ممڪن ناهي. ڪجهه تاريخدانن سندس جم ١٦١٨ع ڄميو آهي. جڏهن ته سرمد ٢٣-١٦٣٢ع ۾ هندوستان ۾ واپار سانگي اچڻ جي ڳالهه به ڄڻي ٿي وڃي. پڪ ئي پڪ هو ١٤-١٥ سالن جي عمر ۾ واپار لاءِ ته هندوستان ته اچي هئا. ايترو به ناهي هو ته هندوستان اچڻ کان اڳ ڪيترن مرحلن مان گذري چڪو هو. هو نه صرف يهودي، عيسائي ۽ اسلام جي مذهبي ڪتابن جو مطالعو ڪري چڪو هو. پر ان دؤر جي اعليٰ پائي جي علماءِ ملا صدر ۽

RIZVI: A HISTORY OF SUFISM IN INDIA V-II P-475

ابوالقاسم فندسڪيءَ کان اعليٰ درجي جي تعليم به حاصل ڪري چڪو هو.

پنهنجي تعليم ۽ تجربي جي آڌار تي هو يهودي مذهب مان اسلام ۾ داخل ٿي چڪو هو. پر ان دؤر جي اعليٰ درجي جي تعليم به حاصل ڪري چڪو هو.

اها ڳالهه پڻ يقين سان چئي ٿي سگهجي ته هن ايران ۾ ڪنهن ڪامل درويش کان باطني ۽ روحاني علمن جا راز حاصل ڪري، مطالعي ۾ ڪافي ترقي ڪري چڪو هو. ڪجهه عالمن جو خيال آهي ته سرمد هندوستان پهچڻ کان پوءِ شيخ پيڪڻ يا پيڪا صاحب مان ڪنهن به هڪ کي پنهنجو مرشد اختيار ڪيو. پر اها ڳالهه صحيح نه ٿي ڀاسي ڇو ته پيڪڻ صاحب سرمد کان اڳ ١٥٧۴ع ۾ هي جهان ڇڏي چڪو هو ۽ پيڪا صاحب جو جنم سرمد جي شهادت ١٦٦٠ع کان گهٽ پوءِ ١٧١٣ع ۾ ٿيو. انڪري وڌيڪ امڪان ان خيال جا آهن ته هن هندوستان اچڻ کان پهرين ايران ۾ ئي ڪنهن مرشد وٽ پناهه ورتي هجائين. تنهنڪري هو هندوستان حق جي تلاش خاطر نه پر هڪ ڪامل درويش جي صورت ۾ پهتو هوندو ۽ سندس عمر چاليهه ورهين کان به وڌيڪ هجي ته ان ۾ ڪا حيرانگي ناهي. انڪري جيسين پوريون حقيقتون نه ٿيون ملن. سندس جنم جي تاريخ بابت ڪجهه به نه چوڻ ئي مناسب ٿيندو. رضوي صاحب به سرمد شهيد جي پيدائش جي تاريخ جي باري ۾ ماٺ آهي.

يهودين جي رواج پٽاندر سرمد کي ٻالپڻ کان ئي يهودي مذهبي ڪتابن جي مطالعي، غور ۽ فڪر ۽ وضاحت جي ٽڪ ۾ هوندو هو. ڇيو وڃي ٿو ته هن يهودين جو مذهبي ڪتاب "توريت" برزبان ياد ڪري ورتو هو. ڪيس سامي مذهبن جي مذهبي ڪتابن جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ جو شوق هو. هن انجيل ۽ ٻين عيسائي مذهبي ڪتابن جو بغور مطالعو ڪيو هو. پر سندس مذهبي ڪتابن جي مطالعي ۽ پيٽ ڪرڻ جي اڃ نه اجهائي. انڪري سرمد اسلامي ۽ پارسي مذهبي ڪتابن جو گوڙهو اڀياس ڪيو.

دبستان مذاهب (صفحو ١٩۴) تي سرمد جي مسلمان استادن جو حوالو ڏيندي لکيو آهي ته سرمد ڪافي خوش قسمت هو جو کيس عربي ۽ فارسي علم جي تحصيل جي لاءِ ملا صدر ۽ ابوالقاسم فندسڪي جهڙا اعليٰ درجي وارن استادن کان علم حاصل ٿيو. ملا صدرالدين شيرازي عوام ۾ ملا

يهودي، عيسائي ۽ اسلامي مذهبن کي سامي مذاهب چوندا آهن.

صدر جي نالي سان مشهور هو. هو هڪ عظيم مذهبي رهنما ۽ آزاد خيال مفڪر هو. اهڙيءَ طرح ابوالقاسم فندسڪي وفات ١٦٤٠ع به پنهنجي زماني جو جيد عالم هو.

هينسن [١] جي مطابق اهي ٻئي عالم نه صرف اسلامي تعصب کان آزاد هئا پر انهن تي پدمت ۽ پارسي مت جو به گهرو اثر هو.

اهڙن آزاد خيال استادن جي صحبت حاصل ڪري سرمد جي سوچ جو دائرو وسيع ٿي ويو. هن جو روح ذاتي روحاني تجربو حاصل ڪرڻ لاءِ بي قرار ٿي ويو ۽ هو دين اسلام ۾ داخل ٿي ويو. شريعت جا غلام تنگ دل ۽ ڪٽر متعصب ملن جي اسلام ۾ نه پر فراخدل صوفين جي نظريئي ۽ تصور جي ان اسلام ۾ جيڪو ٻاهرين شريعت جي بجاءِ. نيڪ اخلاق، پاڪيزگي ۽ ڪلمهءِ الاهي يا نامِ حق جي باطني ياداشت تي زور ڏيندو هو. هن بي شمار مذهبي ڪتابن جو مطالعو ڪيو هو. ان سان گڏ دل جي ڪتاب کي به پوري توجهه سان پڙهيو هئائين. پنهنجي آزاد خياليءَ جي ڪري هو نه صرف اسلامي ۽ پارسي مذهب ئي پر هندو ڌرمي ڪتابن جو بغور اڀياس ڪيو هو. دراصل هن تي سڀ کان وڌيڪ اثر صوفي ادب ۽ صوفي علماءَ جو ٿيو.

سرمد دين اسلام اختيار ڪرڻ ۽ هندوستان اچڻ کان اڳ. ڪاشان [٢] ۾ پنهنجي خانداني پيشي. واپار سان وابسته هو. سندس هندوستان اچڻ جو سبب به واپار ۾ واڌارو ڪرڻ ۽ وڌ کان وڌ نفعو حاصل ڪرڻ هو. هو پهريون آرمينيا ۽ هندوستان. پوءِ ايران ۽ هندوستان ۾ خشڪ ميوو ۽ ايراني قالين وغيره کڻائيندو هو ۽ جواهرات، سون، چاندي، ٽامي ۽ پٽل جا ٿانءَ. ململ ۽ ريشم کڻائي وڪرو ڪندو هو. ايران ۽ هندوستان جو واپاري رستو سنڌ مان لنگهندو هو. جتي ٺٽو هڪ مشهور واپاري مرڪز هو. سرمد کي واپار جي ڇڪ هندوستان مان ٺٽي وٺي آئي.

مشهور تاريخي ڪتاب "اقبال نامهءِ جهانگير" جو ليکڪ متعمد خان. سرمد کي لاهور ۾ ١٠٤٤هجري ٣٥-١٦٣٤ع ۾ مليو هو. ان جي سوانح جي مطابق. مجمع الافڪار جو سهيڙيندڙ لکي ٿو ته سرمد سمنڊ جي رستي ١٠٤٢ هجري ٣٣-١٦٣٢ع ۾ ٺٽي هندوستان ۾ پهتو.

سرمد جي ٺٽي پهچڻ تي سندس زندگيءَ ۾ هڪ وڏو واقعو پيش

---

(١) هينسن: دي بڪاڪ ترون. صفحو ٢٨٨

(١) ڪاشان انهن ڏينهن ۾ هندوستان. ايران ۽ عراق جي شاهراهه تي هڪ واپاري مرڪز هو.

آيو.هتي سندس ملاقات هڪ سندس مريد ابيچند سان ٿي جيڪو پوء سڄي عمر هن سان پاڇي جيان گڏ رهيو. سرمد جڏهن پهريون ڀيرو ابيچند سان مليو ان وقت هو هڪ محفل ۾ ڪلام ٻڌائي رهيو هو. ابيچند جي آواز ۾ انتها درجي جو درد سمايل هو ۽ هن جي لفظن ۾ جادؤ جهڙي ڇڪ هئي. سرمد جي دل ۾ ابيچند جي عشق جو چشمو اڀڙڪي پيو. سرمد جو ابيچند ڏانهن خاص لاڙو ۽ جهڪاءُ ٿيڻ لڳو ۽ ابيچند سندس رحمت جو خاص حقدار بڻجي ويو.

پهرين پهرين ته ابيچند جي والدين کي پنهنجي پٽ سان سرمد جي ويجهڙائي پسند نه آئي ۽ ابيچند کي سرمد کان لڪائي ڇڏيو پر جڏهن کين سرمد جي نيڪدليءَ جي پڪ ٿي وئي، پوءِ هنن سوين شادمانن سان پنهنجي پٽ کي ان درويش مان فائدو حاصل ڪرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي. (١)

درويش جي رمزن کي ڄاڻڻ ڪافي مشڪل آهي. ظاهر ۾ ته سرمد ابيچند ڏانهن مائل نظر ايندو هو. دراصل اهو هن جو ابيچند کي پاڻ طرف ڇڪڻ يا توجهه ڪرڻ جو هڪ طريقو هو. هڪ صوفي درويش لکي ٿو ته : عشق اول دردلِ معشوق پيدا مي شود. يعني "عشق اول محبوب جي دل ۾ پيدا ٿئي ٿو." ۽ پوءِ عاشق جي دل ۾. حضرت بو علي قلندر فرمايو ته:

گر ترا از عشق او باشد خبر.

از تو مشتاق است او مشتاق تر.

معنيٰ جيڪڏهن توکي ان جي محبت جي پروڙ پئجي وڃي ته، هو توکي خبر پوي ته توکي توکان ڪيترو وڌيڪ محبت ڪندو آهي.

سنتن ۽ فقيرن جي زندگيءَ جا حالات پڙهي حيراني ٿيندي آهي، ته ڪيئن هو ڏکيا سفر طئي ڪري پنهنجي روحن تائين پهچندا هئا ۽ پنهنجي مريدن جي دلين ۾ عشق پيدا ڪندا آهن. روحانيت جو هي قانون اٽل آهي ته جڏهن مريد تيار ٿيندو آهي ته مرشد پاڻ مرادو هن وٽ پهچي ويندو آهي، اهڙيءَ طرح ئي سرمد ابيچند وٽ پهچي ويو ۽ هنهي ۾ پاڪ روحاني ڳانڍاپو جڙي ويو.

سرمد جو پنهنجي مريد سان پاڪ عشق جي تصديق لڳ ڀڳ سڀني تاريخدانن ۽ ليکڪن ڪئي آهي. سرمد جو ابيچند سان اهڙو ڳانڍاپو هو

1. RIZVI: A HISTORY OF SUFISM IN INDIA V-II P-476

جهڙو هڪ مڪمل جوڳيء جو پنهنجي چيلي سان هوندو آهي.[1] يا هڪ والد جو پنهنجي پٽ سان هوندو آهي[2]. "مجمع الافڪار" جو مصنف لکي ٿو: "سرمد جي سچي عشق جو نوجوان ابيچند تي بہ ڪرشماتي اثر ٿيو. مرشد جي صحبت ۾ اچڻ ڪان جلد ئي پوء هن پنهنجي پائرن سان ناتا ختم ڪري ڇڏيا ۽ سرمد وٽ اچي سندس پوئلڳ بڻجي پيو" [3].

سرمد سان ملاقات کان اڳ بہ ابيچند جي زندگي ڪافي بااصول هئي. سندس دل ۾ روحانيت جي علم حاصل ڪرڻ جي شديد تمنا هئي. ڪيس بالاپڻ ۾ ئي شاعريء جو شوق هو ۽ سندس ڪلام ۾ روحانيت جي جهلڪ هئي. سرمد جي نٿي اچڻ ڪان اڳ ئي هو محفلن جو مور بڻجي چڪو هو. مرشد جي اچڻ ۽ ملاقات، سون تي سونهن جو ڪم ڪيو هن جي دل ۾ دفن روحانيات جي چڻنگ پڙڪي عرفان جي لاٽ جي صورت اختيار ڪري ورتي ۽ سندس زندگي ۽ ڪلام کي ان روشنيء ۾ چمڪائي ڇڏيو. عشقِ مرشد کيس مرشد جي صورت جهڙو بڻائي ڇڏيو.

دَبستانِ مذاهب صفحو ١٩٥ جي مطابق ابيچند پنهنجي مرشد جي مدد سان ڪيترن ئي روحاني ڪتابن جو مطالعو ڪيو. سرمد ڪيس يهودي بائيبل (پوراڻو عهدنامو) جا پهريان پنج سبق ۽ يهودي دعائون بہ پڙهايون ۽ سيکاريون. دَبستانِ مذاهب جي پهرين باب (جينسز) جو جيڪو فارسي ترجمو ڏنل آهي، اهو ابيچند جي قلم جوئي ڪرشمو هو. پروفيسر اسيريء سندس ڪلام مان جيڪو وقت جي ڏير ۾ دبجي ويو هو. دبستانِ مذاهب ۾ شامل هينين شعر جو حوالو ڏنو آهي جنهن مان سندس نيڪ ۽ پاڪ روحاني جذبن جي تصوير صاف نظر اچي ٿي.

هم مطيع فرقانم، هم ڪيششِ رهبانم.

ربيء يهود انم، ڪافرم، مسلمانم.

يعني : مان قرآن جو بہ فرمانبردار آهيان، عيسائين جو بہ هم مذهب آهيان، يهودين جو بہ واعظ آهيان، ڪافر بہ آهيان، مسلمان بہ آهيان.

ان جي مراد هي آهي تہ اسان وٽ فقيريء جي دولت آهي، اسان جي اندر ۾ روح جي چڪ آهي، اسين يهودي بہ آهيون ۽ مسلمان بہ آهيون.

---

(١)هينسن : دي پيڪاڪ ٽرون. صفحو ٤٠١

٢) اسيري : فضل محمود. رباعيات سرمد. صفحو ٧

(٣) مجمع الافڪار: اڻ ڇپيل قلمي نسخو. باقي پور لائبريري

مرشد ۽ مريد، گرو ۽ چيلي جي عشق جو ڳانڍاپو دنيا ۾ مشهور آهي، پائي گورداس عاشق ۽ محبوب جي عشق کي سڄي دنيا ۾ مشهور ۽ هر زبان تي هجڻ جي تصديق ڪري ٿو. عشق سيني گناهن، طلب، تمنا ۽ دنياوي خواهشات کي فنا ڪري ٿو ڇڏي ۽ سدائين قائم ٿو رهي.

سرمد ٻه سال ٺٽي ۾ گذارڻ کان پوءِ لاهور هليو ويو. مُعتمد خان 'دبستان' جو ليکڪ، سرمد سان ١٦٣٤ع ۾ لاهور ۾ مليو پر هو اهو نه ٿو ٻڌائي ته سرمد لاهور ۾ ڪيترو عرصو ترسيو.

مُعتمد خان هي ضرور لکيو آهي ته لاهور جي رهواسين ۾ سرمد بيحد مقبول هو. مختلف خيالن جا ماڻهو هن جي چوگرد رهندا هئا. هن لکيو آهي ته : "مان سرمد سان لاهور جي هڪ باغ ۾ مليو هوس، هن جي جسم تي ڏکيا گهنڊيدار وار هئا ۽ هن تي روانيءَ سان شعرن جو نزول ٿيندو هو. هو صاف فارسي زبان ڳالهائيندو هو."

لاهور ۾ ترسڻ دوران سرمد جي ملاقات بادشاهه شاهه جهان سان ٿي يا نه، ان باري ۾ ڪابه شهادت نه ٿي ملي. جيتوڻيڪ بادشاهه شاهه جهان جي درٻارين بابت سرمد سان ميل ملاقات جي شهادت ملي ٿي. لاهور ۾ ترسڻ دوران سرمد جو ذڪر شاهه جهان وٽ ضرور ٿيو هوندو.

سرمد ٣٤-١٦٣٣ع ۾ لاهور ۾ ترسيل هو، ان کان پوءِ ١٦٤٦ع تائين هن جي ڪابه پروڙ نه ٿي پوي، جو ته ١٦٤٦ع ۾ هو حيدرآباد دکن وڃي پهتو هو. اَسيريءَ جي چواڻي ته: "حيدرآباد جي سفر دوران ڇا هو دهلي ۽ آگري ۾ به رهيو هو؟ ان ڳالهه بابت ڪٿي به ڪو ذڪر نه آهي. جيڪڏهن هو دهليءَ ۾ ترسيو هجي ها ته هو بادشاهه يا شهزادي دارا شڪوا جي نظر ۾ نه آيو هو. جيتوڻيڪ دارا شڪوا پنهنجي صوفي خيالات جي ڪري، هر صوفي درويش يا ساڌو سنت جي ڳولها ۾ رهندو هو. تڏهن دارا شڪوا جيڪڏهن سرمد سان گڏيو هجي ها ته هو پنهنجي ڪتاب 'سڪينة لاولياءَ' ۾ ضرور سندس ذڪر ڪري ها. هن اهو ڪتاب ١٦٣٩ع ۾مطابق ١٠٤٩ هجري ۾ لکي مڪمل ڪيو هو. ان مان اهو ٿو ثابت ٿئي ته دارا جي سرمد سان ملاقات سندس حيدرآباد دکن مان موٽڻ وقت ٿي آهي ۽ هو سرمد جو قدردان ۽ عقيدتمند بڻجي ويو."[1]

سرمد جڏهن حيدرآباد دکن پهتو ته عبدالله قطب شاه (١٦٧٢ع مطابق

---

(١) اسيري : فضل محمود، رباعياتِ سرمد، صفحو VII-VIII

۱۰۸۳هہ) گولڪنڊه جو بادشاهہ هو ۽ شيخ محمد خان هن جو وزير هو. 'دبستان مذاهب'[1] جي حوالي مطابق خبر ٿي پوي تہ بادشاهہ ۽ وزير ٻئي سرمد جا معتقد ۽ قدردان هئا.

حيدرآباد ۾ هر روز سرمد وٽ ڪچهري ٿيندي هئي؛ سندس عقيدتمند هن وٽ هر روز حاضر ٿيندا هئا. سرمد سيني جي آڏو پنهنجون رباعيون پڙهندو هو. جن مان دنياوي خواهشات کي ترڪ ڪرڻ جو سبق ملندو هو. هن دنيا ۽ ان جي مال و دولت، عزت ۽ شهرت، دوست احباب جي فاني هجڻ کان آگاهي هوندي هئي ۽ حق سان ميلاپ جي تڙپ ٿيندي هئي. ماڻهو سندس شيدائي هئا. سرمد جي شهرت قطب شاهہ جي سلطنت کان ٻاهر پري پري تائين پکڙجي وئي. ماڻهو کيس هڪ ڪامل درويش ڪري مڃيندا هئا ۽ سندس اگهاڙپ کي درويش جي لاپرواهي سمجهندا هئا.

سرمد حيدرآباد ۾ رهڻ کان پوءِ دهليءِ پهتو. سرمد حيدرآباد ۾ ڪيترو عرصو رهيو ۽ دهليءِ ڪڏهن پهتو ان جي باري ۾ ڪابہ ڳالهہ پڪ سان چئي نہ ٿي سگهجي. رضويءِ مطابق هو ۱٦۵۴ع تائين دهليءِ ۾ پهچي چڪو هو. تيستين سرمد پوري هندوستان ۾، هڪ عظيم صوفي، درويش ۽ آزاد خيال مفڪر جي طور مشهور ٿي چڪو هو.

چيو وڃي ٿو تہ سرمد کي ان ڳالهہ جو احساس هو تہ هو حيدرآباد کان دهليءِ پنهنجي اصل آرامگاهہ يا قتل گاهہ ڏانهن وڃي رهيو آهي. جتي سندس پنهنجي محبوب، خدا سان وصال ٿيندو، کيس ان ڳالهہ جو بہ علم هو تہ هو هاڻ فريدالدين عطار وانگر جلاد جي وسيلي خدا جو آمهون سامهون ديدار ڪندو. کيس اها بہ خبر هئي تہ هو منصور حلاج جيان شهادت جو رتبو حاصل ڪرڻ وارو آهي. هو پنهنجي هڪ رباعيءِ ۾ اهڙن ٿيڻ وارن واقعن ڏانهن هن ريت اشارو ڪري ٿو:

ماسرِ خود راچون ڪوهہ و زره پادانستہ ايم.
شهرِ دهلي را بہ شانِ ڪربلا دانستہ ايم.
رفتہ منصور از قصا و رفت سرمد نيزهم.
دارها را از عطائي ڪبريا دانستہ ايم.

---

(۱) دبستان مذاهب جو ليکڪ صفحي ۱۹٦ تي لکي ٿو تہ ۱٦۴۹ع ۾ هن مير جملہ کي دعا ڏني هئي، جا سچ ثابت ٿي هئي.

ترجـــمـــو: ســـر کي پنهنجي خـــاڪ ۾ ذرو ڄـــاتوســـون.
دهليءَ جي شـــهـر کي مـثل ڪربلا ڄـاتوسـون.
ويو منصور قضا سان تہ سرمد بہ ويندي ڄاڻو.
دار و رســن کي هڪ عطاءِ ڪبريا ڄاتوسون.

سرمد جي دهلي پهچڻ کان اڳ ئي سندس شهرت اتي پهچي چڪي هئي. دهليءَ واسي سندس اچڻ جا منتظر هئا ۽ سندس نظر لاءِ بيتاب هئا. جيئن وچي ٿو تہ سندس دهلي پهچڻ سان ئي ماڻهن جا هجوم سندس ديدار واسطي اچڻ لڳا. برنير هڪ فرانسيسي ڊاڪٽر هو. جيڪو سرمد جي دهليءَ ۾ رهائش وقت اتي ئي رهندو هو. هن ســرمــد کي دهليءَ جي گــهــٽــين ۾ ڪيترائي ڀيرا اگهاڙو گهمندي ڏٺو هو. (١) برنير جي چوائي تہ : "سرمد کي اورنگزيب جي فرمانن ۽ دڙڪن جي پرواهہ نہ هئي."

پوري دهليءَ جي شهر ۾ سرمد جي اچڻ جي خبرڦهلجي وئي بادشاهہ جا درباري، امير، وزير ۽ معزز شهري بہ سرمد جي ديدار لاءِ اچڻ لڳا. شاهہ جهان ۽ دارا شڪوه بہ سرمد جا معتقد هئا. دارا شڪوا مشهور قادري ملا شاهہ ڪشميريءَ جو مريد هو.(٢) پر هو ميان مير ۽ ٻين صوفي بزرگن جي بہ عــزت ڪندڙ هو. هو ســرمــد کي بہ هڪ ڪامل درويش جي صــورت ۾ سمجهندو هو. دارا شڪوا اڪثر سرمد جي محفل ۾ ويندو هو. سندس تمنا هئي تہ سندس والد شهنشاه شاهہ جهان کي بہ ان ڪامل درويش جو ديدار نصيب ٿئي.

شهزادو دارا شڪوا مستقبل قريب ۾ هندوستان جو بادشاهہ ٿيڻ وارو هو. شهزادي جو فقير جي نڪاڻي تي وڃڻ ائين هو ڄڻ دنياوي تخت و تاج درويش جي دربار ۾ حاضري ڀيو پري. پر ان سان دارا ۽ سـرمـد جي دوســتي پختي ٿي ۽ سڄي ملڪ ۾ مشـهـور ٿي وئي. ان کان پوءِ سندن اها شهرت سندن جان جي لاءِ عذاب ٿيجي پئي. جو تہ جڏهن اورنگزيب بادشاهہ ٿيو تہ هن پنهنجي مخالفن مان سڀ کان پهرين دارا ۽ سرمد کي ختم ڪرڻ لاءِ سوچيو.

بادشاهہ شاهہ جهان جي آگري هليو وڃڻ کان پوءِ ۽ اورنگزيب جي ظلم و جبر کان پوءِ. پنهي ڀائرن ۾ تخت جي حاصلات لاءِ خانہ جنگي

(١) برنير ٽريولز - صفحہ ٣١٧

RIZVI: A HISTORY OF SUFISM IN INDIA V-II P-122 (٢)

شروع ٿي وئي. شجاع دارا شڪوا جي پٽ سليمان شڪوا کي شڪست ڏني، اورنگزيب ۽ مراد ملي جلي دارا جي پويان پيا. دارا ويچارو، بي سهارو، ڏکويل، بستي بستي، صحرا صحرا رلندو رهيو. نيٺ ڪيس ملڪ جيون گرفتار ڪري اورنگزيب جي حوالي ڪري ڇڏيس.

سياست جي دنيا ۾ دارا اورنگزيب جو دشمن هو. دوست يا ڀاءُ نه هو. اورنگزيب پنهنجي دستور مطابق شرعي عدالت کان دارا جي خلاف ڪفر جي فتويٰ حاصل ڪري ڪيس مارائي ڇڏيو.

دارا شڪوا جي مرڻ کان پوءِ مخالف اورنگزيب کي سرمد جي خلاف ۽ ڪيس ختم ڪرائڻ لاءِ ڀڙڪائڻ لڳا. هنن اورنگزيب کي خبردار ڪندي چيو ته : سرمد اڄڪلهه ايترو مشهور ۽ مقبول آهي جو سندس هڪڙي ئي اشاري يا ٻول تي سڄو دهلي شهر اٿي کڙو ٿيندو ۽ ماڻهو باغي ٿي بادشاهه کي تخت تان لاهي ڦٽو ڪندا. هنن اها به چغلي هنئين ته سرمد، دارا کي بادشاهت جي دعا ڪئي هئي، هنن ڀي خبرن کي کهڙي پروڙ ته سرمد دارا کي روحاني بادشاهت جي بشارت ڏني هئي نه ئي هن فاني دنيا جي بادشاهت جي.

دارا کي هندوستاني فلسفي ۽ روحاني ادب سان خاص دلچسپي هئي. اهو شوق به سندس موت جو هڪڙو سبب هو. سرمد جي صحبت دارا کي هڪڙو حقيقي انسان بنائي ڇڏيو هو. هو سرمد کي تعظيم خاطر پير ۽ مرشد ڪري مخاطب ٿيندو هو ۽ پنهنجا ڏک سور پنهنجي مرشد سان سليندو ۽ ونڊيندو هو. سندس هڪ خط جو ترجمو:

پير و مرشد،

مان روزانو اوهان جي ديدار جو ارادو ڪريان ٿو پر اهو پورو نه پيو ٿئي. جيڪڏهن واقعي 'مان' ئي آهيان ته منهنجو اهو اڻختو ارادو پورو ڇو نه ٿو ٿئي ۽ جيڪڏهن مان ڪجهه به نه آهيان ته پوءِ منهنجو ڪهڙو ڏوهه آهي؟ جيڪڏهن حضرت حسين رضه جو قتل خدا جي مرضيءَ مطابق ٿيو آهي ته حضرت حسين رضه جو قاتل سمجهيو ويندڙ يزيد ڪير ٿيندو آهي؟ پر جيڪڏهن اهو قتل خدا جي مرضيءَ سان نه ٿيو آهي ته ان ڳالهه جو ڪهڙو مطلب ٿيندو ته : "خدا جو ڪجهه چاهيندو ٿئين ڪندو آهي." جڏهن رسولِ خدا حضرت محمد صلعم جن ڪافرن جي خلاف جنگ ڪندا هئا ته اسلامي فوج کي شڪست ڇو پيش ايندي هئي؟ عالمن جو چوڻ آهي ته اهو هڪ

سبق هو، پر جيڪي پاڻ ڪامل هجن انهن جي لاءِ تعليم ۽ سبق جي ڪهڙي ضرورت؟"

دارا شڪوا ان ڪامل درويش کان مڙئي شڪ شبها ختم ڪرائيندو هو ۽ سندس ڪيترائي شڪ ختم ٿيا. سرمد کيس صرف سندس محبوب خدا جي ياد ۾ مگن رهڻ جو سبق ڏنو. سرمد ان مٿئين خط جو جواب صرف ٻن جملن ۾ ڏنو:

"منهنجا پيارا دوست، جيڪو ڪجهه اسان پڙهيو آهي، وساري چڪا آهيون، سواءِ پنهنجي محبوب جي ذڪر جي، جنهن ۾ اسين هر وقت مگن رهون ٿا."

سرمد جي جواب سان هي شعر لکي ٿو اچي:

ما قصهء سڪندر دارا نہ خواندہ ايم،

ازما بجز حڪاياتِ مهرو وفا مهرس.

معنيٰ: اسان سڪندر ۽ دارا جو قصو پڙهيو ناهي،
اسان کان پيار ۽ محبت جي ڪهاڻيءَ سوا ڪجهه نہ پڇو.

دارا جي دربار درويشن، صوفين ۽ عالمن سان ڀريل رهندي هئي، دارا هنن سان علمي خيالن جي ڏي وٺ ڪندو هو ۽ سندن صحبت مان لطف اندوز ٿيندو هو ڪيس سلطنت جي معاملات جو فڪر ئي نہ هوندو هو نيٺ ڪيس ان لاپرواهيءَ جي وڏي قيمت ادا ڪرڻي پئي. شاهہ جهان جي بيماري ۽ قلعہ آگري ۾ قيد ڪرڻ سان حالتون ئي بدلجي ويون هيون ۽ اورنگزيب پنهنجي سياست ۽ طاقت سان تخت تي قابض هو.

اورنگزيب صرف دارا جي ئي خلاف نہ هو، جنهن جو ٻہ دارا سان لاڳاپو هو يا جيڪو بہ دارا جو هم خيال هو پوءِ اهو صوفين جي ڪهڙي بہ سلسلي جو پوئلڳ هو اهو واجب القتل هو. دارا سان تعلق رکندڙ سيني صوفين کي قتل ڪرائڻ کان پوءِ اورنگزيب جي هاٿي نظر سرمد تي هئي.

سرمد جي وڌندڙ شهرت ۽ عظمت، سندس محفل جي وڌندڙ رونق ۽ عقيدتمندن جي عقيدت، متعصب ملن، شرعي عالمن ۽ ساڙيلن درٻارين جي اک ۾ ڪنڊو ٿي چڀڻ لڳي. هو سرمد کي بادشاهہ جي نظرن ۾ هڪ باغي ۽ خطرناڪ ماڻهوءَ جي طور پيش ڪرڻ لڳا. هو سرمد جي هر عمل کي ڪفر ثابت ڪرڻ لڳا تہ ڪفر جي فتوا ڏئي هن کي ملزم ۽ قابل قتل قرار ڏجي.

قاضي ملان عبدالقوي سرمد جو سخت مخالف ۽ جاني دشمن هو. هن پنهنجي سموري طاقت سرمد جي خلاف لڳائي. صوفي سرمد جي خلاف شرعي ملن هيٺيان ٽي الزام لڳايا:

١. سرمد اگهاڙو ٿو رهي، جيڪو اسلامي شريعت جي اصولن جي خلاف آهي.

٢. سرمد ڪلمه پاڪ اڌ پڙهندو آهي پورو نه ٿو پڙهي، هو صرف 'لااله'، ڪلمي جو هڪ حصو ٿو پڙهي، جنهن جو مطلب آهي ته 'ناهي عبادت جي لائق' ان جو مقصد اهو ٿيو ته سرمد ذاتِ الاهي کان منڪر آهي.

٣. سرمد رسول الله حضرت محمد صلعم جي شبِ معراج کان به منڪر آهي. شبِ معراج ۾ حضرت محمد صلعم الله تعاليٰ جي ديدار لاءِ ستين آسمان تي ويو هو.

انهن الزامن گهڙڻ ۾ وڏو هٿ اعتماد خان ملان قويءَ جو هو. هو اورنگزيب جو پيارو درباري هو. ڪيس پنهنجي منصب تي وڏو ناز هو. هو ڏاڍو مغرور هو. هو الله جي ٻانهن ۽ عارفن جي ڪابه پرواهه ئي نه ڪندو هو ڪيس ڪنهن به ٻئي جي شهرت برداشت نه ٿيندي هئي. ملان قوي ۽ سندس خوشامدڙين اورنگزيب جا ڪن ڀرڻ شروع ڪيا. هو ته پهرين ئي سرمد جي رت جا اڃارا هئا. هنن سرمد تي اگهاڙپ جو الزام مڙهيو. جڏهن سرمد کي اها خبر پئي ته هن هيءَ رباعي پڙهي:

آن ڪس ڪه ترا تاج جهان باني داد،
مارا همه اسبابِ پريشاني داد.
پوشانه لباس هر ڪرا عيبي ديد،
بي عيبان با لباس عرياني داد.

معنيٰ: جنهن توکي هي تاج سلطاني ڏنو آهي.
انهيءَ اسان کي هي سڀ پريشانيءَ جو سامان ڏنو آهي.
جيڪي عيبدار آهن انهن کي مالڪ نباس سان ڍڪي ٿو.
مون جهڙن بي عيبن کي اگهاڙپ سان نوازي ٿو.

درويش پنهنجي موج جا مالڪ هوندا آهن. هو رب جي رضا سان ڳنڍيل رهندا آهن. انڪري جڏهن به مناسب خيال ڪندا آهن ته ٻوءِ ٻوليندا آهن ۽ ڪندا آهن. هنن تي ٻاهرين دنيا جا قانون لاڳو ڪرڻ ڪم عقلي آهي.

هنن لاءِ سوين پردن ۾ رهندڙ زناڪار بدڪار دنيادار اگهاڙو آهي. پر بلڪل بنا پردي پاڪ فقير رباني رحمت جي ان چادر ۾ ويڙهيل هوندو آهي. جيڪا انساني نظر جي ڏيک کان پري آهي. انڪري سرمد پنهنجي اگهاڙپ جو هي سبب ٻڌائيندو هو ته منهنجي مؤلا جي اهائي مرضي آهي.

مولانا ابوالڪلام آزاد سرمد جي اگهاڙپ کي هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي: "سرمد جي اگهاڙپ سندس دنياوي لاڳاپن کي ترڪ ڪرڻ جو ظاهري اشارو هو ۽ سندس انتهائي مسڪيني جذبي ۽ عاجزيءَ جو نشان هو."

حاسدن ۽ دشمنن سرمد تي هي به الزام مڙهيو ته هن دارا کي تخت و تاج ۽ سلطنت ملڻ جي دعا ڪئي هئي.

اورنگزيب پاڻ سرمد سان مخاطب ٿيندي چيو ته: "تو پيشنگوئي ڪئي هئي ته بادشاهه شاهجهان کان پوءِ دارا دهليءَ جي تخت شاهيءَ تي ويهندو پر هاڻ تنهنجو پيارو دارا ڪٿي آهي؟"

سرمد پر رمز لهجي ۾ وراڻيس : "الله تعاليٰ کيس لافاني تخت ۽ ابدي سلطنت عطا ڪئي آهي. منهنجي اڳڪٿي غلط ثابت نه ٿي".

سرمد وڏي دليريءَ سان وراڻيس: "تون دارا کي ڏسي نه سگهندين جو تو سلطنت تي قبضو ڄمائڻ لاءِ پنهنجي ئي پاءُ جو ساهه ورتو آهي. ان کانسواءِ ٻيا به ڪيترائي ظلم و ستم ڪيا اٿئي."

ملان قاضي ۽ اورنگزيب ڄاڻندا هئا ته اگهاڙپ جي ڏوهه ۾ سرمد کي قتل نه ٿو ڪرائي سگهجي انڪري وڏيڪ الزام هڻي سرمد کي وڏي قاضيءَ، ملان قويءَ جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو. سرمد کي اورنگزيب ۽ ملان قويءَ جي بدنيت جي ته ڄاڻ هئي. انڪري هن ملان جي عدالت جي ڪابه پرواهه نه ڪئي ۽ هن پاڻ کي بيتصور ۽ بيگناهه چيو.

الزامن جو جواب

١. سرمد تي پهريون الزام اگهاڙپ جو هو. مذهب اسلام ۾ اگهاڙپ جي ڪٿي بہ منع ناهي. پيغمبر اشعيا عهدِ پيريءَ ۾ اگهاڙا گهمندا هئا.

هينسن لکي ٿو تہ: دشمنن جي نظرن ۾ صرف سرمد ئي اگهاڙو هو. جڏهن تہ ڪيترائي اگهاڙا ساڌو فقير دهليءَ جي گهٽين ۾ ڦرندا هئا. پر اهي دارا جا ساٿي نہ هئا. دراصل سرمد جي مخالفن جو اصل مقصد حسد ۽ بدلو هو پر بهانو سرمد. جي اگهاڙپ کي بڻايو ويو ورنہ نٿي. لاهور. حيدرآباد (دکن) گولڪنده ۽ پوءِ دهليءَ ۾ رهائش دوران. هزارين ماڻهو سندس مجلس ۾ سندس ڪچهري ۾ ڊڻ ايندا هئا. ان جي باوجود ڪنهن هڪڙي شخص بہ هن جي مزاج. سلوڪ يا اگهاڙپ لاءِ ڪڏهن بہ شڪايت نہ ڪئي هئي.

٢. ٻئي الزام اڌ ڪلمو پڙهڻ متعلق سرمد چيو: "بيشڪ مان ڪلمي پاڪ جو پهريون حصو پڙهندو آهيان. مان صرف 'لااِلٰہ' ئي چوندو آهيان. مون لاءِ اهوئي صحيح آهي. مون اجان تائين الله تعاليٰ جو ديدار نہ ڪيو آهي. مون کي اجا تائين حقيقت الاهي حاصل نہ ٿيو آهي. جڏهن مان مڪمل حقيقت کي حاصل ڪري وٺندس ۽ محبوب خدا جو روبرو ديدار ڪندس تہ پورو ڪلمو (ڪلمہ طيب) پڙهڻ شروع ڪندس. ڪنهن کي ڏٺي بنا ان جي هستيءَ جي شاهدي ڏيڻ. ڪوڙي شاهدي ڏيڻ جهڙي برابر ئي آهي. تنهنڪري مان ڪوڙي شاهدي نہ ڏيندس.

ان مهل سرمد کي ڪلمہ طيب پڙهڻ لاءِ چيو ويو. سرمد 'لااِلٰہ' چئي ماٺ ٿي ويو. انهن ٻن لفظن کان وڌيڪ هن جي واتان ڪجهہ بہ نہ اچاريو ويو. سرمد جي ان طرح ڪلمو پڙهڻ کي ڪفر منڪريت جو عمل سمجهيو ويو ۽ ان کي اقبالِ جرم ڄاڻي سرمد کي ڪافر. بي دين ڄاڻايو ويو. ڪفر جي سزا موت هئي ۽ ائين سرمد کي موت جو سزاوار ڄاتو ويو.

٣. ٽيون الزام هن رباعيءَ کي ڄاڻايو ويو:

هر ڪس ڪہ سرحقيقتش باور شد.
او پهن تر از سپهر پنها ورشد.
ملا گويد برفلک شد احمد.
سرمد گو يد فلک بہ احمد درشد.

معنيٰ : جنهن بہ هن جي حقيقت کي حاصل ڪري ورتو.
اهو وسيع آسمان کان بہ وسيع تر ٿي ويو.
ملان ٿو چوي تہ احمد آسمان تي ويو.
سرمد ٿو چوي تہ آسمان احمد جي باطن ۾ آيو.

ان رباعيءَ ۾ سرمد حضرت محمد صلعم جي شان بابت تہ ڪجهہ نہ چيو پر ان جي عظمت ئي بيان ڪئي آهي. ُهو تہ ملن جي ان وهم کي دور ڪرڻ پيو گهري تہ شايد حضرت محمد صلعم ڪنهن ظاهري ستين آسمان تي ويو هو. پر هو ان روحاني راز طرف اشارو ڪرڻ پيو گهري تہ دراصل حضرت محمد صلعم کي اهي ستئي آسمان پنهنجي اندر ۾ نظر آيا هئا. ۽ هو پنهنجي باطن ۾ انهن آسمانن تي ويو. حضرت باهوءَ جو فرمان آهي تہ : چوده طبق دلي دي اندر، تنبو وانگي تاني هو، اهو تہ حضرت محمد صلعم جي روحاني عظمت جو اظهار آهي، ان جي شان ۾ گستاخي تہ ناهي. پر روحاني رمزن کان اڻواقف ۽ شرع جا غلام ۽ پابند فتويٰ ڏيندڙ متعصب ملان کي اها سچائي ۽ حقيقت ڪيئن نظر ايندي. هن مٿين رباعي جو مقصد غلط ۽ ٿوڙي مروڙي پيش ڪيو ۽ نيٺ سرمد تي موت جي سزا صادر ڪيائون. ائين تعصب حقيقت جو قتل ڪيو.

سرمد جي قتل جي فتويٰ خميس تي ڏني وئي۽ هن جي قتل جو عام نماءُ جو ڏينهن جمعو مُقرر ڪيو ويو. اهو ٦٢-١٦٦١ع جو خوني سال هو.(١)

سرمد جي قتل جي پوري تياري ڪئي وئي، سجو شهر فوج جي حوالي ڪيو ويو. عام ماڻهن ۾ اها دهشت ڦهلائي وئي تہ قانون ڪنهن جو بہ لحاظ نہ ڪندو. هندوستان جي گاديءَ جي شهر ماتمي لباس پاتو:(٢)

---

(١) هينسن: دي پيڪاڪ ٿرون صفحہ ٣١٠

(٢) رضوي : اي هسٽري آف صوفي ازم ان انڊيا- واليوم -II صفحو ٣٨٥

ٻئي ڏينهن يعني جمعي تي جامع مسجد جي ڏاڪڻ وٽ مٿاهون دِڪو ٺاهيو ويو. جيڪو قتل گاهہ جو ڪم ڏئي پيو. اورنگزيب دارا کي بند ڪوٺڙيءَ ۾ مارايو هو پر سرمد جي قتل کي عام تماشو بڻايو ويو. شهر ۾ سندس قتل لاءِ پڙهو گهمايو ويو. ائين جمعي تي جامع مسجد وٽ بيشمار ماڻهو گڏ ٿيندا هئا پر ان ڏينهن ماڻهن جو نہ ختم ٿيندڙ هجوم هڪ ڏيڇاريندڙ منظر ڏسڻ لاءِ ڪٺو ٿي ويو. وڏو خوف طاري هو. سرمد جي عقيدتمندن جي حالت بيان ڪري نہ ٿي سگهجي. هر دل روئي رهي هئي. هر اک پنل هئي.

سرمد کي سپاهين جي پهري ۾ هيٺ لال قلعي مان آندو ويو ماڻهن جو بيپناهہ هجوم هن جي اڳيان ۽ پويان هو. سرمد هميشہ جيان بيفڪر ۽ بيپرواهہ هو. جڻ قتل لاءِ نہ پر هڪ عاشق صادق سر ڏيڻ واري جيان سر تريءَ تي رکي، پنهنجي محبوب حقيقي ڏانهن ويندو هجي. ڪيڏو نہ دل ڏاريندڙ ڏيک هو!

سرمد هڪ عاشق صادق ۽ باايمان عاشق جيان مستن جيان جهولندو ۽ رباعيون ڳائيندو پئي آيو. سندس چهري تي عجيب جلال هو. هو خود اعتمادي ۽ اطمينان جو مجسمو هو. ائين پئي محسوس ٿيو تہ پريشاني، فڪر يا خوف جو پاڇو بہ هن تي نہ پيو آهي.

نيٺ سرمد کي ان دڪي تي آڻي بيهاريو ويو. هن جون اکيون ۽ ٻانهون آسمان ڏانهن کڄيل هيون. سندس روح جسماني قيدخانو ڇڏي، هميشہ جي لاءِ محبوب حقيقيءَ جي هنج ۾ وڃڻ لاءِ بيقرار هو.

مرڻو اٿئي تہ اڄ ئي مر، سيان مرندي سيڪا.

جلاد اگهاڙي تلوار هٿ ۾ کڻي دڪي ڏانهن وڌڻ لڳو. هن قانون موجب سرمد جي چهري کي ڪپڙي سان ڍڪڻ گهريو، پر سرمد چهرو ڍڪڻ کان انڪار ڪيو. هن مرڪندي جلاد کي مخاطب ٿي چيو:

"فدائي توشدم بيا بيا ڪہ تو بهر صورتِ ڪہ مي آئي من ترا خوب مي شناسم-"

معنيٰ: "مان توتان صدقي! اڄ اڄ تون ڪهڙي بہ صورت ۾ اچين مان توکي سڃاڻان ٿو."

نوٽ: عاشقن جي اهڙي صورتحال لاءِ شاهہ لطيف چيو: 'مرڻو اٿئي تہ اڄ ئي مر سيان مرندي سيڪا'. - سنڌيڪار.

روايت آهي ته نيشاپور جي حادثي ويل جڏهن هلاڪو خان جا لشڪري فريد الدين عطار کي قتل ڪرڻ لڳا ته هن به جلاد کي هنن لفظن سان مخاطب ڪيو

بهر رنگِ ڪه خواهي جامہ مي پوش،
من خوب مي شناسم آن يارِ آشنارا.

معنيٰ : منهنجا محبوب تون ڪهڙو به رنگدار لباس پائي اچين.
مان خوب ٿو ڄاڻان ته تون ڄاتل سڃاتل يار آهين.

ايترو چئي سرمد ڪنڌ نوايو. جلاد جي تلوار جي هڪڙي ئي ڌڪ سر کي ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيو. معارف جي مطابق سرمد هي شعر وڏي آواز ۾ پڙهيو:

شور شد و ما از خواب عدم چشم ڪشو ديم،
ديدم ڪه باقيست شبِ فتنہ ها غنوديم.

معنيٰ : گوڙ ٻڌم ته مون عدم جي خواب مان اک کولي.
ڏٺم ته فتنن جي رات اڃان باقي آهي. پيهر سمهي رهيس.

رضوي چوائي سرمد جو وحدت الوجود يا همہ اوست جي اصولن تي پختو يقين هو. صوفي درويش ڪائنات ۾ نظر ايندڙ بي انتها ڪثرت يا ثانويت جي پٺ تان هڪ ئي واحد ذات جو ديدار ڪندا آهن. سائين بلها شاهہ چوائي عشق الاهيءَ جي تلوار ڪثرت يا ثنويت جو پردو ڦاڙي ڇڏيندي آهي ۽ عاشق صادق کي هر جاءِ تي ان قادر مطلق جو نور نظر ايندو آهي. 'عشق ڪي تيغ سي موئي. نهين وه ذات ڪي دوئي'. پاڻ فرمائين ٿا ته ماريو ويندڙ مرڻ ۾ به اهوئي آهي ۽ ماريندڙ ڇيتي جو ٻه اهو ئي آهي. مالڪ ۽ نوڪر بنهي ۾ ان هڪئي قادر مطلق جو نور آهي. ڳائڻ وارو به اهوئي آهي وڄائڻ وارو به اهو ئي آهي ۽ ٻڌڻ وارو به اهو پاڻ ئي آهي. منصور کان اناالحق چوائڻ وارو به اهوئي آهي. ڪيس سوليءَ سوار ڪرڻ وارو به اهوئي آهي ته تماشو ڏسڻ وارو به اهوئي آهي.

١. **آپي آهو آپي چـيـتـا آپي مـارن ڏايا،**
آپي صـاحـب آپي بـردا آپي مـل وڪـايـا.

نوٽ: اهڙي عاشق جي لاءِ شاهہ لطيف فرمايو: "محبت جي ومانءِ، جي ويا سي وڍيا." سنڌيڪار

۲. آپي سنين تي آپي سناوين، آپي ڳاوين آپ بجاوين،
هٿون قول سرود سناوين، اناالحق دي تار هلاوين.
سولي تي منصور چڙهاوين، او تي ڪول ڪلوڪي هسدي هو،
ڪيهون لامڪاني وسدي هو.

گورو ارجن ديو هن کي 'برهم گياني متر ستر سمان' (سک مني) واري ڪيفيت جو نالو ڏنو. هيء اها روحاني ڪيفيت آهي. جنهن ۾ عاشق پنهنجي خودي ۾ فنا ڪري ان جي ئي صورت تي ويندو آهي، اها ئي صوفي جي فنا الله ۽ بقا الله واري ڪيفيت آهي، جنهن ۾ سرمد جذب ٿي چڪو هو.' ٻغمء سرمد' جي ليکڪ جي چواڻي سرمد ان وقت هي شعر پڙهيو هو.

عمريست ڪہ آوازهء منصور ڪهن شد،
من از سر نو جلوه دهم داورسن را.

معني: هڪ مدت تي جو منصور جو نعرو پراڻو ٿي ويو.
مان نئين سر تختہ دار جو تماشو ڏيکارڻ لڳو آهيان.

اورنگزيب جو مير منشي عاقل خان غازي لکي ٿو تہ سرمد قتل کان اڳ ۾ هي شعر پڙهيو هو

عرياني تن بود غبارِ ره دوست،
آن نيز بہ تيغ از سرها وا ڪردند.

معني: منهنجي جسم جي اگهاڙپ دوست جي راهہ ۾ گردوغبار هئي،
جلاد تلوار سان منهنجو ڪنڌ ڪپي ان گندڪي جدا ڪري ڇڏيو.

روايت آهي تہ قتل کان پهرين سرمد جي هڪ دوست شاهہ عبدالله، سرمد کي چيو: "منهنجا دوست! مون کي پڪ آهي، هاڻ بہ جان بچي ٿي سگهي، جيڪڏهن تون اگهاڙپ کي ڍڪين ۽ ڪلمو پاڪ پورو پڙهين تہ تنهنجي زندگي بخشي ويندي." پر سرمد کي موت کان خوف نہ هو. هن لاء موت حق سان ملاپ جو وسيلو هو.

جيڪڏهن مقتول سرمد ۽ قاتل اورنگزيب، ٻنهي جا نالا ٿوري دير پاسيرا ڪري ڇڏجن تہ مقتول ۽ قاتل، انساني تاريخ ۾ سدائين کان پاڻ ۾ جهيڙيندا نظر ايندا ۽ مختلف شڪليون اختيار ڪري ونندا. هڪڙي طاقت اها آهي جيڪا انسان کي فريب جي چار ۾ ڦاسائڻ تي گهري ٿي صرف ڪنهن

نوٽ: سچل سرمست فرمايو ، 'صورت سب سلطان - پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو.' يا چيائين 'رب رسول بہ مين هون مين هون' سنڌيڪار

مذهب جو نالو پاڻ سان لاڳو ڪري ۽ خاص قسم جي لباس، شريعت يا رسم و رواج اختيار ڪرڻ سان ئي انسان بارگاه ايزديءَ ۾ پهچي سگهي ٿو ٻئي طرف ٻي طاقت ان حقيقت جي مڃيندڙ آهي ته خدا کي صرف عشق پيارو آهي، ناهه نوهه يا ڏيکهه نه. گرو نانڪ چوائي.

همري جات پات سچ ناؤن

معنيٰ : اسان جو اصل مذهب حق جو عشق آهي.

مولانا رومي فرمائي ٿو:

عاشقان را مذهب و ملت خدا است.

معنيٰ: عاشقن جو هڪڙو ئي مذهب عشق خدا آهي.

سائين بلهي شاهه جو قول آهي:

'عشق کي لڳي راهه دي نال.'

معنيٰ: عشق حقيقي جو ٻاهرئين مذهبي رسم سان ڪهڙو واسطو . يعني هو انهن شرعي وهنوار جو پائبند ناهي.

جڏهن به خدا جا سچا عاشق نسلِ انسانيءَ کي ان وهم (خدا شريعت جي پائبنديءَ سان ملندو.) کان آزاد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن تڏهن ئي مذاهب جا ٺيڪيدار، پادري، پروهت، ۽ ملان وقت جي حاڪمن سان ملي، انهن خدا جي عاشقن جي مخالفت ڪندا آهن. پر اهي عاشقِ خدا پنهنجي زندگين سان ڪيڏي وصال حق جي راهه روشن ڪري ويندا آهن ۽ اهو سلسلو ازل کان جاري آهي.

مولانا ابوالڪلام آزاد لکي ٿو ته [1]: "اسلام جي تيرهن سوءِ سالن جي تاريخ ۾ مذهبي مُصنفن ۽ قاضين جو قلم، نه ٻيهندڙ تلوار جيان هلندو رهيو آهي ۽ هزارين حق پرستن جي رت وهائڻ جو ذميوار رهيو آهي. جڏهن به بادشاهه تي قتل ۽ خون جو ڀوت سوار ٿيندو آهي ته فقهه جي ماهر جو قلم ۽ سپهه سالار جي تلوار گڏوگڏ هلندا هئا. شريعت جي عالمن مان جيڪو حقيقت جي رمزن کي ڄاڻڻ شروع ڪندو هو يا رازِ حقيقت کي حاصل ڪرڻ جي قابل هوندو هو ته فقيهه ۽ اهلِ شريعت ان کي ختم ڪري ڇڏيندا هئا. حق پرستن کي بيشمار ايذاء سهڻا پوندا هئا ۽ نيٺ جان ڏئي آجائپ حاصل ٿيندي هئن.

سرمد تي لڳايل الزام ماٺهن جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ جي برابر هئي.

---

١. سوانح سرمد - مولانا ابوالڪلام آزهد

دراصل سرمد جي قتل جو اصل مقصد هي هئو تہ عام رعايا ۽ خاص ڪري سرمد جا عقدتمند ۽ پوئلڳ ايترا تہ ڏجي وڃن جو هو ان قتل جي خلاف ڪوبہ باغيپڻيوارو قدم نہ کڻن.

سرمد کان اڳ بہ حاسدي ملن ۽ مذهبي حاڪمن هٿان شمس تبريز، منصور الحلاج، فريدالدين عطار ۽ شهاب الدين سهروردي‏ء جهڙا مردِ حق شهادت جو پيالو پي چڪا هئا. سرمد بہ پنهنجي شهادت سان تاريخ جي ورقن تي پنهنجا نشان پٿر تي ليڪ جي صورت ۾ سدائين جي لاء ڇڏي ويو. هو صوفي شهيدن جي ڊگهي فهرست ۾ هڪ پاڪ نالو شامل ڪري ويو.[1]

جامع مسجد جي آڏو جنهن دڪي تي سرمد کي قتل ڪيو ويو هو هاڻ اتي سندس مزار آهي. 'رياض الشعراء' جو ليکڪ ولي داغستاني سرمد جي شهادت کانپوءِ ڪجهہ ورهيہ پوء سندس مزار تي حاضري ڏني هن تربت کي گلن سان ڍڪيل ڏٺو. ڏيهاڙي بيشمار عقيدتمند مزار تي عقيدت جا گل نڇاور ڪرڻ ايندا آهن. داغستاني لکي ٿو تہ: "منصور ثاني سرمد جي تربت کي سڀڪو گاهہ سجو سال ڍڪي ڇڏيندو آهي جو ڪڏهن بہ نہ سڪندو آهي. سرمد جو روح جيان حياتي‏ء جيان بلڪل تازو توانو رهي ۽ شهادت کان پوء بہ نہ ڪومائجي"

شهدن جي ياد نہ ڪڏهن گهٽبي آهي نہ وسرندي آهي.

سرمد ڪثرت مان مڪمل وحدت ۾ پهچي چڪو هو. هو مذهبي تنگ دل وارن جي تفرقن کان بہ آزاد ٿي چڪو هو. هن جو نہ ڪوئي دنيائي مذهب*هو نہ ڪوئي رسمي ڌرم. هو نہ مسلمان، نہ هندو، نہ يهودي ۽ نہ عيسائي رهيو هو سندس مذهب عشقِ الله هو. هو صرف پنهنجي محبوب جي راهہ جو راهي هو. جيڪو پنهنجي محبوب سان وصال جي لاء مسلسل هلندو رهيو ۽ نيٺ ان جي راهہ ۾ سڀ ڪجهہ قربان ڪري ابدي شهيد ٿي ويو. هن جي لاء دوست دشمن، همدرد ۽ جلاد ۾ ڪوبہ فرق نہ هو. هن لاء جان ڏيندڙ ۽ جان وٺندڙ ٻئي برابر هئا ڇو تہ هن جي لاء ٻئي هڪ ئي سڪي جا ٻہ پاسا هئا.

سرمد جو قتل لافاني روح جي فاني جسم تي فتح جي بيمثال شهادت هئي. ڪيس نہ هند جو بادشاهہ شڪست ڏئي سگهيو ۽ نہ موت جي ملڪ.

---

(۱) معاصرالامراء، جلد-۱ صفحو ۲۲

نوٽ: شاهہ لطيف فرمايو: 'وحت مان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُل.

دنيا پنهنجي اکين سان ڏٺو تہ بادشاهہ جي تلوار خدا جي عاشقن جو سر تہ وڍي ٿي سگهي پر هنن جي روح کي جهڪائي نہ ٿي سگهي. حق جا عاشق وقت بوقت حقيقت جي شهادت پيش ڪندا رهندا آهن تہ دنيا وارا اهو سبق وساري نہ ويهن تہ شاهي تلوار خدا جي عاشقن جا ڪنڌ تہ ڪپي سگهي ٿي پر هنن جي روحن کي نوائي نہ ٿي سگهي. ڪين پنهنجو محبوب حقيقي پيارو آهي ۽ محبوب کي حق يا سچ پيارو آهي. انڪري ئي حق جا عاشق محبوب جي خوشنوديءَ لاءِ راهہِ حق جي چونڊ ڪندا آهن پوءِ اها موت جي گهٽيءَ مان چونہ لگهندي هجي.

سرمد کي ان ڪري قتل ڪيو ويو. ڇو جو هو اهو ڪجهہ ڪرڻ پيو گهري جيڪو هو سچ ۽ حق سمجهندو هو. ڪيس بادشاهہ اورنگزيب جي نہ پر شهنشاهن جي شاهہ ان مالڪ ڪل جي پسند جي ضرورت هئي.

هن جي خوشيءَ جي لاءِ هو ڪجهہ بہ ڪرڻ لاءِ تيار هو. سرمد جو قتل بادشاهہ جي فتح نہ پر هار هئي. ڇو تہ بهادري ۽ فتح، سچائي ۽ حقيقت کي برداشت ڪرڻ ۾ آهي. سچائيءَ کان ڀڄڻ ۽ حقيقت کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ناهي. بهادري ۽ فتح حقيقت تان قربان ٿيڻ ۾ آهي. حقيقت کي نہ تلوار ڪپي سگهندي ۽ نہ پاڻي ڳاري سگهندو ۽ نہ ئي باهہ ساڙي سگهندي آهي. سرمد جو اندر حقيقي نور سان روشن هو. هن جي اندر حق جو نور پڙڪي رهيو هو. هڪئي لمحي جي لاءِ ان نورِ حق تجلي، ڪنوڻ جيان، قاتل اورنگزيب، ان جي عدالت ۽ سندس منصفن مٿان بہ چمڪي ۽ انهن سڀني جي اکين کي ڪيرو ويرو ڪري ڇڏيائين. هو پنهنجي ظاهري فتح تي خوشيون ڪري رهيا هئا پر دراصل پنهنجي اندر ئي شڪست کاڌل. شرمنده هئا. جيسين عام ماڻهن جو سوال آهي انهن لاءِ سرمد شهيد زنده سرمد کان وڌيڪ پرجلال ۽ پرجمال آهي. سرمد جي شهادت سندس فلسفي جي سچائي هن جي بزرگي، پارسائي، عاشقي ۽ خدا تي يقين جي پختگيءَ ماڻهن جي اندر ۾ اڻ مٽ نقش چٽي ڇڏيا. سچ تہ اهو آهي تہ سرمد اهو سچو عاشق ، خدا جو ٻانهو هو جنهن پنهن جو سر داءَ تي هڻي عشق جي بازي کٽي ورتي هئي.

سرمد جهڙا صوفي جڏهن بہ دنيا ۾ ايندا آهن تاريخ جي ڇاتيءَ تي ٻاڙهن اگرن جيان ٻرندا رهندا آهن.

جو تو پريم کيلن کا چاؤ،
سر ڌر تلي گلي ميري آؤ.

معني: جي عشق سان کيڏڻ تو چاهين تہ،
سر تريءَ تي رکي منهنجي ٻگليءَ ۾ اچ.

ڪلام

فارسي شاعرن اڪثر رباعي، مثنوي ۽ غزل جي صنفن ۾ شاعري ڪئي آهي. سرمد جو به گهڻو تڻو ڪلام رباعيءَ جي صورت ۾ مليو آهي. سندس ڪلام سندس زندگيءَ ۾ ئي ماڻهن ۾ مقبوليت، عزت، شهرت ۽ تحسين حاصل ڪري چڪو هو.

سرمد جي واتان بي ساخته رباعيات ائين نڪرنديون هيون جيئن ڪڪرن مان مينهن. اهي رباعيات ماڻهن تي جادوئي اثر ڪنديون هيون.

رباعي عربي زبان جي لفظ 'ربع' مصدر مان نڪتل آهي جنهنجو مطلب آهي "چئن تارن وارو ڌاڳو" يا 'چار'. ربع جي معنيٰ آهي چوٿون حصو. فارسي شاعريءَ ۾ رباعي معنيٰ چئن مصراعن واري شاعرانه صنف، جنهن ۾ پهرئين، ٻئي ۽ چوٿين مصرعي ۾ قافيو ۽ رديف هم وزن ۽ هڪجهڙو ٿيندو آهي، جيڪڏهن چئن مان ٻن مصراعن جو قافيو ۽ رديف هڪ جهڙو ۽ ملندڙ جلندڙ هجي ته ان کي ٻه تڪو يا ترانو چوندا آهن.

رباعيءَ جي ايراني تاريخ ۾ رودڪيءَ (وفات ٩٢٥ ع) کي رباعيءَ جو باني ۽ پهريون شاعر ڪري مڃيو ويندو آهي. هو به هومر جيان نابينا شاعر هو. ڪيس فارسي شاعريءَ جي صفِ اول ۽ ان صنف جو ابو سڏيو ويندو آهي. هن رباعيءَ کي حقيقي حسن ۽ عشق جي جذبن جي اظهار جي لاءِ ڪتب آندو. رابعه بصري، رودڪيءَ جي همعصر صوفي شاعره هئي. هن به رباعي کي پنهنجي اظهار لاءِ چونڊيو هو. هڪ ٻيو بنيادي رباعيءَ جو مشهور شاعر صوفي ابو سعيد بن ابي الخير (وفات ١٠٤٩ ع) جو آهي. جنهن سنائي، عطار، رومي، حافظ ۽ جاميءَ جهڙن عظيم مفڪرن ۽ شاعرن کي ترغيب ۽ تحرڪ ڏنو. سندس تصنيف پوءِ ايندڙ شاعرن صوفي ڪرام جي لاءِ مثال ۽ بنياد ثابت ٿي، سندس رباعيات ۾ سادگي، پاڪيزگي، جمال ۽ حسن ۽ تاثيري طاقت بي حد ۽ بلند هئي. هن ئي سڀ کان پهرين رباعيءَ کي صوفيانه رمزن جي اظهار جو وسيلو بڻايو. عمر خيام (وفات ١١٢٣ ع) مشهور رباعي چوندڙ شاعر آهي. جنهن جي سرمد پنهنجي رباعي جي طرز ۽ فڪر جي صورت ۾

سيرت جو فيصلو ڪرڻ لاءِ پيروي ڪئي هئي. جيئن رودڪي عمر خيام جو پيشرو هو تئين ئي سرمد بہ هن جي نقشِ قدم تي هلندڙ هو. سندس اڪثر رباعيات ۾ عمر خيام سان حيرانگيءَ جي حد تائين مطابقت نظر ايندي آهي. سرمد چيو آهي:

امـا بہ رباعي امر مـرد خـيـامر.
نہ جـرعـہ ڪشِ بادہء او بـسـيـارم.

معنيٰ: مـان رباعي لکڻ ۾ عـمـر خـيـام جـو شـاگـرد آهيـان.
پر مـون سندس شـراب مـان وڌيڪ مـزو نہ مـاڻيـو.

عمر خيام جي رباعيءَ ۾ فلسفياڻو رنگ نمايان آهي. جڏهن تہ سرمد وٽ فقيراڻو رنگ وڌيڪ واڪو آهي. عمر خيام جيان سرمد بہ دنيائي شين جي فنائيت تي زور ڏيندو آهي پر هو گڏوگڏ تقدير ۽ قسمت جو بہ قائل آهي. عمر خيام سياڻي جو فڪر چڏي حال جي گهڙيءَ مان لطف اندوز ٿيڻ جي تلقين ٿو ڪري، جڏهن تہ سرمد موجوده زندگيءَ کي ابديت يا بقا حاصل ڪرڻ جو وسيلو بڻائڻ تي زور ڏئي ٿو.

سرمد جي رباعيات جو مرڪزي جذبو، خدا جي مڪمل وحدانيت ۽ ان جو قادر مطلق هئڻ آهي. خدا هر شيءِ ۾ موجود آهي ۽ پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ آهي. قادر مطلق هئڻ جي باوجود هو رحم ۽ ڪرم جو اونهو سمنڊ بہ آهي. هو رحيم، ڪريم، غفار، غفور بہ آهي. مرشد خدا جي ئي ظاهري صورت آهي ۽ وصالِ حق جو هيڪلو وسيلو آهي. حقيقي مريد. حق ۽ مردِ حق (خدا ۽ مرشد) کي هڪ ڄاڻي. سدائين پنهي جي رضا تي راضي رهندو آهي هو مال دولت، شان شوڪت ۽ غم ۽ آرام جي پرواهہ نہ ڪندو آهي. سندس نظر يا تہ پنهنجي گناهن تي هوندي آهي يا ان رحمان ۽ رحيم جي رحمت تي.

دنيا هڪڙو سهڻو باغ آهي. صوفي ان کي مالڪ سان وصال جو مڪان ۽ عمر کي نادر موقعو سمجهندو آهي. 'شراب'. سندس مالڪ جو نالو.خدا جو نانءُ ۽ آبِ حيات آهي. 'ساقي' سندس مرشد آهي. هو حقيقي مئي پي مست رهندو آهي. پر مست ۽ بيخود هوندي بہ پنهنجن منصوبن ۽ منزلِ مقصود کان باخبر ۽ هوشيار رهندو آهي. هو عمر کي دنيا جو نڳاءُ ۽ اجاين ڪمن ۾ وڃائڻ نہ چاهيندو آهي. پر ان کي غنيمت ڄاڻي محبوب جي ميلاپ جي ڪوشش ڪندو آهي. ڪيس دنيا جي لعنت ۽ ملامت جي پرواهہ نہ هوندي

آهي. هو پنهنجي تعريف ۽ وڏائي نہ چاهيندو آهي پر ان مالڪ جي عظمت جا گيت ڳائيندو آهي پر اندروني روحاني راز ڪنهن بہ حالت ۾ ظاهر نہ ڪندو آهي. هن لاءِ زندگي ۽ موت ۾ ڪوبہ فرق نہ هوندو آهي. انڪري هو ڪلندي ڪلندي شهادت جو پيالو پي ويندو آهي. ڪيس اهو پڪو يقين هوندو آهي تہ هو پنهنجي مالڪ جو جزو آهي ۽ ڪيس آخرڪار ان ۾ جذب ٿيڻو آهي. سندس بقا فنا ۾ آهي. سندس محبوب لافاني ۽ جاودان آهي. انڪري ان مريد جو روح بہ لافاني آهي. هو پنهنجي مالڪ جي ئي صورت آهي جيسين هو ذار آهي صرف ڀاڇو آهي. هو ان وسيع اڻ کٽ خدا سان ملي ان جي صورت ٿي ويندو آهي. ڪيترائي پيرا مستي ۽ بيخوديءَ ۾ هو پنهنجي اصلي نوراني اصليت ڪي ڏسي. پاڻ کي حق جي صورت چوڻ جو نعرو هڻي ويهندو آهي. جنهن جي ڪري سندس واتان 'اناالحق' (مان حق آهيان) نڪري ويندو آهي. جنهنجي حقيقت ڪيس پنهنجي جان ڏئي چڪائڻي پوندي آهي.

دراصل صوفيءَ جو ڪم صرف ان اصل کي سڃاڻڻ آهي هو ان ڪم خاطر جيئي ٿو ۽ ان لاءِ ئي پنهنجي هستي ان لافاني حق ۾ وڃائي ڇڏيندو آهي.

نوٽ: بايزيد بسطامي جڏهن وجد ۾ ايندو هو تہ چوندو هو. اِنِيْ سُبحاني مَاَاَعظَمُ شَاني. (مان ئي ساراهہ لائق آهيان ۽ منهنجو اعلي شان آهي.) سنڌيڪار

زندگيءَ جو فلسفو

سرمد جي زندگيءَ جي فلسفي ۾ صوفي نظرئي جي مڙني پاسن جو خوبصورت بيان ملي ٿو. صوفي اندازِ فڪر جو مرڪزي خيال خدا سان عشق آهي ۽ اهوئي سرمد جي خيال ۽ فڪر جو اصل بنياد آهي.

مذهب جا ٻه پاسا آهن هڪ ٻاهريون ۽ ٻيو باطني يا اندروني*. ٻاهريون پهلو ظاهري رسمن ۽ شريعت تي ٻڌل آهي. ان ۾ مخصوص طريقي جو لباس، روزو، نماز، حج، زڪوات تي عام طور تي زور ڏنو ويندو آهي. ان جو ٻيو پاسو باطني يا اندروني، قلب جي صفائي ۽ محبوب جو عشق آهي. هندوستان جا نرگڻ وادي (خدا غير مجسم وارا) سنتن جيان صوفي درويشن به دل جي پاڪيزگي ۽ خدا جي عشق کي خدا سان ميلاپ جو اصل ذريعو مڃيو آهي.

صوفي سڳورن ۽ سَنتن ڪيترا ڀيرا مذهب جي ٻاهرئين پاسي شريعت يا رسمن لاءِ خاموشي اختيار ڪئي آهي يا ڪيترائي ڀيرا ان جي مخالفت به ڪئي آهي پر سندن هر حالت ۾ وڌيڪ زور عشقِ خدا تي رهيو آهي. محبوب جي عشق ۾ مگن صوفي، سڀ کان پهرين پنهنجي محبوب جي تعريف ۽ وڏائيءَ جا گيت ڳائيندو آهي. هو محبوب جي خاطر سڀ کان وڌيڪ زور همہ اوست يا همہ جا اوست تي ڏئي ٿو. صوفي نظرئي ۾ خدا جي وحدت الوجود کي وحدت ۽ هر جاءِ تي موجود هئڻ کي همہ جا اوست جو نالو ڏنو ويو آهي. سرمد انهن ٻنهي اصولن جي ڏاڍي خوبصورت وضاحت ڪئي آهي.

سرمد جو چوڻ آهي تہ وجود فقط هڪڙو 'حق' ئي آهي. اهو وجودِ مطلق (الله تعاليٰ) ئي اصل جوهر آهي. فقط اهو ئي دائم، قائم ۽ لافاني آهي. باقي سڀ ڪجهہ فاني آهي. اها حقيقت اڪيلي ۽ لاشريڪ آهي. هو لاثاني آهي، ٻيو ڪوئي وجود آهي ئي ڪونہ. انڪري ان جي آڏو ڪنهن به ٻئي جي هجڻ جو سوال ئي نہ ٿو اٿي. جيڪو ڪجهہ به آهي ان اڪيلي جي رضا ۽ حڪم ۾ آهي. سندس حڪم يا رضا، بي انتها، لازوال ۽ دائم آهي، هو الله

نوٽ: ڇپائي ڪهوٽ ڇيو: روزا ۽ نماز ايءُ پڻ چڱو ڪم

اهو ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسڻ ٿئي پريںءَ جو.

اڪبر آهي ۽ سندس رضائي اڪيلي حقيقت آهي ان کان سواءِ سڀ ڪجهہ وهم ۽ فريب آهي.

همہ اوست جي مراد اهو محبوب حقيقي هن سموري تخليق جو خالق هجڻ جي باوجود ان جي ذري ذري ۾ سمايل آهي. جو ڪجهہ بہ آهي ان محبوب جي حڪم سان آهي. هن جي صورت آهي ۽ هن جي ئي نور سان روشن آهي. هن دنيا جي رنگرنگ ڪثرت جي پس منظر ۾ هڪ مڪمل وحدانيت موجود آهي ٻين لفظن ۾ اهو واحد مالڪ ۽ خالق پاڻ کي قسمين شڪل ۽ صورت، رنگ ۽ روپ ۾ ظاهر ٿو ڪري، ڪثرت نہ صرف وحدت مان پيدا ٿي آهي پر تسبيح جي داڻي جيان وحدت جي اڻ لکي ڌاڳي ۾ پويل آهي. ڪثرت ڏيک يا فريب آهي، جڏهن تہ وحدت اصليت ۽ حقيقت آهي انڪري هڪڙي انسان کي ٻئي انسان سان، هڪ متبرڪ مقام کي ٻئي متبرڪ مقام سان، هڪ مذهب کي ٻئي مذهب سان، سنو يا خراب سمجهڻ بنهہ ناداني آهي. ڪعبي ۾ موجود 'سنگِ اسود' ۾ بہ اهو آهي تہ مندر جي مورتين ۾ بہ اهو آهي. انڪري صوفياءِ ڪرام ڪنهن بہ مذهب يا ان جي مڃيندڙن کي چڱو يا مَنو چوڻ جي بجاءِ سڀني مذهبن جي ماڻهن کي ان واحد خالق جي خلقت ڄاڻي انهن سان پيار ڪرڻ تي زور ڏيندا آهن.

شيخ بابا فريد جو فرمان آهي تہ ڪنهن کي بہ برو نہ چئو ڇو تہ هر انسان جي دل ۾ ان هڪڙي ئي حقيقي مالڪ جو مقام آهي. سڀني جي دلين ۾ اهوئي محبوب جلوه نما آهي. انڪري هر دل بي بها آهي. جيڪڏهن ان محبوب سان وصال جي چاهت آهي تہ ڪڏهن بہ ڪنهن بہ طريقي ڪنهن بہ دل کي نہ رنجايو.

اڪ ڦڪا نہ گلائي سينان مهہ سچا ڌني،
هئياؤ نہ ڪيهي ناهِ مال سڀ امول دي
سينا هن مالڪ ناهن مول مڃانگو،
جي تئو پريا دي سڪ هئياؤ نہ ناهي ڪهندا.
(آدگرنٿ - صہ ۱۳۸۴)

بابا فريد جي ڪلام ۾ شامل پنهنجي سلوڪن ۾ گرو ارجن ديو ان خيال جو اظهار اجهو هيئين ڪيو آهي، خالق خلقت ۾ آهي ۽ خلقت خالق ۾ سمائي پئي آهي، انڪري ڪنهن کي بہ چڱو يا مَنو چئي نہ ٿو سگهجي.

نوٽ: جيئن پتائي گهوٽ فرمايو آهي: 'هي نہ آهي هُن ريءَ، هُو نہ عنهان ڌار-'

فريدا خالقِ خلق مهہ، خلق وسي رب ماهي،
مندا کس نون آکئي، جان تِس بن کوئي ناهي.

ابو سعيد ابوالخير بہ ان انداز ۾ نغمہ سَرائي ڪئي آهي.

رفتم بہ کليسائي طرسا و يهود،
طرسا و يهود جملگي روبہ تو بود.
برياد و وصالِ تو بابتخانہ شدم،
تسبيح بتان زمزمہء عشق تو بود.

معنيٰ: مان عيسائين ۽ يهودين جي گرجا گهرن ۾ ويس،
عيسائي ۽ اهلِ يهود سڀ تنهنجي حضور ۾ بيٺا هئا.
تنهنجي ياد ۾ وصال جي لاء مان بت خاني ۾ بہ ويس،
مون ڏٺو تہ هندؤ جي تسبيح تنهنجي عشق جا گيت ڳائي رهي هئي.

سرمد چوي ٿو تہ هر دل جي آئيني ۾ ان مالڪ جي تصوير جهلڪا ڏئي رهي آهي، دل ۽ صورتون مختلف آهن. پر باطن نور ان ئي هڪ مالڪ جو آهي.

ديدم همہ جا صورتِ معني است يکي،
اين آئينہ هر جاست خدارا داد بود.

معنيٰ: مون هر جاء تي ڏٺو. باطن ۾ هڪڙي ئي تصوير آهي.
هي آئينو هر جاء تي موجود آهي اهو خدا جوئي تحفو آهي.

خالق ۽ ان جي مخلوق هڪٻئي کان الڳ ناهي، جيئن لفظ ۽ ان جي معنيٰ، گل ۽ ان جي خوشبو، هر وقت پنهنجي تخليق سان گڏ آهي.

سرمد چوي ٿو:

چون معني و لفظ، ماو او را بنگر.
چون چشم و نگهہ، جدا و يکجا بنگر.
يکدم زِ کسي جدا نہ يا بي هرگز،
مانند گل وبو است، بهر جابنگر.

نوٽ: شاهہ لطيف چيو: هي ڪن ڪاڏهان وڪٽي، ٻيا ڪن ڳنهيج
انين ساڻ سٽيج، ڳالهہ پريان جي ڳجهہ جي-

معنيٰ: تون اسان ۾ ان کي لفظ ۾ معنيٰ جيان ڏس،
تون اک ۾ نظر کي ڏار ڏار هوندي بہ گڏيل ڏس.
تون ڪنهن شخص کي ان مالڪ کان جدا نہ ڏس،
تون ان گل ۾ خوشبو جيان گڏيل ڏس.

سرمد وڌيڪ چيو:

چون شمع زِ فانوس نمائي خود را،
پيوستہ درين لباسِ خود عرياني.

معنيٰ: تون اها شمع آهين جا فانوس جي اندر بہ پاڻ ظاهر ٿي ڪرين،
پنهنجي لباس ۾ بہ تون اگهاڙي آهين.

معنيٰ اهو مالڪ هڪ جاءِ ۾ هر شيءِ ۾ ظاهر هوندو آهي هو پردن ۾ هوندي بہ لڪل ناهي، جيئن شمع فانوس مان بہ نظر ايندي آهي.

ان خيال جو ٻيو پهلو هي آهي تہ محبوب هر جاءِ تي موجود آهي، هو انسان جي باطن ۾ بہ آهي. انڪري انسان کي سندس ڳولا لاءِ جهنگل، بيابانن، مندر ۽ مسجدن جا رولڙا ڪرڻ جي ضرورت ناهي. هر انسان جي اندر ۾ جلوهء خدا موجود آهي ۽ دل جي ڪعبي ۾ ڪلمو. ڪلام يا ٻول جي صدا گونجي رهي آهي ان ڪري مناسب هي آهي تہ انسان ٻاهر کان منهن موڙ ڪري پنهنجي دل جي آئيني ۾ پنهنجي مالڪ جي جمال جو ديدار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري.

سرمد خبردار ٿو ڪري تہ :

اي بي خبر از هستيء خود همچو ڪتاب،
در جلد تو آياتِ الاهي بہ حجاب.
يعني زِ تو حق پديد و از اثرش،
آگاه نہ اي چو شيشہ از بوئي گلاب.

معنيٰ: اي بيخبر انسان! تون ڪتاب جيان پنهنجي هستيءَ کان بي خبر آهين.
خدائي ڪلام تنهنجي اندر آهي ۽ تون ان جو ڏڪيندڙ آهين.
خدا تنهنجي اندر آهي ۽ توکي ان جي خبر ناهي.
تون ان شيشي مثال آهين جنهن ۾ گلاب جو عطر آهي
پر اهو ان جي خوشبو کان بي خبر آهي.

گرو رامداس جو قول آهي:

هون ڍونڍيندي سجنان، سجن ميڏي نال - (آد گرنت)

گورو ٻاڻي ۾ ان خيال کي هيئن بہ ظاهر ڪيو آهي:

۱. ڪهڙ ڪهڙ ۾ هو جو بسي، سَنتن ڪيهو پڪار (آد گرنت)
۲. پار برهم ڪي سڪلي ٺــــهــــاؤ،
جت جت ڪــهـــر راڪــهي ســيــتــا ناؤ. (آدگرنت)
۳. پــســــــريو آپ هوئي انــت تــرنــگ،
لــڪــهي نــہ جـــــاه پـار بـرهـم ڪـي رنـگ .

اهو محبوب حقيقي تہ اسان ساڻ آهي. هي ڪهڙ عقل انسان ان کي ٻاهر ڳولهيندو ٿو وتي. ضرورت ان کي ٻاهر ڳولڻ جي ناهي. پر باطني اکين کولڻ جي آهي. جيسين اندر جي اک بند آهي تہ محبوب پري محسوس ٿيندو آهي. پر جڏهن سندس جلوه ڏسڻ واري اندر جي اک کلي پوندي آهي تہ هو صاف ۽ ظاهر. آمهون سامهون ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

دل اگر دانا بود اندر ڪنارش يار هست،
چشم گربيِنا بود در هر طرف ديدار هست.

معنيٰ : جيڪڏهن دل سمجهدار آهي تہ محبوب هردم ساڻ آهي،
جيڪڏهن اک ڏسندڙ آهي تہ هر طرف ان جو جلوه آهي.

اهڙي حالت ۾ جدائي يا انفراديت ختم ٿي ويندي آهي، عاشق ۽ معشوق مرشد ۽ مريد هڪ ٿي ويندا آهن. وحدت جي باغ ۾ تہ گل ۽ ڪنڊن جو فرق ختم ٿي ويندو آهي.

عاشق و معشوق و بت و بتگر و عيار يڪيست،
ڪعبہ و دير و مساجد همہ يار ڪيست.
گر در آئي بہ چمن وحدت يڪ رنگي بين،
ڪہ در آن عاشق و معشوق و گل و خار يڪيست.

معنيٰ : عاشق ۽ معشوق، بت ۽ بت تراش ۽ عيار هڪ ئي آهي،
مندر و مسجد ۾ جڻ هر جاء اهو يار هڪ ئي آهي.
جي تون باغ ۾ ايندين تہ وحدت جي هڪجهڙائي ڏسين،
اتي عاشق ۽ معشوق ۽ گل ۽ ڪنڊو هڪ ئي آهي.

انڪري صوفي ان، همہ جا اوست، حاضر ۽ ناظر محبوب جي عشق کي ئي پنهنجو دين ۽ ايمان سمجهندا آهن. صوفيءَ جي راهہ بہ عشق آهي تہ منزل بہ عشق آهي.

عشق، عشقہ مصدر مان نڪتل آهي، جنهنجو مطلب آهي ڏڪيو عشق، بيپاڙي، جيڪا پاڻ پيلي هوندي آهي ۽ جنهن بہ وڻ تي چڙهندي آهي ان کي پيلو ڪري ڇڏيندي آهي. هن کي پنهنجي پاڙ نہ ٿيندي آهي، ان طرح عاشق

جي پنهنجي خودي يا هستيءَ جي پاڙ نہ ٿيندي آهي. هو پنهنجي خودي پنهنجي محبوب ۾ فنا ڪري ڇڏيندو آهي. هن جي لاءِ جو ڪجهہ بہ آهي. اهو محبوب آهي. هن جي پنهنجي ڪابہ مرضي نہ هوندي آهي. محبوب جي رضا ئي سندس رضا ٿي ويندي آهي ان سان هو روحاني ڪيفيت ۾ پهچي ويندو آهي. جنهن ۾ هو محبوب جي عشق ۽ فراق ۾ اهڙو گم ٿي وڃندو آهي جو دنيا جي باقي سڀني ڏکن دردن کان ڇوٽڪارو ملي ويندو اٿس. هو پنهنجي محبوب جي عشق ۾ اهڙو تہ گرفتار ٿي ويندو آهي جو هو ان گرفتاريءَ ۽ قيد جي صدقي ٻنهي جهانن جي قيد ۽ بند کان آزاد ٿي ويندو آهي.

هر دل کہ بدامِ غمِ او شـــاد بود.
از هر دوجـــهـــان فـــارغ و آزاد بود.

معنيٰ: جيڪا دل هن جي غم ۾ گرفتار ٿي بہ خوش رهندي آهي.
اها ٻنهي جهانن جي ڏک درد کان آزاد ٿي ويندي آهي.

تصوف جي نظرئي مطابق مرشد غير مجسم خدا جي مجسم صورت هوندو آهي. انڪري عشقِ مرشد. عشق خدا آهي، صوفي دنيا جي هر شيءِ ۾ محبوب جو جمال ڏسندو آهي. مجازي عشق ان جو هڪ پاسو آهي، هو مرشد کي الله جي ظاهري صورت ڄاڻندو آهي. جيڪو عشق مجازيءَ جو اصل پاسو آهي. هو مرشد يا محبوب جي نوراني صورت جي عشق جي وسيلي ان لا بيان ۽ لامڪان محبوبِ حقيقيءَ جي عشق جي منزل طئہ ڪندو آهي. سرمد چوي ٿو تہ حقيقت سان هڪ ٿيل انسان. مجسم حقيقت هوندو آهي، هو ظاهر ۾ انسان تہ نظر ايندو آهي دراصل هو بيحد خدا جيان سڄي ڪائنات تي ڇانيل هوندو آهي انڪري سرمد دعويٰ ٿو ڪري تہ:

هر ڪس کہ سِرِ حقيقتش با ورشند،
او پهن تر از پهـر پنهـا ور شـد.
مـلا گـويد کہ بر فلک شـد احـمـد،
سرمـد گـويد فلک با احـمـد درشـد.

معنيٰ: جنهن شـخص حـقـيـقت جي جـهلڪ ڏٺي.
ان جي نظر ۾ هي وسـيع آسـمـان تـڄ آهي.
ملان چوي ٿو تہ احمد (حضرت محمد صلعم) آسمان تي ويو.
سرمد چوي ٿو تہ آسمان پاڻ احمد جي باطن ۾ آيو.

ان جو مطلب هي آهي تہ خدا سان وصال ڪري ونندڙ انسان ۾ هڙئي الاهي

خاصيتون اچي وڃن ٿيون.

سرمد چيو تہ جيڪو انسان خوديءَ کان پاڪ آهي، ڪنهن خدا کي پهتل مرشد جي پناهہ وٺي پنهنجي خودي ختم ٿو ڪري، اهو بہ مرشد جيان مالڪ ڪل جي قربت حاصل ڪري ٿو وٺي . اهڙي ڪامل انسان جي نالي جو سڪو ٻنهي جهانن ۾ هلندو آهي. سڄي ڪائنات ان جي حڪم سان هلندي آهي، دنيا هن ڪان رحمت جي خيرات گهرندي آهي. سرمد جي چوڻ جو مطلب آهي تہ خدا سان وصال ڪري وٺڻ وارو ڪامل انسان، خدائي اوصاف سان پريل هوندو آهي. هو ان جي رحمت جو سرچشمو بڻجي ويندو آهي ۽ دنيا جي نجات جو وسيلو بڻبو آهي. اهڙي مرشد ڪامل جو عشق ئي عاشق صادق کي خدا جي وصال جي قابل بڻائيندو آهي.

بگزر زِ خـــودي کہ دين زيـــرينت گـــردد.
ســرِ درفـتــرِ اعــمـال نعمينت گـــردد.
هر دو جــهـــان ســـڪـــہ نامت بزنند.
همـــہ عـــالم در زير نگينت گـــردد.

معني: خودي ڪر ترڪ تہ خدا توکي قريب، ٿي وڃي.
نيڪ عملن سان عوام جو نقيب، ٿي وڃي.
ٻنهي جهانن ۾ تنهنجو سڪو جاري ٿي وڃي.
سڄي جهان جي حڪومت تنهنجو نصيب ٿي وڃي.

سرمد دليل ٿو ڏئي تہ جيئن طوفان واري ۽ ڪکرن کي پاڻ سان اڏائي وڃڻ جي صلاحيت رکندو آهي، اهڙيءَ طرح مردِ حق، خدا جا عاشق، سيني وصفن کان پالهن ۽ محروم ۽ هر طرح جي گناهن ۾ ڪتل، انسانن کي پاڻ سان گڏ، بارگاهہ ايزديءَ ۾ وٺي وڃڻ جي صلاحيت ۽ طاقت رکندا آهن. انڪري مناسب آهي تہ انسان اهڙن ئي ڪامل مردن جي صحبت ۾ وڃي سدائين جي لاءِ اتان جو ٿي وڃي. هو جيترو مضبوطي ۽ پختي ارادي سان هنن جي صحبت ۾ رهندو اوترو ئي وڏيڪ ترقي خدا جي دڳ ۾ حاصل ٿيندس.

خـــواهي کہ بدستِ تو بود نام و نشـــان.
مـــانند نگين، خـــانہ نشـيـن شـــو بہ جـهـــان.
پيـوستــہ چـون نقشِ پابيـا سـا يڪ جـا.
بي سنگ فـــــلاخن شـــــور ريگ روان.

معني: چاهين تہ تنئي دنيا ۾ تنهنجو وڏو نانءُ،
تڪ جيان ڳولي لهہ مضبوط مقام.
هڪ هنڌ ڪـپي ۽ ج نقشِ پا جـيــان،
اڏندڙ پٿرن جي ڪري پوندو آ طوفان نانءُ .

سرمد هدايت ٿو ڪري تہ ساقي يعني مرشد جو گلاب جهڙو چهرو ملي پوي تہ ان سان فراق ۾ ٻرندڙ اکين کي تڏ پهچائڻ گهرجي. پنهنجو مٿو مرشد جي پيرن تي رکي پنهنجو پاڻ کي ختم ڪرڻ گهرجي. ان سان ڏاڍي نوڙت سان پيش اچڻ گهرجي جو تہ ان کان سواءِ انسان جي لاءِ هن دورنگي دنيا کان بچاءَ جو ٻيو ڪوبہ طريقو آهي ئي ڪونہ.

هر جا ڪہ سور ساقيءِ گلفام دوچار،
شـــڪـــرانہ اين نمــــازِ اول بگزار.
غـافل نہ شِوي نشہ وعـجـزو نيـاز،
همشـيار ڪہ آخر نہ ڪشي رنج خمار.

معنيٰ: جڏهن توکي گلاب جي چهري مثل ساقي ملي وڃي،
تہ جهٽ پٽ مالڪِ ڪل جو شڪر بجا آڻ .
عجز ۽ انڪساريءَ جي نشي کان نہ ٿي غافل،
ائين نہ ٿئي تہ سستي تو تي حاوي ٿي وڃي.

اهڙي ڪامل مرشد جو ملڻ پنهنجي ڪوشش سان نہ پر مرشدِ محبوب جي بخشش، فضل ۽ ڪرم سان ٿيندو آهي. تڏهن عاشق بينياز ٿي ويندو آهي. ڪيس ايڏي وڏي نعمت ملي ويندي آهي جو ڪيس ڪنهن جي خوشامد ڪرڻ جي ضرورت نہ رهندي آهي.

- **از منصب عشق سرفرازم ڪردند،**
از منتِ خلق بي نيــــازم ڪردند.

معنيٰ: عشق جو مرتبو بخشي دنيا ۾ سربلند ڪري ڇڏيائين،
ماڻهن جي خوشامد ۽ ايلازن کان بينياز ڪري ڇڏيائين.

اهڙيءَ طرح محبوب جي عشق ۾ سڙڻ، محفل کي روشن ڪرڻ جي برابر آهي. اهو باطني نور جو ذريعو آهي ان سڪ سان ئي محبوب جو هر راز

تيئڻ جو رتبو ملندو آهي.

چون شمع درين بزم گدازم کردند.

وزِ سوختگي محرم رازم کردند.

معنيٰ: مون کي شمع جيان محفل ۾ ساڙيائون.

ان سڙڻ مون کي محرم راز بڻائي ڇڏيو.

پنجابي جو هڪ لوڪ گيت آهي:

تنوري تائي هرئي آ

بالن هڊيان دا، روٹي عشق دِي لائي هوئي آ.

سرمد جنهن شراب جو هر هر ذڪر ٿو ڪري، اهو عشق، محبت يا الله جي نالي واري دائمي مستي بخشيندڙ مئہ حقيقي آهي. صوفي محبت جي مئہ ۽ حق جي عشق جي پيالي پيئڻ سان مست ۽ بيخود رندو آهي. ڪيس ان مستيءَ ۾ اهڙو هوش ايندو آهي، جنهن سان هو ذرم، مذهب، اعمال ۽ رسم و رواج جي قيدخاني مان آزاد ٿي ويندو آهي هو تہ پنهنجي حقيقي محبوب جو عاشق ۽ عابد بڻجي ويندو آهي پوءِ ماڻهو ڀل تہ کيس ڪافر ۽ بت پرست چون پر هو سندن ڪابہ پرواهہ نہ ڪندو آهي. امير خسروؒ جو قول آهي:

خلق مي گويد کہ خسرو بت پرست مي کند،

آري آري مي کنم، باخلق و عالم کارنيست.

معنيٰ : ماڻهو چون ٿا تہ خسرو بت پرستي ڪندو آهي،

هائو هائو مان ڪندو آهيان، مون کي دنيا ۽ خلق سان ڪو واسطو ناهي.

پر سرمد پنهنجي انوکي انداز ۾ چوي ٿو:

سرمد کہ زِ جامِ عشق مستش کردند،

بالا کردند و باز پستش کردند.

مي خواست خدا پرستي و هتياري،

مستش کردند و بت پرستش کردند.

معنيٰ : سرمد هنن توکي عشق جي شراب سان پر ڪري ڇڏيو.

اول مٿي کيائون، پوءِ هيٺ اچلائي خوار ڪري ڇڏيو.

تون هوشياري ۽ حق پرستي گڏوگڏ ٿو چاهين،

توکي بيخود بڻائي، بت پرست ڪري ڇڏيو.

حقيقي عشق ۾ صوفي بيخود ٿي پنهنجي محبوب جي محبت ۾ ايتري

حد تائين مگن ۽ سرشار ٿي ويندو آهي جو ڪيس نيڪ نامي ۽ بدنامي، ملبوس يا اگهاڙپ جي پرواهه ئي نه هوندي آهي. هن جي لاءِ جسم جو قيد ڪابه معنيٰ نه ٿو رکي. ان ڪري صوفي ۽ درويش شهادت کان نه ڏجندا آهن. سرمد ان حالت کي هڪ رباعيءَ ۾ هن ريت ٿو بيان ڪري:

سرمد مارا به عشق رسوا ڪردند،
سرمست و سراسيمه و شيدا ڪردند.
عرياني‌ءِ تن بود غبارِ رهِ دوست،
آن نيز بَه تيغ از سرِ ما وا ڪردند.

معنيٰ: اي سرمد! اسان کي عشق ۾ خوار ڪري ڇڏيائون.
بيخود بڻايائون ۽ پريشان ۽ سودائي ڪري ڇڏيائون.
جسم ئي ته پردو هو يار جي وصال جي دڳ ۾.
تلوار جي هڪ ڌڪ سان سر کي جدا ڪري ڇڏيائون.

دراصل ان جو مطلب هي آهي ته صوفي پاڻ کي جسماني گندگي ۽ نفساني لذت کان بالا تر ڪري ڇڏيندو آهي، جيئن هو جسم جي قيد مان سدائين جي لاءِ آزاد ٿي وڃي. سرمد چوي ٿو :

سرپا‌نمد و پائي سرما در راهِ يار،
من بي سروپا شدم تو مقدورم دار.
هوشيار بسر چگونه پوشد پاپوش،
ديوانه به سر چگونه پيچد دستار.

معنيٰ: مان راهه محبوب ۾ مٿي پير هلندو آهيان.
اي خدا! معاف ڪج مان بي سروپا آهيان.
جيڪو عقلمند آهي مٿي تي بوٽ ڇو رکندو.
جيڪو ديوانو آهي، اهو مٿي تي پڳ ڇو رکندو.

ان جي معنيٰ آهي ته سچي عاشقن کي خدا وٽ پهچڻ لاءِ جسماني هٿن پيرن جي ضرورت نه پوندي آهي. هو هڪ مَنو مراقبي جي حالت ۾. گندي جسم جي قيد مان آزاد ٿي ويندو آهي جنهن ۾ هو ظاهري اکين جي بناءِ باطني حقيقت کي ڏسندو آهي ۽ ظاهري هٿن پيرن کان سواءِ روحاني دنيا جو سير ڪندو آهي.

سچو عشق ئي محبوب حقيقيءَ جي وصال جو اڪيلو وسيلو آهي. عشق

جي غم ڪري صوفيءَ جي دل سندس نازڪ جان يا روح ٻڄي ويندو آهي ۽ دائمي زندگيءَ جي ڏور سندس هٿ ۾ اچي ويندي آهي. جيڪڏهن محبوب جي سيج ڪي سينگارڻو آهي تہ ان جو هڪڙوئي طريقو سندس بي اختيار عشق آهي.

دوريء نفسِ مرا از او ممکن نيست.
اين يڪ جهتي بہ گفتگو ممکن نيست.

معني: مون لاءِ هن جي جدائي پل بہ ممڪن ناهہ.
ان وصال جو بيان لفظن ۾ مون لاءِ ممڪن ناهہ.

پر اهو عشق جو غم سڀني لاءِ ممڪن ناهي. نفساني لذتن ۾ مگن دنيادار ان کي ڇا ڄاڻن! انڪري خدا ڪين درد جي دولت عطا نہ ٿو ڪري. پتنگ جو درد مک کي ملي ممڪن ناهي. ان عشق جي دک جي حاصلات لاءِ سڄي زندگي داءَ تي لڳائڻي پوندي آهي. روحاني عمل ۾ شغل ڪرڻو پوندو آهي، تڏهن وڃي محبوب هنج ۾ ايندو آهي. اها اڻ لڀ نعمت هر ڪنهن کي ملي نہ سگهندي آهي.

سرمد غمِ عشق بو الهوس نہ دهند.
سوزِ دل پروانہ مگس را نہ دهند.
عمر بايد کہ يار آيد بہ کنار.
اين دولتِ سرمد همہ کس را نہ دهند.

معني: اي سرمد! هي غمِ عشق هوس پرستن کي ملندو ناهي.
پتنگ جي دل جو درد مک کي ڪڏهن ملندو ناهي.
محبوب جي وصال لاءِ هڪ عمر ٿي گهرجي.
اهو لازوال خزانو سڀني کي تہ ملندو ناهي.

عاشق کي پنهنجي محبوب جو مسلسل تصور ۽ ان جي خيال ۾ سدائين محو رهڻ سان ڪيس دلي سڪون ملندو آهي. ڪيس باطن ۾ اهو بي بيان لطف ملندو آهي جيڪو ڪنهن دنياوي شيءِ ۾ ناهي. سچو عاشق اها حاصل ڪري اهڙي دائمي دولت ابدي نعمت سان مالا مال ٿي ويندو آهي جو هو دنياوي مال ۽ ملڪيت جو محتاج ٿي نہ رهندو آهي. هو سڀني کان وڏو دولتمند ٿي ويندو آهي.

فـڪـروخـيـالِ دوست راحت نـہ بود.
انديشـہ ۽ مـال و جـاه و دولت نـہ بود.
سر رشتـہ ۽ جان و دل بہ دلبر بہ سهار.
بـا دولـتِ پـائـدار دورت نـہ بـود.

معنيٰ: محبوب جي خيال ۽ تصور بنا خوش نہ ٿيءُ.
مال و زر ۽ وڏائي جي فڪر ۾ دکي نہ ٿيءُ.
دل ۽ جان دلبر جي حوالي ڪري ڇڏ.
ان دائمي دولت کان ٿورو بہ پري نہ ٿيءُ.

اهو انسان خوش نصيب آهي جنهن کي هڪ پل بہ حقيقي عشق جو درد محسوس ٿيو آهي. سمجهو تہ ان کي ٻنهي جهانن جي ابدي راحت ملي وئي. جيڪڏهن حقيقي محبوب جي سچي تصوير اوهان جي دل تي اڪري وڃي تہ ائين ڄاڻبو تہ سڄي دنيا اوهان جي مٺ ۾ اچي وئي.

يڪـہ لحظہ اگـر دلِ خـرينت بہ دهند.
آسـودگي ۽ رومي زهـينت بہ دهند.
گـر مـهـر خـداست نقش برخـاتم دل.
عـالم همـہ در زيرِ نگينت بہ دهند.

معنيٰ: هڪ گهڙيءَ لاءِ توکي سڪون دل ملي وڃي.
جڻ ساري دنيا جو جسماني آرام ملي ويو.
جيڪڏهن دل تي مهر خدائي لڳي وڃئي.
سڄي دنيا تي توکي اختيار ملي ويو.

ان سچي عشق سرمد کي لازوال ۽ لافاني بڻائي ڇڏيو. شرابِ عشق سندس جسم ۽ جان کان بيپرواهہ ڪري ڇڏيو. کيس اها ابدي هستي ۽ بيخودي ملي وئي جو جلاد جي تلوار بہ کيس ظاهري هوش ۾ آڻي نہ سگهي ۽ هن فاني جسم جو پردو ڦاڙي لافاني زندگي حاصل ڪئي.

دل از غمِ عشق جان شود آخرڪار.
سررشتہ ۽ اين عمر ابد دا بڪف آر.
خواهي نصيب تو شود بوس و ڪنار.
زنهـار ازو مگيـر يڪ لحظہ ڪنار.

معنيٰ: عشق جي غم سان مرده دل ۾ ساهہ پوندو ضرور.
دائمي عمر حاصل ڪرڻ لاءِ اهو جاري رک دستور.
آهہ خواهش تہ هن کي چمڻ ٿئي نصيب.
هڪ پل جي لاءِ بہ هن کان نہ ٿيان ڪڏهن دور.

دنيا جي اصليت

ان خالق جي محبوب، ۽ حق ۽ لافاني هئڻ جو ٻيو پاسو هي بہ آهي تہ هيءَ دنيا لافاني ۽ فريب آهي انڪري سچو صوفي ۽ حق پرست هن دنيا ۽ ان جي چاهت ۾ ڦاسندو ناهي. هو تہ صرف پنهنجي مرشد ۽ مالڪ جي محبت ۾ مگن ۽ مست رهندو آهي. هن لاءِ مال ملڪيت. حسن ۽ جواني، عزت ۽ شهرت، شان ۽ دٻدٻو ڪابہ حيثيت نہ ٿو رکي ۽ نہ ئي ڪيس پان ڏانهن ڇڪي سگهي ٿي. دنيا جا ماڻهو، جنهن کي راحت ۽ خوشي ٿا ڄاڻن. دراصل اهي دک درد جو سبب ٿيندا آهن.

ٻن ڏهاڙن جي هن دنيا مان ڪجهہ بہ حاصل ناهي. دنيادار عزت ۽ دٻدٻو ۽ مال ۽ دولت جا بکيا هوندا آهن. سرمد جي لاءِ لالچ، خواري لاءِ صبر. سک جو سرچشمو آهي، هو چوي ٿو تہ سڪي ترڙ ٿيل وڻ مان نہ ميوو ملندو آهي نہ ئي ڇانءَ، ان ڪري دنيا وارن سان دوستيءَ جي آس نہ رکڻ گهرجي.

سـرمـد تو خلقِ هيچ ياري مطلب.
از شـاخ برهنہ سـايہ داري مطلب.
عزت ز قناعت است و خواري زطمع.
باعزتِ خويش باش، خواري مطلب.

معنيٰ: سرمد! اهلِ دنيا سان لڳاءُ جي چاهت نہ ڪر.
سڪل ٿاريں مان ڇانءَ جي تمنا نہ ڪر.
صبر سان عزت ۽ لالچ ۾ آهہ ذلت.
عزت تي قائم رهہ ذلت جي تمنا نہ ڪر.

هيءَ دنيا ۽ ان جو شان ۽ دٻدٻو ۽ مال و دولت سڀ فريب آهن. هي جسم بہ تہ عارضي آهي. عارضي جاءِ کي دائمي مسڪن يا وطن تہ نہ سمجهبو انڪري هن ٻن ڏينهن جي رهڻ لاءِ ان جي تمنا فضول آهي.

انديشہء مال و جاه دنيا غلط است.
اين وهم و خيال وفڪر بيجا غلط است.
در خانہ ، تن وطن نہ باشد هرگز.
از بهرِ دو روز اين تمنا غلط است.

معنيٰ: دنيا جي مال و ملڪيت جي تمنا غلط آهي.
هي وهم و گمان بيجا فڪر غلط آهي.
هي جسم ڪڏهن روح جو وطن ٿي نہ ٿو سگهي.
ٻن ڏينهن جي زندگي ۾ هي دڪ ۽ فڪر غلط آهي.

هي دنيا حرص ۽ هوس جي جاءِ آهي. هر جاءِ تي هر شخص مال و دولت جي فڪر ۽ طلب ۾ آهي. دنيا طمع جي مرض ۾ ڦاٿل آهي. صبر ۽ شڪر جو ڦل تمام گهٽ. اڄان بہ نہ هئڻ جي برابر آهي. سڄي دنيا بيمار ۽ برباد ماڻهن جي گهر مثل آهي.

دنيا زِ هوا و حرص بسيار هر است.
بر جا است ولي در غمِ دينار پر است.
بيمار بسي شربتِ دينار ڪم است.
اين خانہء ويرانہ ز بيمار پر است.

معنيٰ: هيءَ دنيا حرص ۽ هوس سان ڀريل آهي.
هر دل مال ملڪيت جي طلب سان ڀريل آهي.
بيمار گهڻائي آهن پر مال و دولت جو شربت گهٽ آهي.
هي اجاڙ گهر بيمارن سان ڀريل آهي.

دنيا جا ماڻهو هن سهڻي باغ ۾ بيشمار تمنائون ڪٺي ايندا آهن پر ڪنڊا ۽ ڪوماڻيل گل چونڊي هليا ويندا آهن. افسوس! انسان بنا سوچڻ سمجهڻ. بنا ڏسڻ وائسڻ جي اکيون بند ڪري هلندو پيو وڃي. سرمد پنهنجي رباعيءَ ۾ ان خيال کي ڏاڍي خوبصورتيءَ سان پيش ڪيو آهي هو سمجهائي ٿو تہ انسان کي عيش ۽ غم جو فڪر ڪرڻ نہ گهرجي. اهي سڀ اڇا وڃڻا آهن. هو خبردار ٿو ڪري تہ انسان! تنهنجي عمر جا جيڪي ٻہ دم آهن. بس اهي ئي تنهنجو سرمايو آهن ڪٿي اهي ضايع نہ ڪجانءِ.

دِيدِي ڪہ غم و عيش و جهان زود گزشت.
چيزي در انديشہء تو بود گزشت.
اين يڪ دو نفس ڪہ ماند سرمايہء تو.
هشيار ڪہ نقصان نہ ڪُني سود گزشت.

معنيٰ: ڏٺءِ تہ خوشي ۽ غم جا ڏينهن جلد گذري ويا.
جن ڳالهين جو خدشو هيئہ اهي بہ گذري ويون.
بہ چار دم زندگيءَ جي دولت بچي آهہ هاڻ.
ان کي نہ وڃاءِ. ڇا ڪندين جي اهي بہ گذري ويا.

سرمد چوي ٿو تہ دنيا دورنگيءَ ۾ ڪنهن شيءِ جو طلبگار نہ ٿيءُ. مون لاءِ پنهنجي محبوب جي ديدار جي دولت کان سواءِ سڀ ڪجهہ ڏک ۽ ڏولاون جي سرڪڻ ٿاهي آهي. دنيا جو اهو سڄو ساز ۽ سامان مون لاءِ تج برابر آهي.

دنيا نہ کنم طلب کہ کم تر از خس است.

بي دولتِ ديدار تو اين هم قـــــفس است.

معنيٰ: مان توکان دنيا جو طلبگار ناهيان. اها تہ سڪي گاهہ کان بہ گهٽ آهي. تنهنجي ديدار جي دولت بنا بہ هڪ بندش آهي.

دنيادار، دنيا جي دکن ۾ ئي ڦٿا پيا هوندا آهن. اهي ناسمجهہ ۽ نااهل آهن. هو ان چند ڏينهن جي زندگيءَ جي اميد ڪري ئي نہ ٿي سگهجي.

اين مردمِ دنيا کہ گرفتارِ غم اند.

ديوانہ بسي ديدم وهشيار کم اند.

از بهرِ دو روز عـمـر از شامتِ نفس،

در حرص و هوا اسير و بدخواهم اند.

معنيٰ: هي اهلءِ دنيا سڀ غم ۾ گرفتار.

گهڻئي ديوانہ انهن ۾ ٿورڙا هشيار .

ٻہ ڏينهن زندگي لئہ غلام نفس جا،

حرص و هوس، طلب حسد جا بيمار.

هن دنيا جا ماڻهو هڪٻئي جا دشمن آهن. انهن جي دوستي تي اعتبار ڪرڻ بنهہ ناداني آهي.

بر دوستيِ اهلِ جهان تکيہ مکن،

از بهر دو روز دشمن يک ديگر اند.

معنيٰ: تون اهل دنيا جي دوستيءَ تي اعتبار نہ ڪر.

هي ٻن ڏينهن جي زندگي ڪاڻ هڪٻئي جا دشمن ٿيندا آهن.

انڪري سرمد اهل دنيا کان پناهہ ٿو گهري. ڪيس ٻي ڪابہ خواهش ناهي.

از مردمِ دنيا و دنيا شب و روز.

ديگر هوسَم نيست، امان مي طلب.

معنيٰ: مون کي اهلِ دنيا ۾ ڏينهن رات. ڪابہ خواهش ناهي، بس پناهہ

ٿو ڪهران.

دنياوي خواهشن تي خوش ٿيڻ نہ گهرجي. انهن کان ڪڏهن مهر و وفا ملي ئي نہ ٿي سگهي. انهن کي ڏسي خوش ٿيڻ دانائي ناهي.

دل خوش نہ شوي زِ وصلِ دنيا هر گز.

ما مهر نہ داريم ز آنها هرگز.

معنيٰ: دنيا ۾ پنهنجي ڪاميابيءَ تي خوش نہ ٿيءُ.

اسين انهن شين سان ٿوري بہ چاهت نہ ٿا رکون.

اسان جا گناهہ ۽
رحمٰن جي رحمت

سرمد نيزاريءَ جو مجسمو آهي. هو بہ هر درويش جيان عاجزي ۽ حليميءَ جي تصوير آهي. ڪيس پاڻ ۾ ڪابہ خوبي نظر نہ ٿي اچي. هو پاڻ کي نادانين، غلطين ۽ ڪمزورين جو مجسمو ٿو پائنين. جيڪو سڄو سارو گناهن ڪري گندو ٿيل آهي. پر ان ڪمزوري ۽ شرمندگيءَ جي باوجود سندس اندر ۾ محبوب حقيقيءَ جي لاءِ مڪمل يقين آهي. ڪيس. هن جي رحمت تي پروسو ۽ ناز آهي. بيشڪ گناهہ بي حساب آهن تہ هن رحمٰن الرحيم جي رحمت بہ بيڪران آهي. انڪري سرمد ان الله تعاليٰ کي پاڏائي ٿو تہ اي منهنجا مالڪ ! مان پنهنجي ڪيل گناهن تي شرمندو آهيان. منهنجي عمر ان فڪر ۾ پئي گذري تہ جيڪي بد اعمال مون کي ڪرڻا ڪين هئا، اهي بہ مون کان ٿي ويا آهن. هاڻ تہ بس هڪڙي ئي راهہ آهي تہ تون منهنجي گناهن ڏي نہ ڏسين پر مون تي پنهنجي رحمت جي نگاهہ ڌرين.

از ڪرده خويش منفعل بسيارم.
عمر يست ڪہ پيوستہ درين آزارم.
چيزي ڪہ نہ پايہ شد ازمن شد.
بر فضل نظر بڪن برڪردارم.

خواجہ حافظ جو فرمان آهي تہ : " مان هڪڙو بدحال فقير آهيان. مان تنهنجي پناهہ ۾ اچي ويو آهيان. تنهنجي دوستيءَ کانسواءِ مون وٽ ٻيو ڪوبہ ثبوت ناهي. منهنجي اعزت ۽ آبرو خطري ۾ آهي. بس تون خطائن جو ڍڪ آهين. اهو سچ آهي تہ منهنجو اعمال نامو ڪارو ٿيلهہ آهي. پر تنهنجي ڪرم جو ڪڪر ئي ان کي ڌوئي ٿو سگهي."

فقير و خستہ بہ درگاهت آمدم رحمي،
ڪہ جز و لائي تو ام نيست هيچ دستاويز.

آبرو مي رود اي ابرِ خطا پوش ببــــار.
ڪہ بہ ديوانِ عمل نامہ سيـاه آمـد آم.

شيخ بابا فريد جو قول آهي تہ : "ماڻهو منهنجو درويشاڻو لباس ڏسي مون کي پارسا ٿا سمجهن. پر اهو تہ مان ئي ٿو ڄاڻان تہ مان ڪيترو گنهگار آهيان.

فريدا ڪاني ميڏي ڪپڙي، ڪالا ميڏا ويس.

گنهي پر امين ڦران، لوڪ ڪهي درويش. **(آد گرنٿ)**

پاڻ وڌيڪ فرمائين ٿا تہ "اي خداوند ڪريم ! رحمن رحيم مان تنهنجي پناهہ ۾ آيو آهيان، تون مون تي رحمت ڪر. مون کي بخش ۽ پنهنجو غلام بڻاءِ.

تيري پناه خدائي تو بخشند گي،

شيخ فريد خير ديجئي بندگي. **(آدگرنٿ)**

مذهبي متعصب ۽ شرعي رهنمائن ۽ خدا جي عاشقن صادقن ۾ هي فرق هوندو آهي تہ پنڊت، پادري ۽ مولوي انسان کي دوزخ يا نرڳ جو خوف ڏياري نيڪ عملن جي ترغيب ڏيندا آهن جڏهن تہ خدا جا عاشق پنهنجي گناهن جي ڳنڍ پنهنجي الله تعاليٰ جي آڏو رکي ڪائنس سندس رحمت جي خيرات گهرندا آهن. ڪين پنهنجي نيڪ عملن جي ٻل تي نہ پر پنهنجي مالڪ جي رحمت تي ناز هوندو آهي. سرمد پنهنجي پهرين رباعي ۾ ئي پنهنجي گناهن جو اقرار ۽ رحمٰن جي لامحدود رحمت تي پختي يقين جي جذبي کي ڏاڍي خوبصورتيءَ سان بيان ٿو ڪري.

از جرم فزون يافتہ ام فضل ترا،

اين شد سبب معصيتِ بيش مرا.

هر چند گناه بيش ڪرم بيش تراست،

ديدم همہ و ازمودم همہ را.

معني: منهنجي گناهن کان فضل تنهنجو وڏو آهي.

اهو ئي تہ منهنجي گناهن جو سبب بڻيو آهي.

ڏٺم منهنجا وڏ ۽ رحمت تنهنجي تن کان سبل.

اهو سڀ مون ڏٺو ۽ هر هنڌ پرکيو آهي.

سرمد هر هر پنهنجي گناهن جي معافي ٿو گهري. هو پنهنجي گناهن تي شرمندو بہ آهي ۽ پنهنجي مالڪ جي اڳيان سچي دل سان روئي روئي [illegible] جي [illegible] ٿو ڪري ٿو. هو ڄاڻي ٿو تہ [illegible] گناهن جا [illegible] هجن، منهنجو رحم ۽ ڪرم ئي مون کان جونڪرو ڌاري نٿو سگهي.

يا رب زِ كرم بہ بخش تقصير مرا،
مقبول بكن ندامت گير مرا.
ما پر از گناه ماجرا ست عجيب،
لطفِ تو كند چاره و تدبير مرا.

معنيٰ: اي رحمتِ حق، بخش منهنجي تقصير ۽ خطا.
قبولج راتين ۾ منهنجي آھ و بكا.
اسين گناھن ۾ گتل، آھ عجب حال پنهنجو.
مون تي كو كرم كج ۽ كا تدبير بناءِ.

گورباڻيءَ ۾ ان جذبي جي خيال جو هيٺن اظهار كيو ويو آهي.

١. سب اوگن ۾ گن نهين كوئي - كيون كركنت ملاوا هوئي،
نہ مين روپ نہ بنكي بينا - نہ كل ڍنگ نہ ميٺي بينا.
سرت مت ناهين چترائي - كر كرپا پربھ لاهو پائي.
٢. جن نانك كو هو بخش لي ميري سوامي - سر ناگت پيا اجان.
(آدگرنٿ)

سرمد كي پكو يقين آهي تہ خدا رحيم ۽ كريم آهي، سندس كم ئي رحم ۽ كرم كرڻ آهي انكري هو پنهنجي كنن اعمالن تي غمگين ۽ شرمسار ناهي.

سرمد كار آن لطف و كرم است،
از معصيت و سياه كاري چہ غم است.

معنيٰ: سرمد الله جو كم آهي فقط مهر ۽ كرم.
پوءِ مون كي پنهنجي گناهن جو كهڙو غم.

سرمد فرياد ٿو كري تہ اي منهنجا مالك! مون ئي هن ظلمن جي سمنڊ جي كنن مان منهنجي ٻيڙي پار پهچائي ٿو سگهين. مان شرمندگي ۽ پشيمانيءَ جي سمنڊ ۾ غرق آهيان. بس تنهنجو فضل ۽ كرم ئي پار پهچائي ٿو سگهي.

يا رب چہ كنم گزشت جرمم ز شمار،
كشتي دلِ خستہ زگرداب بر آر.
در بحرِ خجالت و ندامت غرقم،
فضل تو كند چارو بگيرد بكنار.

ترجمو: اي خدا ڇا ڪريان، گناهه آهن بيشمار،
ڪني دل جي ٻيڙي، طوفان مان ڪر پار.
غرق خجالت ۽ ندامت جي سمنڊ ۾ هان،
ڪندين فضل تون، ٿي ويندس مان پار.

ان مان پتو پوي ٿو تہ سرمد جو محبوب حقيقي رحيم، ڪريم ۽ غفار آهي. گناهن جي معافي ڏيڻ سندس ڪم آهي. هو سزا نہ ٿو ڏئي، رحمت ٿو وسائي. سرمد کي پنهنجي محبوب جي ان وصف تي ناز بہ آهي ۽ پختو يقين بہ آهي. سندس چوڻ آهي تہ جيترا گهڻا گناهہ اوتري ئي گهڻي رحمت ۽ بخشش. هو پنهنجي گناهن جو نذرانو کڻي، پنهنجي مالڪ وٽ ان يڪ سان وڃي ٿو تہ هو سندس رحمت ۽ نظر ڪرم کي حاصل ڪري سگهي.

شريعت ۽ رسمن جي مخالفت

پنجاب جي مشهور صوفي شاعر فقير سائين بلهي شاهہ چيو تہ عشق ۽ شرع ۾ تضاد آهي. صوفياء ڪرام جي فلسفي جو اصل بنياد ئي هي آهي تہ سموريون ظاهري رسمون ۽ رواج فضول ۽ بي معنيٰ آهن. خدا جو سچو عاشق اهو نہ چوندو آهي تہ هڪ مذهب جي شريعت درست باقي ٻين جي غلط آهي. هو هر طرح جي شريعتي ظاهري رسم ۽ رواج ۽ ان مان پيدا ٿيل تضادن کان بالاتر هوندو آهي. هو سڀني مذهبن جي شريعتن کي بي معنيٰ ۽ خام سمجهندو آهي. اهڙيءَ طرح سرمد بہ چوي ٿو تہ منهنجو نہ ڪنهن زاهد عابد جي تسبيح سان ڪو واسطو آهي ۽ نہ ڪنهن برهمڻ جي زنار (جڻيي) سان ڪوئي واسطو آهي. مون کي تہ صوفين جو اهو پشم جو لباس بہ پسند ناهي، ڇو جو ان پردي ۾ ڪيترائي گناهہ لڪل آهن.

گر متقيم ڪار بہ يار است مرا.
باسبحہ و زنار چہ ڪار است مرا.
اين خرقہ • پشمينہ صدقنتہ در وست.
بازش نہ ڪشم بدوش. عارست مرا.

ترجمو: پارسا ۽ درويش آهيان پر يار سان اٿم ڪم.
منهنجو تسبيح ۽ جڻيي سان ڀلا ڪهڙو ڪم.
ان لباس پشم ۾ بہ لڪل ڪئي گناهہ.
پائيندس نہ ڪڏهن. ڪندو مون کي بدنام.

بابا فريد بہ ان انداز ۾ فرمايو آهي تہ صوفيءَ جي لباس سندس اندر جي گناهن کي لڪائي رکيو هوندو آهي. هو پنهنجي پارسائي ڏيکارڻ جي لاءِ ڪلهي تي مصلو کنيو وتندو آهي ۽ پنهنجي عاجزيءَ جي نماءُ لاءِ ڪڇيءَ ۾ صوفي ڪفني پايو گهمندو آهي. ماڻهن کي ڏوڪو ڏيڻ لاءِ سندس زبان مان ماکيءَ کان بہ مٺا لفظ نڪرندا آهن. پر سندس دل حسد ۽ نفرت ۽ طمع سان ڀريل هوندي آهي. هو ظاهري نيڪيءَ جي نور سان روشن هوندو آهي ۽ باطن ۾ بداعمال جو پتلو هوندو آهي.

فريدا ڪن مصلي، صوف گل، دل ڪاتي گڙاوت،
باهر دسي چـــــانـنا، دل انڌياري رات.
(آدگرنت)

درويشانِ حق جي چوڻ مطابق تہ خدا ظاهري لباس نہ ڏسندو آهي هو تہ دل جي پاڪيزگي ۽ عشق جي شدت ڏسندو آهي. سرمد ٿو چوي تہ صرف فقيرن جو نباس يا لبادو ئي پائڻ درست ناهي، جو تہ جيسين دل ۾ مڪر ۽ فريب، بغض ۽ ڪپٽ، حسد ۽ دشمني موجود آهي، تہ درويشائي نباس جي ڪابہ ضرورت نہ آهي. اهي تسبيح ۽ جڻيو يا ٻيون مذهبي علامتون انسان کي خدائي بارگاهہ ۾ بچائي نہ سگهنديون. بنا قلبي پاڪيزگيء جي ۽ سچي عشق جي مڙئي مذهبي نباس روح تي اجائي بار آهن.

اين خرقہ ء پشيمنہ کہ زنار دروست،
مڪراست و ديا، فتنہ ء بسيار دروست.
بردوش مکش، دست بکش، تانہ کشي،
اين بارِ ندامت کہ صـــد آزار دروست.

ترجـــمـــو: هي نباسِ پشم، جـيـڻـو جنهن ۾ لڪل آهي،
اهو مـــڪـــر ۽ رياء ۽ عـــيـــبن ســـان پـــريل آهي.
ڪلهي تي نہ رک اهو، پري اڇـــلائي ڇـــڏ،
بدنامــوسيء جـــو باعث آه هر طرح برو آهي.

درويش نہ ڪنهن مذهب جا پابند هوندا آهن نہ انهن جي مخالفت براء مخالفت ڪندا آهن. هو سڀ جو صلح گهرندڙ آهن ۽ سڀني مذهب وارن کي هڪ جيترو پيار ڏيندا آهن. هر مذهب جا مڃيندڙ ان مالڪ جا ٻانها آهن ۽ هو ئي سڀني جو مالڪ آهي. انڪري خدا جو سچو عاشق بہ سڀني جو هوندو آهي. انهيء لاء ابي جند جو فرمان آهي تہ :

هم مطيع فرقانم، هم ڪيششِ غم رهبانم،
ربي، يهـودانم، ڪافـرم مـــسـمـــانم.

معنيٰ: مان قرآن جو فرمانبردار آهيان ۽ عيسائين جو بہ هم مذهب آهيان،
يهودين جو بہ خطيب آهيان، ڪافر بہ آهيان ۽ مسلمان بہ آهيان،
سرمد، ان ڪافر و مومن جي ان نازڪ خيال کي پنهنجي هڪ رباعيء ۾ ڏاڍي خوبصورتيء سان ائين ٿو سمجهائي:

سرمد بہ جهان بسي نکو نام شدي،
از مذهب کفر سوئي اسلام شدي.
آخرش چہ خطا ديدي ز الله و رسول،
برگشتہ مريدِ لچهمن و رام شدي.

ترجمو: سرمد تون جهان ۾ وڏو نيڪ نانءُ ٻڌئين.
ڪفر کي ترڪ ڪري، اسلام جو پوئلڳ ٿئين.
الله ۽ رسول ۾ ڪهڙي گهٽتائي ڏٺي تو.
جو تون وري پرستارِ لڇمڻ و رام ٿئين.

مطلب تہ ماٺهو سمجهن ٿا تہ سرمد هڪڙو مذهب ڇڏي ٻيو اختيار ڪيو آهي. پر هو اها ڳالهہ سمجهڻ جي ڪوشش ئي نہ ٿا ڪن تہ هو دراصل ان حقيقت جو اظهار ڪري رهيو آهي تہ رام ۽ رسول صلعم هڪ ئي خدا جا پيغام رسان آهن.

سرمد پنهنجي زنده مثال ۽ ڪلام جي وسيلي انساني نسل کي هي پيغام ڏنو آهي تہ: مذهبي شريعت جي پيدا ڪيل تلخي ۽ تعصب انسان ۽ انسان جي وچ ۾ حسد ۽ نفرت جو باعث ٿو ٿئي. اهو بي معنيٰ ۽ فضول آهي. انسان جو اڪيلو مذهب خدا جو عشق آهي. جيڪڏهن دل ۾ محبت آهي تہ پوءِ ڪهڙو بہ لباس هجي يا ڪهڙي بہ مذهبي شريعت جو پابند هجي سڀ ڪجهہ واجب ۽ روا آهي پر جيڪڏهن خدا جي عشق کان خالي دل ٿو رکي تہ دنيا جون مڙئي شريعتون بہ انسان کي سنواري نہ ٿيون سگهن. خدا بہ انسان جي باطن ۾ آهي ۽ سائس وصال جي راهہ بہ سندس اندر ۾ آهي ان راهہ تي هلڻ جي لاءِ نہ ڪنهن شريعت جي پابنديءَ جي ضرورت آهي ۽ نہ ان جي ترڪ ڪرڻ جي. صوفيءَ جي اڪيلي شَ نعت حقيقي محبوب جو ذڪر ۽ تصور آهي. هن جو اٿڻ ويهڻ، هلڻ گهمڻ، سمهڻ جاڳڻ، ان محبوب حقيقيءَ جي ذڪر ۾ محو هوندو آهي. هو روح کي اندر ۾ يڪجاء ڪري روحاني طبقات ۾ پهچي. حقيقي محبوب جي حسن جو نظارو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. هو شريعت جي ظاهر الجهائن ۾ وقت ضايع ڪرڻ نہ گهرندو آهي.

نوٽ: شاعر لطيف جو فرمان آهي: سي سٽائي سونهن. نند عبادت جن جي.
(سنڌ پڪار)

حق جي مئي

اڪثر صوفين پنهنجي ڪلام ۾ شراب. مئہ خاني. ساقي يا پيرِ مغان جو ذڪر ڪيو آهي. سرمد جي ڪلام ۾ بہ هر هر شراب جو ذڪر. مئہ خاني ۽ ساقيءَ جو ذڪر ملندو. صوفياءِ ڪرام ۽ سرمد جو شراب. انگور مان نهيل شراب خانہ خراب ناهي. پر حقيقي محبوب جو سچو عشق. لافاني محبت ۽ سندس سچي نانءَ جي پوڄا ۽ عبادت ئي سندس عرفانِ حق آهي جنهنجو نشو ڪڏهن لهندو ئي ناهي. سندس ساقي آهي مرشد يا محبوب. دنياوي شراب تہ هوش خطا ڪندو آهي پر عشق خدا سجاڳي ۽ هوش عطا ڪندو آهي. حق جي نانءَ جي شراب جو شرابي. هن مادي دنيا کي وساري. باطن ۾ لطيف روحاني طبقات جو رهواسي ٿي ويندو آهي. جتي ڪيس مستي. بيخودي ۽ سرور ملندو آهي انساني حياتي چند ڏهاڙن جي آهي موت چپ هنيو بيٺو آهي ۽ شڪاري ڪتي جيان پويان پيو اچي. ان ڪري سرمد ان ٿوري عرصي مان فائدو وٺي. الفت جي شراب سان مست ۽ پر ٿيڻ جو پيغام ڏنو آهي.

هوشيار بود هرڪہ گل جام ڪشہ.
خود رازِ غم و محنت ايام ڪشہ.
مي نوش ڪہ صيادِ فلڪ مي گردد.
آخر همہ را از حيلہ دردام ڪشہ.

ترجمو: آهي هوشيار اهو. جو پئي مئي جا جام.
هن جو ناهي ڪم ڪو غم سان پا آرام.
شڪاري بڻجي آسمان. لڳو تنهنجي ڪڍ.
ڦاسائي نيٺ وجهي. هرڪو پنهنجي دام.

سرمد اشارو ٿو ڪري تہ حقيقي شراب جو راز انتهائي اونهو آهي. جيڪو غافل انسان خدا جي ذات کي نہ ٿو ڄاڻي. اهو هن راز کي بہ نٿو ڄاڻي.

سرمد هوشيار ٿو ڪري ۽ سندس اشارو هن دنياوي شراب ڏانهن

ناهي. هو چوي ٿو ته: "جيڪو شخص ان حقيقت کان واقف ٿي ٿو وڃي. ته هيءَ دنيا چند ڏهاڙن جي آهي. فاني دنيا آهي. مسافر خانو آهي اهو نه هن جي گل جهڙي شبيهه ڏانهن مائل ٿو ٿئي نه ئي ان شراب خانه خراب جي نشي ۾ مست ٿي. پنهنجو وقت برباد ڪندو آهي." هو وڌيڪ چوي ٿو ته : "جنهن لاجواب نشي جو مان ذڪر ٿو ڪريان. اها مئي محبت جي درد کي ڪشيد ڪري حاصل ڪبي آهي. ان جي پيئڻ سان محبوب جو وصال ٿيندو آهي.

سرمد جو چوڻ آهي ته دنياوي شراب انسان جو هوش ۽ حواس گم ڪري ڇڏيندو آهي. پر خدا جي عشق جي پيالي جو مزو ئي نرالو آهي. اهو پيئڻ وارو عجيب سرور ۾ غرق ٿي ويندو آهي. هو ظاهري طور تي ديوانو يا سودائي ڏسڻ ۾ ايندو آهي پر باطني طور پنهنجي مولا جي حڪم سان پوريءَ طرح واقف ۽ هوشيار هوندو آهي.

سرمد جو چوڻ آهي ته ان نراني شراب کي ٻاهرين اک ڏسي نه سگهندي آهي پر اها عرفاني مئي، آب حيات ٻڄي. دلين کي مخمور ۽ مسرور ڪري ڇڏيندي آهي.

صوفي نظرئي جي مطابق زاهد ۽ پارسا شخص ان کي چيو ويندو آهي. جيڪو شريعت جو پوريءَ طرح پابند هجي. جڪيو روزي. نماز ۽ حج جي واسطي پاڻ کي پوريءَ طرح پرهيزگار ثابت ڪري. اهڙو زاهد پيو سڀ ڪجهه ته ڄاڻندو آهي. پر خدا جي عشق کان اڻ واقف هوندو آهي. سندس زندگيءَ جو طريقو. ڏاڍو خشڪ ۽ بناوٽي هوندو آهي. هو ظاهري نيڪي جو نماءُ ڪندو آهي پر سندس باطن طلب ۽ تمنا. حسد ۽ دشمني. بدي ۽ بداعمالنيءَ جي ڪارنهن سان ڪارو نيل هوندو آهي. هو ٻين کي نصيحت ڪرڻ جي لاءِ هر وقت تيار رهندو آهي. پر پاڻ پاڪيزگي ۽ محبت جي لطف کان خالي ۽ محروم هوندو آهي. انڪري صوفياء ڪرام اهڙي زاهد ۽ پرهيزگار ۽ مبلغ تي هميشه تنقيد ڪندا آهن.

سرمد چوي ٿو ته : "زاهد ۽ دنيادار خدا جي نانءَ جي مئي کان اڻ واقف آهن. هو مئي عشق خدا ۾ سرشار فقيرن کي ديوانو ڄاڻندا آهن. هو ماڻهن کي خدا جي عشق ۾ ديوانن جي صحبت ۾ وڃڻ کان جهلبندا پليندا آهن پر جن کي اها مئي عرفانِ حق هڪ پيرو منهن نگي ويندي آهي. اهي ان پيالي کي چپن تان پري ڪري ئي نه سگهندا آهن. جيڪو هڪ پيرو به ان

نعمت باري تعاليٰ سان مسرور ۽ سرشار ٿي ويندو آهي. اهو ان الاهي نعمت کي ڪٿي ڇڏي سگهندو آهي."

سرمد هڪ ٻي رباعيءَ ۾ چوي ٿو ته: "تون پنهنجون نصيحتون پان وٽ ئي رک. اسين اهڙا عاشق آهيون جيڪي دل ۾ ظرف کي عشق جي هلڪي باهه ڏئي اهڙو شراب ڇڪائيندا آهيون جيڪو ڪثرت کي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيندو آهي." سرمد هڪ ٻي رباعيءَ ۾ چوي ٿو ته: " مان زاهد کي خبردار ڪندو آهيان ته عشق خدا جي مئخوارن تي دنيا ڪڏهن به خوش نه هوندي آهي. پر جنهن عاشق صادق (مريد) کي ساقي (مرشد) پاڻ وٽ ويهاري الاهي عشق جي مئي پياريندو هجي، اهو عاشق صادق زاهدن جي حلال ۽ حرام جي وعظن تي ڌيان نه ڏيندو آهي؟ هو ته هوش ۽ حواس وڃائي عشق الاهيءَ جي مئي جا پيالا ڳڙڪائي ويندو آهي."

سرمد زوردار لفظن ۾ چوي ٿو ته: "پير مرشد يا رهبر ئي اوهان جو ساقي آهي. جيڪڏهن هو ملي وڃي ته خدا جو شڪر گذار ٿيڻ گهرجي. هن جي هٿان مئي عشق الاهيءَ جا ٻه چار ڍڪ پيءِ. عاجزي ۽ انڪساري جي نشي سان ڀرِ ٿي وڃو. ڏسو، ڪٿي مئي عرفان جي نشي جا اجارا نه رهجي وڃو. ورنه خمار جي تڪليف برداشت ڪرڻي پوندءِ ۽ هن دنيا جي چاهت ۾ ئي قائل رهجي ويندين."

گرو ارجن ديو فرمايو آهي ته: **"جيون پاوڪ انيڌن نهوني ڌراپي"**.

معنيٰ باه ڪائيون وجهڻ سان ڪڏهن ٺڌي نه ٿيندي آهي. انسان جون خواهشات، تمنائون ۽ لذتون به دکندڙ باهه جيان آهن. ڪجهه ماڻهو ان وهم جو شڪار آهن ته مڙني خواهشن جو پورائو ڪرڻ گهرجي، جيئن خواهشن جي پوري ٿيڻ سان هن کي سڪون ملڻ گهرجي. پر هو ان جي اصل فطرت کان غير واقف ناهن ته جيترين خواهشن جي پورائيءَ جو سامان ان باهه ۾ وجهندا ويندا، اها اوتري ئي تيز ٿيندي ويندي، گرو نانڪ صاحب 'جپ صاحب' جي شروع ۾ فرمايو:

يڪيا بک نه اتري جي بنا پريان پار (آدگرنٿ)

انسان کي جيڪڏهن پنهي جهانن جي حڪومت ملي وڃي تڏهن به ڪيس صبر ۽ سڪون نه ملندو. ان ڪري خدا جا سچا عاشق فرمائيندا آهن ته خواهشات جي باهه. خواهشات جي پورائي سان نه پر خدا جي نالي جي آب

حيات سان ٿڌي ٿيندي آهي. گرو ارجن ديو جو چوڻ آهي:

دن تذهورجي منگنا سر دکان دي دک.

دي نامر سنتو کيا، اتري من کي بک. (آدگرنٿ)

سرمد چوي ٿو تہ: "تون پنهنجي مرشد جي باطني تصور جي آب حيات جي چڪي چک، من ۽ روح کي سڪون پهچاءِ. جيڪڏهن تو نفس جي ان باهہ کي نالي خدا جي آب حيات سان سرد نہ ڪيو تہ خواهشات جي باهہ جي اوڙاهہ ۾
سڙي خاڪ ٿي ويندين. اها باهہ طوفاني ٿي ويندي جنهن ۾ تون سڙي ويندين."

هندو رشين بہ 'نانءُ' کي امرت چيو آهي. مسلمان درويشن ان کي آب حيات چيو آهي. حضرت عيسيٰ عليہ ان کي 'زندهہ پاڻي' يا زندگي جو پاڻي چيو آهي. جيڪو مئن کي جيئرو ڪندو آهي. مڪمل فقيرن ۽ سنتن جو چوڻ آهي تہ موجوده صورتحال ۾ انسان زندگي ۽ موت جي چڪر ۾ آهي. انڪري فاني ۽ ختم ٿي وڃڻ وارو آهي، پر روح، باطن ۾، خدا جي نانءُ جو امرت، آب حيات، يا زندگيءَ جو پاڻي پي، زندگي ۽ موت جي چڪر کان آزاد ٿي زندهہ جاويد حاصل ٿو ڪري، موجوده حالتن ۾ تہ انسان خواهشات ۽ تمنائن جي ڪڏهن بہ ختم ٿيڻ واري باهہ ۾ سڙي رهيو آهي. پر باطن ۾ خدا جي نانءُ جو شراب پي، سندس من خواهشن ۽ تمنائن کان هميشہ جي لاءِ نجات حاصل ڪري وٺندو آهي.

گروباڻيءَ جي مطابق، خدا جو نالو اهو آب حيات آهي جنهن جي پيئڻ سان حرص و هوس جي تمنا ميسارجي ويندي آهي.

۱. امرت هر کا نام هي، جت پيتي تک جائي. (آدگرنٿ)

۲. گرو کا شبد امرت هئي جت پيتي تک جائي.

ايهو من ساچا سچ رتا، سچي رهيا سمائي. (آدگرنٿ)

سرمد جي ڪلام ۾ جنهن ڳالهہ تي وڌيڪ زور ڏنو ويو آهي اها آهي، خدا جو نانءُ، عشق ۽ بندگي، زندگيءَ جي شراب جي نشي مان لطف اندوز ٿيڻ. سرمد افسوس ٿو ڪري تہ مرده دل زاهد ۽ پاڪدامن، خشڪ رسمن جو شڪار بڻجي زندگيءَ جي مستيءَ کان اڻ واقف آهن. اهائي ڳالهہ آهي جو هو روحانيت جي سنجيده مسئلن جي نزاڪتن کي سمجهڻ جي قابل ناهن.

اسرارِ مئہ جام بہ کس روشن نیست.
این راز بمهر مرده دلِ گفتن نیست.
زاهد غـدا کہ از خـدا بي خـبـري،
سر رستہ ۰ این بدستِ بر کردن نیست.

ترجـــمـــو: راز جـــام هر کو نہ ٿــو ڄــائي سگهي.
اهو دلي راز هر ڪنهن کي ٻڌائڻ روا ناهہ.
خدا جو سنهن زاهد. خدا کان بي خبر آنهہ،
نادان لاء اهو پردو کـــــڻڻ روا ناهہ.

سرمد جو چوڻ آهي تہ دنيا جا ماڻهو. دنياوي ڪاميابين تي ناز ڪندا آهن پر عاشق صادق مرشد ۽ سندس آڇيل نانءَ جي ذڪر کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ شيءِ سان چاهت يا پرواهہ ڪندائي ناهن.

دل خوش نہ شوي ز وصلِ دنيا هرگز.
مـا مــهــر نہ داريم زِ آنهـا هرگـز.
جز ساقي و جام نيست غم خوار کسي.
از دست مــدهِ گــردنِ مــينا هرگــز.

ترجمو: پنهنجي ڪاميابيءَ تي. دنيا ۾ خوش نہ ٿج.
اسـين فـاني شـين ڏي نهـاريون ئي نہ ٿـا.
غـمـخـوار ناهي ڪوئي سـاقي ۽ جـام سـوا،
صــراحيءَ جي روانيءَ تي. رک هٿ ســدا.

اعمال ۽ ان جو ڦل

سرمد پنهنجي گناهن تي شرمندگيءَ جو اظهار ڪري ٿو. اهو سندس عاجزي ۽ انڪساريءَ جو جذبو آهي، هو هر هر ان خيال جو به اظهار ٿو ڪري ته منهنجي گناهن جو ڪيڏو به ڍير هجي، هن جي رحمت جي سمنڊ آڏو ان جي ڪابه حيثيت ناهي! اها هڪ عاشق صادق جي رحمٰن ۽ رحيم جي ڪرم تي پختي يقين جي گواهي آهي پر سرمد پنهنجي ڪيترين ئي رباعيات ۾، انسان کي بدي، بداعمالي ۽ نفساني لذتن ۾ ڦاسي، ڪيل بداعمال جي خطرناڪ نتيجن کان به آگاهه ٿو ڪري. هو بري صحبت کان به هوشيار ٿو ڪري ان کان سواءِ پنهنجي رباعيات ۾ زوردار لفظن ۾ اها تنبيهه ٿو ڪري ته بداعمال کان پاڻ بچائجي ڇو ته هر ڪنهن کي پنهنجي اعمال جو نتيجو ڀوڳڻو پوندو.

سرمد جو چوڻ آهي ته اها منهنجي مداين جي مقابلي ۾ تنهنجي رحمت جي حد آهي. ان هوندي به منهنجي دل پنهنجي گناهن جي بار ڪري گهبرائي وئي آهي. منهنجي دل هميشه ان فڪر ۾ پڌل رهندي آهي ته منهنجا گناهه مون کي ڪيڏانهن ٻوڙيندا. مان سدائين تنهنجي رحمت جي اميد ۽ پنهنجي گناهن جي غمن جي ڪنن ۾ ڦيرائيون پيو کائوان.

سرمد جو چوڻ آهي ته "مان هميشه ان سوچ ۾ پڌل رهندو آهيان ته مونکي منهنجا گناهه ڪيڏانهن نيندا". سرمد وڌيڪ ٿو چوي:-"منهنجي دل جڏهن به حساب ڪندي آهي ته مان پنهنجي ڪيل گناهن تي شرمسار ٿيندو آهيان. مون کي پنهنجي گناهن جو فڪر وڪوڙي ويندو آهي، منهنجو من مونجهاري ۾ ڦاسي پوندو آهي. مان گناهن کان پنهنجو پاند پالهو ڪري نه ٿو سگهان." هيءَ بيوقوف دل وڏي چمار جي خواهش تي رکي، پر اهو نه ٿي ڄاڻي ته اهي اعمال پوءِ ڪهڙو رنگ ڪندا. انڪري سرمد هر هر خدا کي رحم جي لاءِ دعاگو آهي. هو چوي ٿو ته مان ڪيل گناهن جي ڪري خراب حالت ۾ ڦاسي پيو آهيان، صرف تنهنجي رحمت سان ئي انهن ڪنن مان نڪري ٿو سگهان.

پاڻ سڃاڻ

سرمد انسان کي پاڻ سڃاڻڻ جي ترغيب ڏني آهي. صوفياء ڪرام پاران پاڻ سڃاڻڻ جو مطلب اندر ۾ ڪم ڪندڙ طاقت، يعني روح سان سڃاڻ جي ڳالهه آهي. جسم ۽ نفس کان اڳتي وڌي روح کي سڃاڻ ڪرڻ ۽ ان کي اصل جي وصال کي، پاڻ سڃاڻ، يا اصل جي ڄاڻ جو نانءُ ڏنو آهي، بابا فريد جو چوڻ آهي؛

آپ سوارا ۾ ملي، مين مليا سک هوئي،
'فريدا' جي تون ميرا هوئي، رهين سب جگ تيرا هوئي.
(آدگرنٿ)

خدا، بندي کي چوندو آهي جيڪڏهن تون پاڻ کي سڃاڻي وٺندين ته توکي سچو سک ملندو ۽ مون جيان تون به مالڪ بڻجي پوندين.

سرمد انسان کي خبردار ٿو ڪري ته تون جسم، حواسن ۽ نفس کي اوليت ۽ پنهنجي اصل روحاني هستيء کي پوئين حيثيت ڏئي ان کي پٺتي نه ڇڏ. هو پاڻ بابت چوي ٿو، اي دوست ! تون جيڪڏهن مونکي غور سان ڏسندين ته توکي خبر پوندي ته منهنجو علم ۽ فلسفو لاجواب آهي. مهر، محبت ۽ عقيدت ۾ منهنجو ڪوبه مثال ناهي. مان سيني حقيقتن جو مالڪ آهيان. مان سدائين جوان رهندو آهيان. جيڪڏهن تون زندگيء جو ڪتاب پڙهي ڏسندين ته هر صفحي تي منهنجو ذڪر ۽ بيان ملندءِ.

اي دوست مرا بعلم و حڪمت به نگر،
در مهرو وفا و محبت به نگر.
من صاحبِ معينم و صوتِ تعظيم،
در من چوڪتاب هر دو صورت نگر.

دراصل سرمد اتي انالحق جي خيال جو اظهار ٿو ڪري، سندس اشارو انسان جي باطن ۾ ڪمائتي روح ڏانهن آهي. جنهن ۾ خدا جون مڙئي وصفون موجود آهن.

سرمد هڪ ٻي رباعيء ۾ انسان کي سمجهائي ٿو، "اي انسان! تورو

آئيني ۾ تہ ڏس تہ خدا تنھنجي ڪھڙي صورت ناهي آهي؟" بائيبل ۾ آيو آهي تہ 'خدا انسان کي پنھنجي صورت جھڙو بڻايو آهي.' انسان جسم جي ڪري نہ پر روح جي ڪري ان خداء برتر جو جزو يا مظهر آهي. آئينو آڏو رکي ڏسڻ جو مطلب پنھنجو پاڻ ۾ پنھنجي ذات جو ديدار ڪرڻ آهي.

ان امر کي ٻئي نموني ٻڌائيندي سرمد چوي ٿو تہ: "لفظ کي معنيٰ کان. اک کي نظر کان. گل کي خوشبوء کان ڌار ڪري نہ ٿو سگھجي. مطلب تہ روح ۾ رحمٰن جون سڀ وصفون موجود آهن. ان خيال کي گرو نانڪ هيئن سمجھايو آهي.

آتم مهہ رام، رام مهہ آتم (آدگرنت)

ان ڳالھہ کي قرآن مجيد ۾ 'الرُوحُ من امر ربي' چئي سمجھايو ويو آهي.

سرمد هڪ رباعي ۾ چيو آهي: "مان پاڻ سلطان هئڻ جي ڪري ٻئي جي آڏو هٿ ڇو ڦھلايان؟" هن وڌيڪ چيو تہ: "اهو درست آهي تہ مون سان نفس جو ڪتو لڳل آهي، پر مون هن کي ٻڌي ڇڏيو آهي. انڪري مان ڪنھن ٻئي جي آڏو هٿ ڦھلائي پنھنجي شان کي داغدار نہ ڪندس." هتي سرمد ان خيال کي ياد ڏيارڻ ٿو چاهي تہ انسان خدا جو مظهر آهي ۽ ان ناتي سڄي ڪائنات جو سرتاج آهي. بس نفس ئي سندس خواري ۽ بيعزتيء جو باعث ٿو بڻجي. جيڪڏهن انسان پنھنجي نفس کي قابو ڪري تہ هو دنيا جي غلاميء کان آزاد ٿي سگھي ٿو.

سرمد هڪ رباعيء ۾ انسان جي اعليٰ ۽ ادنيٰ. فرشتائي ۽ شيطاني پاسن تي روشني ٿو وجھي. هو چوي ٿو: "جيڪڏهن توکي پاڻ سان محبت آهي تہ تون پنھنجو دشمن بڻجي پوء." وڌيڪ چوي ٿو تہ: "تون مڙني نفساني خواهشن کان بچ ۽ پنھنجي نفس کي قابو ڪر." ڇو تہ تنھنجي بي عزتي ۽ خواري جو باعث اهوئي آهي. هو چوي ٿو: "جيڪڏهن نفس جي لالچي ڪتي کي اندران ڪڍي ٻاهر ڦٽو ڪري ڇڏجي تہ انسان جي اندر ۾ صبر ۽ سڪون جا خوبصورت باغ ٽڙي پون. سرمد اشارو ٿو ڪري تہ صرف نفس کي قابو ڪرڻ سان روح ٽڙي پوندو آهي ۽ انسان اندروني رازن کان واقف ٿي پوندو."

سرمد ان خيال جي اظهار ٻن طريقن سان ڪيو آهي. هڪ طرف هو

رباعيات ۾ چوي ٿو تہ انسان کي پنهنجي هستي ۽ خوديءَ کي ميساري ڇڏڻ گهرجي. پر وري ٻئي پاسي هي بہ اشارو ڪيو اٿس تہ محبوب جي عشق ۾ پنهنجي هستي گم ڪري، پانهو، خدا ۾ ضم ٿي سگهي ٿو. انهن رباعيات ۾ صوفياءِ ڪرام جي فنا ۽ بقا جي خوبصورت ترجماني ملي ٿي. انسان پنهنجي نفس کي ماري ۽ هستي، ذات يا روح کي خدا ۾ جذب ڪري دائمي زندگي حاصل ڪري سگهي ٿو. قطرو سمنڊ ۾ ملي سمنڊ ٿي ٻڏجي ويندو آهي، سرمد جي ڪلام ۾ فنا ۽ بقا. يا فاني هستيءَ کي گم ڪري، زندهہ جاويد زندگي حاصل ڪرڻ جو خيال ڪيترين رباعيات ۾ ڏاڍي خوبصورتيءَ سان سمجهايو آهي.

پاڻ سڃاڻ جي حاصلات

سرمد پاڻ سڃاڻ جي لاءِ انسان کي ڪي اشارا ۽ هدايتون ڏنيون آهن. هن جو چوڻ آهي ته الاهي نور هر انسان جي اندر چمڪي رهيو آهي. اهو ئي نور پٿرن ۾ به آهي ته سمنڊن ۾ به آهي ۽ سمنڊ جي پيٽ ۾ پلجندڙ موتين ۾ به آهي. پوءِ افسوس! جڏهن اهو نور سيني ۾ موجود آهي پر اهلِ دنيا هن کان منهن ڦيري ڇڏيو آهي. حيرت جي ڳالهه آهي ته باطن ۾ الفت جي مٺي هوندي به انسان.انجي نشي کان اڻ واقف ۽ محروم آهي. سرمد چوي ٿو ته جيڪو عشق جو شعلو منهنجي سيني ۾ روشن آهي، اهوئي سمنڊ ۾ موتي، پٿر ۾ چڻنگ جي صورت ۾ موجود آهي. هو ته سيني ۾ موجود آهي پر ان کان ڪوبه واقف ناهي. هي عشق جو راز ڪيڏو انوکو ۽ ڪيترو عجيب آهي!

سرمد چوي ٿو ته ذاتِ خدا ڏينهن رات سوين رنگ پيئي ڏيکاري پر انهن کي ڏسندڙ اک هر ڪنهن کي نه ٿي ملي. ڪائي خاص ۽ خوشنصيب اک ئي، ان خدائي رازن، تماشن ۽ رمزن کي سڃاڻي ٿي ۽ ڏسي سگهي ٿي. هڪ رباعيءَ ۾ سرمد چوي ٿو ته جڏهن ڏسندڙ اک سان ليئو پاتم ته پنهي جهانن جي خوبصورتي چمڪندي نظر آئي ۽ پلي ۽ بري جي ڄاڻ ملي.

فارسي زبان ۾ من کي دل چوندا آهن. دلي اک معنيٰ من جي اک آهي. جيڪا باطن ۾ ڏسڻ جو ڪم ڪندي آهي. صوفياءِ ڪرام انهيءَ اک کي غيب جي اک چوندا آهن، خواجه حافظ چوي ٿو: جنجي غيب واري اک کلي پوندي آهي ۽ هو پنهنجي محبوب جي بارگاهه حضوريءَ ۾ پاڻ کي خوشيءَ سان قربان ڪري ڇڏيندا آهن.

سچن فقراءِ ۽ سنتن به ان کي 'اندروني اک'، 'باطني اک' 'هڪ اک' 'شِوَ ڏسٽي' 'دور نگاهه' ۽ 'دِويه چڪسو' ڪري ڪوٺيو آهي. سائين تلسي (هاٿرس) ان کي 'دل جي اک' يعني 'من جي اک' چيو آهي. سندن فرمان آهي 'دل جي اک' ملڻ سان انسان کي پوري ڪائنات جا نظارا نظر ايندا آهن.

چشم دل سي ديک يهان جو جو تماشي هو رهي ،
داستان ڪيا ڪيا هين تيري دل ستاني کي لئي .
(سنتن جي ٻاڻي)

سرمد جي چوڻ مطابق: "جيڪڏهن انسان 'باطني اک' يا 'اندورني اک' کولي ته ان تي نه صرف دنيا جي اصليت ظاهر ٿي پوي پر کيس ربي نور ۽ حسن به نظر اچڻ لڳي. هيءَ ڪوڙي زندگي سواءِ هڪ بوٽئي جي ٻيو ڇاهي؟ هي چمڪندڙ ڇلندڙ سمنڊ هڪ خواب آهي. باطني اک سان ئي نظر ايندو. هيءَ دنيا هڪ پاڇو آهي. آئيني تي هڪ عڪس آهي پاڻيءَ تي هڪ ليک جيان آهي."

ايک هستي موهوم خبابست به بين،
اين بحرِ پر آشوب سراب است به بين.
از ديده، باطن به نظر جلوه گراست،
عالم همه آئينه و آب است به بين.

سرمد، انسان کي پان سڃاڻڻ جي تلقين ڪندي چوي ٿو ته: "اي انسان! تون دنيا جي بوجهه کي پري اڇلاءِ. لاتعلق ٿي خلوت ۾ اچ. پنهنجي بوتيل اک پَٽِ ۽ پاڻ ۾ ليئو پائي پاڻ سڃاڻ. غفلت کي ڇڏي پنهنجي خودشناسيءَ جي تڪميل لاءِ تيار ٿي وڃ.

با ترک تعلق نفسي يار بشو،
زين بارِ گران دمي سبکسار بشو.
تا چشم ڪني بار بهم باز نهي،
اي بي خبر از خويش خبردار بشو.

هيڪلائي

سرمد پنهنجي رباعيات ۾ گوشہ نشيني، تنهائي يا خلوت لاءِ پرزور تاڪيد ڪيو آهي. هو هيڪلائيءَ ڪي حقيقي سڪون جو خزانو ٿو سڏي. هو دنيا کان پاسيرو ٿي هڪ ڪنڊ ۾ اڪيلو ويهڻ جي نصيحت ٿو ڪري. ڇو تہ ان ڪيفيت سان اسان ڪي سراسر خوشي نصيب ٿيندي آهي.

سرمد جو چوڻ آهي: "هڪ ڪنڊ ۾ ويهي خدا جي بندگيءَ ۾ محو ۽ مست ٿي وڃ. اهڙي خلوت يا هيڪلائيءَ سان حقيقي سڪون ملندو آهي ۽ حق يا الله تعاليٰ جي ديدار جي عادت پئجيو وڃي. ڇو تہ خلوت ۾ ٻنهي جهانن جو سڪون لڪل آهي." هو وڌيڪ فرمائي ٿو تہ: "منهنجي ان نصيحت ڪي مڃ ۽ خاموشي اختيار ڪج. ڇو جو انسان فقر ۽ خدا جي ٻانهن جيان گوشي نشيني اختيار ڪندو آهي، ان جو نانءُ دنيا ۾ روشن ٿي ويندو آهي."

ذڪر ۽ تصور

سرمد تاڪيدَ ڪري ٿو تہ گوشي نشين ٿي، پنهنجي محبوب جي ذڪر ۽ تصور ۾ مگن ٿي وڃ. سندس قؤل آهي تہ خدا جو ذڪر ۽ تصور ڪرڻ وارو انسان سدائين خوش ۽ خوشحال رهندو آهي. سندس آغاز ۽ انجام خيريت سان ٿيندو آهي سندس ماضي ۽ مستقبل شاندار هوندو آهي. خدا جو ذڪر ڪرڻ ئي انسان جي عاقبت سنواريندو آهي.

سرمد تاڪيد ڪري ٿو تہ اي پيارا! تون پنهنجي اندر ۾ ان حقيقي محبوب جو تصور پچائي پاڻ کي دائمي سرور جي لطف سان پرپور ڪري ڇڏ. ان سان تنهنجا سمورا ڏک درد دور ٿي ويندا. توکي زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ هار نصيب نہ ٿيندي. هي اهڙو نفي بخش سودو آهي جيڪو ضرور بہ ضرور ڪرڻ گهرجي.

دل را بہ خـــيـــالِ يار خـــوشنودي بدار،
ســر رشتــہء اين دولتِ ســرمـد بکف آر.
گنج است کہ رنجش نہ بود آخـــرڪار،
سودا است کہ سودش بود افزون زِ شمار.

سرمد اشارو ڪري ٿو تہ حيات ابدي حاصل ڪرڻ جو واحد طريقو هي آهي تہ دل هميشہ محبوب ڏانهن مائل رهي هڪ پل بہ هن کان غافل نہ رهي. جيڪا دل هن جي ياد ۾ فنا ٿي ويندي آهي، اهائي دائمي زندگي حاصل ڪري ويندي آهي.

انساني زندگي ڏاڍي مختصر آهي، ان جو ڪوبہ پروسو ناهي. انڪري محبوب جي صورت، دل ۾ سدائين رهڻ گهرجي. هڪ گهڙي بہ هن جي يادگيريءَ کان غافل نہ ٿجي.

دل شـاد مـشـو زِ رهرِ فـاني هرگـز،
گـر شـاهي وگـر گـدا و بهاني هرگـز.
بايد کہ درين دو روز غـافل نہ شـوي،
يڪـدم زِ خـيـالِ يارِ حـبـاني هرگـز.

جيئن ڦيٿو سدائين پنهنجي سرائيء جي چوڌاري ڦرندو رهندو آهي ائين دل به هميشه يار جي پيار جي دائري ۾ قيد رهڻ گهرجي. يار جي تصور جو موقعو وٺي، سندس فضل ۽ ڪرم جو شڪريو ادا ڪرڻ گهرجي. سندس ياد ۾ خوش رهڻ گهرجي. دنيا جي هوس ۽ حرص جي ڄار ۾ ڦاسڻ کان بچندو ۽ بوجهه کي ڪلهن تان لاهي ڦٽو ڪرڻ گهرجي.

در دائرهء خـــيـــال او پابندم.
صد شکر بيادش همه دم خرسندم.
از دامِ هوا و حـرصِ دنيــا رســتم.
اين بارِگـــران زِ دوشِ دل افگندم.

دل ڪيتري به ڏکن ڏوجهرن ۾ ڦاٿل هجي. محبوب جو گهڙي پل جو تصور به سپني تڪليفن کي سر تان لاهي ڦٽي ٿو ڪري. سرمد ٿو چوي ته: "مان دل ٿي دل ۾ محبوب جي ياد ۾ گم رهندو آهيان. منهنجي هڪ ئي تمنا آهي ته گلن کان پيارو منهنجو محبوب. سدائين مون سان گڏ هجي ۽ مان سدائين سندس سڪ جون سرڪيون پريندو رهان." اهڙو امر بيحد ضروري آهي ته دل هميشه محبوب جي تصور ۾ مگن هجي. (جو دم غافل سو دم ڪافر) جو ته ان جي خيال ۾ محو رهي ئي روحانيت جي آسمانن جو سير ڪري سگهبو آهي.

دل را به خـــيـــالِ او هم آغــوش بکن.
خـــود را به فلک زِ اوج همـــدوش بکن.
اين حـرف زِ مـتـقي فـرامـوش مـکن.
يادِ دوجــهــان ز دل فـــرامـــوش بکن.

سچي ڳالهه ته اها آهي ته جيڪڏهن خدا ڪنهن خوش نصيب انسان کي خلوت بخشي ۽ هو خلوت جي مٺي خاني ۾ محو ۽ مست ٿي وڃي ته ڪيس پنهنجي آڏو هڪ شمع روشن نظر ايندي آهي. ان بيخوديء جي حالت ۾ سندس دل ان محبوب جي قدمن سان لڳي ويندي آهي ۽ هن جي اندر خوشين جا چراغ روشن ٿي ويندا آهن. سندس باطني اک کلي ويندي آهي ۽ ڪيس باطني دري کلي ۽ ان مان روحاني روشني ڦهلائيندڙ. صبح صادق ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اهڙيء حالت ۾ سندس روح جو رلڻ بند ٿي ويندو آهي ۽ ڪيس انتها جي حق جو ديدار ٿي ويندو آهي. ڪيس اهو روحاني عالم متوازن ملي

ويندو آهي. جيڪو هميشہ قائم ۽ دائم آهي. جيڪو ڏک سک، آرام ۽ رنجش جي فرق کان بالاتر آهي.

سرمد جو چوڻ آهي: "مون درويشيءَ جي ان گوشي نشينيءَ ۾ مڙني عالمن جو سئر ڪيو آهي ۽ پنهنجي لاءِ سڪون حاصل ڪيو آهي. اهو سڪون جنهن کي نيڪي يا بدي پنهنجي جاءِ تان لوڏي بہ نہ ٿي سگهي، مون اهڙيءَ طرح دل جي آئيني مان اهو نظارو ڏٺو."

در گوشہء فکر سيرِ دنيا کردم،
از بهرِ خود آرام مهيا کردم.
هر نيک و بدي بينہ از جا نرود،
اين وضع زِ آئينہ تماشا کردم.

انهن سيني ڳالهين مان خبر ٿي پوي ٿي تہ سرمد رمزيہ زبان ۾ نہ صرف ذڪر ۽ تصور جي روحاني عمل ڏانهن اشارو ڪيو آهي پر هيڪلائي، مراقبي جي حالت ۾ حاصل ٿيندڙ لطيف تجربن ڏانهن بہ اشارو ڪيو آهي. ان مان صاف ظاهر آهي تہ سرمد جا اصول صرف لفظي نہ هئا پر هو هڪ عامل، باعمل، خدا کي پهتل درويش جي ذاتي روحاني تجربن جي مضبوط بنيادن تي رهيل هو.

ترندو رهندو آهي ۽ نيٺ ڳائيندي ڳائيندي مات جي مهاساگر ۾ ٻڏي ويندو آهي. سرمد بہ ائين پنهنجي محبوب جي هجر ۽ وصال جا گيت آلاپيندو رهيو ۽ ڳائيندي ئي تلوار جي تکي چمڪ جيان اک ڇنڀ ۾ دائمي حياتيءَ ۾ بيدار ٿي اٿيو.

گرو نانڪ صاحب جو چوڻ آهي، خدا جا سچا عاشق، هر زماني ۾ ايندا رهندا آهن. انهن جي دل ۾ ڪنهن جي لاءِ بہ دشمني ۽ حسد نہ هوندو آهي. هو هر نظري دشمني ۽ حسد کان پاڪ هوندا آهن هو محبت جو خزانو ٿيندا آهن. هو سدائين مؤلا جي عشق جا گيت ڳائيندا آهن ۽ پنهنجي صحبت ۾ اچڻ وارن کي بہ الله تعاليٰ يا الاهي ڪلمو ٻڌائي بصورت حق سان ڳنڍي ظلمات جي سمنڊ مان اڪاري ڇڏيندا آهن.

جڳ جڳ سنت پلي پرپ تيـــري،
هر ڪن ڪـــا وهي رسن رســيــري.
اسنـت ڪرهـي پـر هـر دک دالا،
جـن نـاهـي چـنـت پـرائـي هــي.
ائي جـاڳت رهي نـہ سـوتي دسـهي،
سنگت ڪل تاري سپـاح پر سـهي.
ڪـلمل مـــــيل ناهي تي بـزمـل،
اوڻـي رهــہ يـڪـت لـو لائـي هــي.
(آدگـرنـٿ)

سرمد سچو صوفي هو، هو عامل، عمل سان هو خدا جي بارگاهہ جو درويش هو. هو متي عشق الاهيءَ جو متوالو، محبوب ۽ نانءَ تي مري ختم ٿيڻ وارو سچو عاشق هو. هو راهہ حق جو رهنما هو. مسلڪ عشق جو هادي هو. حديث عشق جو داستانگوهو، عشق جي رمزن جو رازدان هو. سندس ڪلام روحاني رمزن جو آئيني دار هو. هن پنهنجي رباعيات جي ڪوزي ۾ معرفت جي مهاساگر کي ڏاڍي خوبصورتيءَ سان سمائي ڇڏيو هو. هو تعصب جي دنيا کان بي نياز، پنهنجي ڪلام ۾ حقيقت جي رازن جو ليريءَ سان انڪشاف ڪندو رهيو. حق پرستي ڪيس پنهنجي جان کان بہ پياري هئي. هو راهہ حق ۾ جان ڏيڻ وارو مردِ حق ۽ شهيدن جو سرتاج هو.

سرمد هڪ سچو صوفي درويش ۽ حق جو عابد هو. چوٽي آهي تہ

ڪوئيل پنهنجا آنا ڪانويليءَ جي آکيري ۾ رکي ايندي آهي چو تہ ڪيس چاڻ آهي تہ ڪانءُ سندس آکيري ۾ اچي سندس آنا ڪائي ويندو. ان ڪري هوءَ ڀرين ئي ڪانويليءَ جي آکيري ۾ آنا لاهي ايندي آهي. جڏهن آنن مان ٻچا نڪرڻ وارا هوندا آهن تہ ڪانويليءَ جي آکيري جي چوڌير چڪر لڳائيندي، پنهنجي مٺڙي آواز ۾ ڳائڻ لڳندي آهي. سندس آواز ٻڌي، سندس ٻچا، ڪانويليءَ جي آکيري مان اڏامي ڪوئيل جي پويان پويان آڏامڻ لڳندا آهن.

روح رب تعاليٰ جو جزو آهي پر ان جو جنم مايا بصورت ڪانويليءَ جي آکيري يعني دنيا ۾ ٿيو آهي. فقراءَ ۽ سنت ڪوئيل جيان هوندا آهن. هو حق جي مقام ڪان اچي ارواح کي الاهي نانءُ، اسم ذات جو مٺڙو آلاپ ٻڌائي، ڪيس پاڻ ڏانهن مائل ڪري لاحد ڏانهن وٺي ويندا آهن. جن خوش قسمت روحن. سرمد جي آلاپن کي ٻڌو اهي اول ڪوئيل (مرشد) ۾ پوءِ مرشد جي وسيلي پنهنجي ازلي مقام تي وڃي پهتا آهن.

متفرق

سرمد جون رباعيات انهن معاملن کان سواءِ ٻين ڪيترن ئي مضمونن تي روشني وجهن ٿيون. سرمد پنهنجي ڪلام ۾ موت جو پختو يقين، زندگي جاودان جي ضرورت، حقيقي محبوب جي جمال جي رضا، مهر ۽ ڪرم تي به روشني وڌي آهي. هو انسان جي غفلت، نفس پرستي، بدي ۽ بداعمال جو بدانجام.ﻣﺠﻨ جو ذڪر ڪري ٿو، هو دنيا جي شان مان ۽ ڪاميابين جي اصليت کي اجاگر ٿو ڪري. دنيا جي ماڻهن جي غرور جي عڪاسي ٿو ڪري ان سان گڏوگڏ صوفين، سنتن ۽ درويشن جي عاجزي ۽ انڪساري، حليميءَ تي به روشني وجهي ٿو.

سرمد زندگيءَ جي وسيع سمنڊ کي رباعيءَ جي ننڍي پيالي ۾ بند ڪرڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي، هو ڪهڙي به موضوع تي پنهنجي تجربي جي روشنيءَ جو ڪرڻو ٿو وجهي ته ان کي پوري طاقت ۽ شدت ۽ خوبصورتيءَ سان سامهون ٿو آڻي. هو نه صرف زندگيءَ جي تلخ حقيقتن جو اظهار ٿو ڪري، پر انسان کي انهن تلخ حقيقتن کان ٻاهر نڪرڻ جو رستو به ٻڌائي ٿو. هو نه صرف انسان جي ڪمزورين ۽ خامين کي سامهون ٿو آڻي، پر ان جي اندر لڪل اڻ ڳڻ امڪانن ۽ صلاحيتن کي به ظاهر ٿو ڪري، هو هڪ طرف انسان کي لعنت ۽ ملامت ٿو ڪري ته ٻئي پاسي ان لعنت جي جڙ مان ڇوٽڪاري لاءِ به آمادهه ٿو ڪري، هو مرض به لهي ٿو ۽ ان مرض جو جوڳو علاج به ڏسي ٿو. ان طرح سندس ڪلام اصليت جي ڪارڻ ۽ اصولن جي نور جو اهڙو ڳانڍاپو ۽ مجموعو بڻجي ٿو وڃي جيڪو انسان جي احساس کي ڌوڏي ٿو ۽ روح کي متحرڪ ٿو بڻائي. سندس المست، لاغرض بيپرواهه بي نياز ۽ عشق ۾ ٻڏل زندگي جيان سندس ڪلام ۾ انسان کي بيخودي، مستي ۽ مهر ۽ محبت جي اڻ لپ دولت سان مالامال ڪرڻ وارو آهي. سندس ڪلام سندس زندگيءَ جي ترجماني ڪري ٿو. سندس زندگي انسان جي آڏو انهن آسمانن جا خواب تي آڻي جن ڏانهن اڏام انسان جو نه صرف موروثي مقدر آهي پر قوي حقيقت به آهي.

درويش سرمد

سرمد فارسي ٻوليءَ ۾ پنهنجي محبوب جا گيت ڳائيندڙ اهڙو راڳي هو جيڪو دنيا جي چاهت ۽ رغبت ۽ آرائشن جي چار جي هڪڙيءَ ٻه تار کي ڇهڻ کان سواءِ مٿي اگهاڙي، پيرين اگهاڙو، گهٽي گهٽي گهمندو رهيو. هو آواز ڏيندو رهيو تہ هو عيب ۽ گناهن ۾ ڀريل لاچار، غريب، مسڪين انسان آهي. جيڪو ان محبوب جي مرضيءَ سان گهمي ڦري رهيو آهي. پر اهڙو غريب مسڪين عاجز جنهن کي وڏي سلطان يا شهنشاهہ جي بہ پرواهہ نہ هجي. جيڪو ڪنهن کان هڪ تيلي يا پن جو بہ طالب نہ هجي. هو پنهنجي بينيازي ۽ محبوب جي مهر ۽ محبت جا گيت ڳائيندو رهيو. هو دنيا جي بي ثباتي، فنائيت کان هوشيار ڪندو رهيو. هن کي نہ ڪنهن کان ڪجهہ وٺڻو هو ۽ نہ ڪنهن کان هن گهريو ٿي. هو مال ۽ دولت ڏانهن اک کڻي بہ نہ ڏسندو هو. ڪيس ڪوبہ ذاتي غرض، خواهش يا طلب نہ هئي. هو پنهنجي محبوب جي عشق ۾ ديوانو ٿي چڪو هو. سندس زندگي پنهنجي محبوب سان لاڳاپيل هئي. هن پنهنجي محبوب کي محبت ڪرڻ کانسواءِ ٻيو ڪوبہ ڪم نہ ڪيو. سواءِ سندس جهلڪ ديدار جي، فضل ڪرم کان سواءِ ڪيس ڪنهن بہ شيءِ جي تمنا نہ هئي. هو محبوب حقيقيءَ لاءِ زندهہ رهيو ان جي راهہ تي هلندو رهيو ۽ نيٺ ڪلندي ڪلندي سندس نانءَ تي جامِ شهادت پي ويو.

سرمد جي زندگي ان ٻگهہ جيان هئي جيڪو صرف 'اسم' جا موتي چونڊيندو آهي. حق جي نانءَ جو آب حيات پيئندو آهي ۽ ڪڏهن بہ دنياوي بدين جي غلاظت جي لاءِ چهنب نہ کوليندو آهي. سندس موت هنس راج جيان هو. جڏهن هنس راج کي سنسار ساگر مان پرواز ڪرڻو هوندو آهي تہ هو مانسرور (حوضِ ڪوثر) تي ترڻ شروع ڪندو آهي. ترندي پنهنجو آخري گيت، پرسڪون ۽ موسيقيءَ ڀريل ماحول ۾ ڏاڍي مٺڙي لئہ سان شروع ڪندو آهي ۽ ترندو رهندو آهي. سندس گيت درد سان ڀريل هوندو آهي ۽ پردرد گيت پر ڪيف گهرائين ۾ هلندو ويندو آهي. راج هنس ڳائيندو ۽

ترندو رهندو آهي ۽ نيث ڳائيندي ڳائيندي ماڻ جي مها ساگر ۾ ٻڏي ويندو آهي. سرمد بہ ايئن پنهنجي محبوب جي هجر ۽ وصال جا گيت آلاپيندو رهيو ۽ ڳائيندي ئي تلوار جي تکي چهک جيان اک ڇنڀ ۾ دائمي حياتيءَ ۾ بيدار ٿي اٿيو.

گرونانک صاحب جو چوڻ آهي، خدا جا سچا عاشق، هر زماني ۾ ايندا رهندا آهن. انهن جي دل ۾ ڪنهن جي لاءِ بہ دشمني ۽ حسد نہ هوندو آهي، هو هڪ طرفي دشمني يا حسد کان پاڪ هوندا آهن. هو محبت جو خزانو ٿيندا آهن. هو سدائين مؤلا جي عشق جا گيت ڳائيندا آهن ۽ پنهنجي صحبت ۾ اچڻ وارن کي بہ الله تعاليٰ يا الاهي ڪلمو ڏيندا آهن ۽ بصورت حق سان ڳنڍي ظلمات جي سمنڊ مان اڪاري پنڌيندا آهن.

جگ جگ سنت پلي پرڀ تيري،
هر گن گاوهي رسن رسيري
استت ڪره پر هو دک دالا
جن ناهي چنت پرائي هي
ائي جاگت رهي نہ سوتي، دسهي
سنگت ڪل تاري، سپاح پر سهي
ڪلمل ميل ناهي تي نرمل
اوئي رهہ پڳت لِو لائي هي
(آد گرنت)

سرمد سچو صوفي هو، ُهو عامل، عمل سان هو، خدا جي بارگاهہ جو درويش هو. هو مئي عشق الاهيءَ جو متوالو، محبوب جي نانءَ تي مري ختم ٿيڻ وارو سچو عاشق هو. هو راهہ حق جو رهنماءُ هو، مسلڪ عشق جو هادي هو، حديث عشق جو داستان گو هو، عشق جي رمزن جو رازدان هو، سندس ڪلام روحاني رمزن جو آئينہ دار هو. هن پنهنجي رباعيات جي ڪوزي ۾ معرفت جي مهاساگر کي ڏاڍي خوبصورتيءَ سان سمائي ڇڏيو هو. هو تعصب جي دنيا کان بي نياز، پنهنجي ڪلام ۾ حقيقت جي رازن جون دليريءَ سان انڪشاف ڪندو رهيو. حق پرستي ڪِيس پنهنجي جان کان بہ پياري هئي. هو راهہ حق ۾ جان ڏيڻ وارو مردِ حق ۽ شهيدن جو سرتاج هو.

سرمد هڪ سچو صوفي درويش ۽ حق جو عابد هو. چوڻي آهي تہ

ڪوئل پنهنجا آنا ڪانويليءَ جي آکيري جي چوڌير چڪر لڳائيندي، پنهنجي منڙي آواز ۾ ڳائڻ لڳندي آهي. سندس آواز ٻڌي، سندس ٻچا، ڪانويليءَ جي آکيري مان اڏامي ڪوئل جي پويان پويان اڏامڻ لڳندا آهن.

روح رب تعاليٰ جو جزو آهي، پر ان جو جنم مايا بصورت ڪانويليءَ جي آکيري يعني دنيا ۾ ٿيو آهي. فقراءَ ۽ سنت ڪوئل جيان هوندا آهن. هو حق جي مقام ڪان اچي روح کي الاهي نانءَ، اسم ذات جو منڙو آلاپ ٻڌائي، ڪيس پاڻ ڏانهن مائل ڪري لاحد ڏانهن وٺي ويندا آهن. جن خوش قسمت روحن، سرمد جي آلاپن کي ٻڌو، اهي اول ڪوئل (مرشد) ۽ پوءِ مرشد جي وسيلي پنهنجي ازلي مقام تي وڃي پهچندا آهن.

شاعري

دُنیا کی فنائیت

از صحبتِ ہمدمان بہ باغ و صحرا
ذوقِ سخنی بود و ہوائی مینا
آخر سخنی ماند و عزیزان رفتند
مینائی فلک فگند اُو را از پا

باز آ باز آ ز فکرِ باطل باز آ
از وہم و خیالِ خام اے دل باز آ
خوشنود مشو ز فکرِ دُنیا ہرگز
نے وصل بماند و نہ واصل باز آ

اندیشۂ مال و جاہِ دُنیا غلط است
ایں وہم و خیال و فکرِ بیجا غلط است
در خانۂ تن وطن نہ باشد ہرگز
از بہرِ دو روز ایں تمنّا غلط است

ایں جسم بصد قسم فنا بُنیاد است
ایں شعلۂ خس در نفسی برباد است
از دامِ اجل تُرا رہائی نہ بود
صیدی و سروکار تو با صیاد است

دُنیا طلبان را نہ براحت کار است
تا آخرِ دم فکرِ زر و دینار است
ایں طائفہ را خیال مُردن نبود
پیوستہ غم سیم و زرِ بسیار است

دنيا جي فنائيت

يارن سان هئي. باغ و بيابانن ۾ رونق.
هو ذوقِ سخن ۽ هئي هوائي مينا.
دوست لڏي ويا. باقي رهي ياد
ان محفل کي تاراج کيو هو آسمان.

هي دنياوي فڪر اجايو ۽ بيڪار ڇاڻ.
پنهنجو اهو خيال اي دل بيجاءِ ڇاڻ.
دنيا جي خيالن ۾ رهندي خوش نه ٿي.
انهن جو ملڻ بيڪار حاصلات خام ڇاڻ.

انديشه ۽ مال و فڪرِ دنيا آ غلط.
هي شوق غلط هي فڪر بيجا غلط.
هي روح بدن ۾ نه رهندو سدائين.
پن ڏهاڙن لئه اهڙي تمنا آ غلط.

بنياد جنهن کي نه آ ان جو بنياد تون.
سڪل گاه. جو شعلو فاني ۽ برباد تون.
اجل جي قيد کان ڪڏهن ٿيندي آزاد.
اي ڪمزور شڪار بغلِ صياد آن تون.

فدايانِ دنياَ کي ته آرام نه آهه.
فڪر مال و زر سان ڪوئي ڪم نه آهه.
خيالِ موت ان کي اچي چا لاءِ؟
گهڙي پل به جو دک کان پالهو نه آهه.

این شهر و دیار و کوه و صحرا همه هیچ
دیدیم تمام زشت و زیبا همه هیچ
خود را بخدا گذار و بگذر ز همه
این خواهش و فکرِ دین و دُنیا همه هیچ

دُنیا همگی اگر بکام تو بود
دین سکهٔ مهر و مه بنام تو بود
آخر ز جهان پی بقا باید رفت
گر قیصر و فعفور غلام تو بود

بنگر که عزیزان همه در خاک شُدند
در صیدگهِ فنا بفتراک شُدند
آخر همه را خاک نشین باید شُد
گیرم که برفعت همه افلاک شُدند

گهِ مُتقیم کند گهی پیرِ مغان
احوالِ جهان گاه نه دیدم یکسان
چون نخل گهی سبز و گهی عریانم
بی موسمِ گُل بهار هنگامِ خزان

ای جانِ گرامی تو چرا نادانی
باید که بدانی چه قدر می مانی
بر هستیٔ موهوم عبث مغروری
پیوسته نمانی دو سه دم مهمانی

هي شهر ۾ در ڪوه و صحرا سڀ هيچ.
دنيا ۾ سندس حسن و بدصورتي هيچ.
ڇڏي سڀ ڪجهه بس هڪ خدا جو تي وچ.
هي حرص دين و دنيا جو فڪر سڀ هيچ.

جو دنيا کان منئي تو لاءِ سڀ انعام.
مهرو ماهه تي تنهنجو ڏيڍيو هلي.
هڪ ڏينهن ته هيءَ دنيا به ڇڏيندين.
پل ته قيصر و قصرا هجن تنهنجا غلام.

جيترا به هئا دوست خاڪ تي ويا.
صياد به فنا کان نه پاڻ بچائي سگهيا.
تيٺو آ هڪ ڏينهن ڪيس متيءَ سان متي.
وڏائي جي شوق ۾ جي آسمان تي ويا.

زاهد آهه ڪڏهن بشر. ڪڏهن پيرمغان.
جهان جي حالت نه ڏٺم ڪڏهن يڪسان
ترڙ ڪڏهن ته ڏٺم ڪڏهن ساوا.
بنا مند بهار جي موسم ۾ بي وقت خزان.

اي دوست! ڇا لاءِ آهين نادان تون.
فاني آ دنيا پر ان کان به اڻڄاڻ تون.
هن فرضي هستيءَ تي هي ناز ڇا لاءِ.
پن تن ڏهاڙن جو آهين مهمان تون.

تنبیه

چیزی که گذشت در رفت یادش ستم است
سوداست که سرمایهٔ اورنج و غم است
این عمر گرامی بعبث صرف مکن
بیش از نفسی مگیر بسیار کم است

در دهر عدو مثال غفلت نه بود
خواری به تراز خواهش رفعت نه بود
هشیار دم پیری شو کاخر وقت
حاصل دگرت بجز ندامت نه بود

دنیا مطلب دشمن جان باید شد
دل خستهٔ این بار گران باید شد
اندیشهٔ سنجیدن این درکار است
میزان تامل به جهان باید شد

دنیا بکسی روئے فراغت نه نمود
سود است چنین خیال بیهوده چه سود
امروز چنین هست سوئ دامن تو
تابود چنین بود چنین خواهد بود

این بے خردان که از خدا بے خبر اند
از بهر زر و سیم بهم کینه ور اند
بر دوستی اهل جهان تکیه مکن
از بهر دو روز دشمن یک دگر اند

تنبيهہ

جا گذري وئي ان جو ماتم اجايو آ.
ان سودي جو تہ رنج ۽ غم سرمايو آ.
پياري زندگيءَ کي نہ ڪر ائين برباد.
بس هڪ نفس آ پر ڏاڍو گهٽ آ.

تنهنجو دشمن نہ آه غفلت کان سواءِ.
بلنديءَ جي خواهش نہ آ ذلت کان سواءِ.
تي هوشيار ہدايتي ۾ انهيءَ منزل تي.
ملندو نہ آهہ ڪجهہ شرم ۽ ندامت کان سواءِ.

دنيا جي طلب ڇڏ. جان جي دشمن آه.
دېجي ويندي دل اهڙو بار کڻڻ سان.
ان ڳالهہ تي غور ڪرڻو آهہ توهان کي.
هٽ پنهنجي ۾ ڪڻ هوش ۽ عقل جي تور.

آرام نہ آ ڌرتيءَ جي پائي ۽ گل ۾.
جو تو رکين فائدي جو سودو دل ۾.
جو حال ۾ آ اهو ماضيءَ ۾ رهيو ڪتڪو.
ڪجهہ اجان بہ تيندو ائين مستقبل ۾.

دولت جي لاءِ جي رکندا آهن ساز.
الله کان اڻ واقف عقل کان پيدل.
تون اهلِ زمانہ جي دوستيءَ تي نہ وڃ.
بهتر آ تہ ڇڏي ڏي تون سوداءَ کي.

طولِ امل عُمر بآخر نه رسید
دیوانه دلم عاقبت کار نه دید
شبها بخیالِ خوابِ غفلت بگذشت
اکنون چه کنم که صُبحِ صادق بدمید

آن روز که جا زیرِ زمین خواهد بود
از لطفِ تو یارب به ازین خواهد بود
بر روئے زمین هست حلاوت مُشکل
در زیرِ زمینِ اگر چُنین خواهد بود

این مردمِ دُنیا ز خُدا بے خبر اند
هر شام و سحر در طلب سیم و زر اند
از پهلوئ همدگر جگر ریش تر اند
هر چند که چوں بادِ صبا در گزر اند

در بحرِ وجُود از حُبابی کم تر
موجی که درین بحر فتد هست خطر
آئینه به کف دیگر و یکدم به نگر
عکسی تو درین آب بمانی چه قدر

از وهم و خیال و فکرِ دُنیا بگذر
چون بادِ صبا ز باغ و صحرا بگذر
دیوانه مشو برنگ و بُوئے گل و مُل
هُشیار بشو ازین هوا ها بگذر

ختم ٿيو ناهي، اڻ پيتي، جو نشو.
دل نہ ڪڏهن سوچيو، سياڻي ڇا ٿيندو.
هاڻ بہ سوچي وٺ صبح بزرگي آئي.
راتين ۾ سدا عملِ غفلت جاري رهيو.

هڪ ڏينهن زمين ۾ سمهڻو آهہ.
لطفِ رباني جنهن ۾، ڪنڊ اها ئي آهہ.
وڏي ويندي رندن تي مصيبت اچان.
مرڻ ڪا پوءِ اگر اهو حال ٿيڻو آهہ.

آهن اهلِ جهان خدائي رازن کان بيخبر.
شام و سحر تن کي فڪرِ سيم و زر.
جهيڙا جهٽا سندن بند ٿيڻا ناهن.
هير جي جهوٽي جيان ٿيندا سڀ گذر.

اي بحر وجود جا بوڙيا ڪمتر،
تو لاءِ هر لهر ۾ ڪيڏو خوف و خطر.
ذرا ڏس تہ آئيني ۾ تون پنهنجو عڪس،
ملندءِ نہ سڪون، انهيءَ منجهہ پل پر.

تون وهم و گمان ۾ فڪرِ دنيا کي ڇڏ.
نسيمِ سحري ۾ گلشن و صحرا کي ڇڏ.
تون بُوءِ گل ۾ موتيءَ جو ديوانو نہ ٿي،
هوشيار رهہ ان جوشِ تمنا کي ڇڏ.

چیزی که دررد عیب بود نیست هنر
آمیزشِ خلق است بگیرشش کمتر
بسیاریِ اختلاطِ مردم رنج است
گفتم بتو هرچند که کمتر بهتر

چون نقشِ نگین درپیِ نامی تو هنوز
جان می کنی و درپیِ کامی تو هنوز
از خرمنِ عمر خوشهٔ توشه بگیر
هنگام درو رسید و خامی تو هنوز

از بوالهوسان کام نیابی هرگز
این طائفه آرام نیابی هرگز
صد سال اگر جان بکنی، همچو نگین
بدنام شوی نام نیابی هرگز

ای دل ز هوا و هوس از بهر دو روز
خود را و مرا زآتشِ جان سوز مسوز
هنگامِ جوانی شد و پیری آمد
این آتشِ افسرده بدامن افروز

دل شاد مشو ز دهر فانی هرگز
گر شاهی و گر گدا نمانی هرگز
باید که درین دو روز غافل نشوی
یک دم زخیالِ یارِ جانی هرگز

سؤ ڳالھين مان ھڪ ڳالھہ تي رک نظر.
رک اهلِ زماني سان تعلق ڪمتر.
اولادِ آدم سان ميل جول نہ رک.
جيترو گهٽ تعلق رکين. اوترو ئي بهتر.

تون موتيءَ مثل. انسان تنهنجو نانءُ.
مرين ٿو پوءِ بہ. ناڪام آهين اجان.
ڪڻ عمر انبار مان عمل جي خيرات.
پڇڻ جا ڏينهن آيا. تون ڪچو آهين اجان.

هي اهلِ هَوِس ڪڏهن خوش رهڻ نہ ڏيندءِ.
آرام ڪڏهن بہ انهن پاران نہ ملندءِ.
سوَ سال اگر موتيءَ جيان گسندو رهين.
اسمِ اعظم جا طالب ڇو بدنام رهين.

اي دلِ شوريده هَوِس ڪان پري رهہ.
ان باهہ ۾ سڙي. مون ڪي نہ ساڙ.
جواني گذري وئي. آئي آهہ پيري.
اجهائل باهہ انهيءَ ڪي وري نہ ڀڙڪاءِ.

جهانِ فاني توکي خوش نہ رکندءُ هرگز.
هن عمر ڪي دوام نہ آهہ هرگز.
لازم آهي تہ هيءَ ڳالهہ دل ۾ ساند.
تنهن جي من مان يار جاني وڃي نہ هرگز.

صهبائے خیالِ یار پیوستہ بنوش
از بہر دو روز دین بدُنیا مفروش
ایں آتشِ خواہش کہ تو افروختۂ
طوفان بشود اگر نہ گردد خاموش

ایں مالِ جہاں تمام رنجست و وبال
اندیشہ بکن بہ بین کہ وہم است خیال
کارِیکہ از اوّل بودش رنج و ملال
مالست ز محنتش و بال است مآل

پابند مشو بہ رنجِ دُنیا گفتم
دل شاد مکن بکوہ و صحرا گفتم
عالم ہمہ پابندِ سراب است بہ بیں
اے جوشِ حباب و موجِ دریا گفتم

صد رنگ بود ہمیشہ احوال جہاں
گہ سیرِ بہارش کُن و گہ سیرِ خزاں
از پست و بلند او دل آزردہ مشو
ہموارہ بکُن درد بخود ہم درماں

خواہی کہ شوی شاد و نگردی غمگیں
از خلق کنارہ گیر و تنہا بہ نشیں
آسودگیٔ ہر دو جہان است ہمیں
یک حرف ز من بشنو و راحت بگزیں

خيال يار ۾ مست رهه، ڪر جامِ نوش،
دنيا جي هَوس ۾ نه ٿي ايمان فروش.
هيءَ خواهش جي باهه جا پڙڪي پئي.
طوفان ٿي وڃي متان جي باهه نه ٿي خاموش.

هي دولت دنيا ته آهيُ سراسر وبال.
ان تي غور ڪندين ته آهه وهم و خيال.
جنهن ڪم جو آغاز ٿئي رنج و ملال.
دولت ٿي پل هجي. نيڪ نه آ ان جو مال.

هي فڪر و غم دنيا جو دک سڀ ڪوڙ.
مستانه هي ڪوهه و صحرا جو سير سڀ ڪوڙ.
دنيا کي پرک پرين. هيءِ هڪ خواب آهه.
هي جوشِ داستان ۽ موج دريا سڀ ڪوڙ.

سَوَ رنگ پريل تصوير آ جادوءِ جهان.
ڪڏهن ڏس ته بهار ڪڏهن آهه خزان.
پستي ۽ بلنديءَ تي اڙي دل ! ٿي نه ملول.
تون پاڻ ٿي ٿي پنهنجي درد جو درمان.

اگر توکي خوشي ۽ آرام کپي.
رهه خلق کان دور راحت جا گل چوندءِ.
پنهي جنهان جي آسودگي آهه ان ۾.
ڳالهه آه ڪم جي ذرا غور سان ٻڌ.

ای فکر گزین خدمتِ شاهان بگزین
پیوسته کسی نماند بر رُوی زمین
پیشانیِ شاهان همه پُرچین دیدم
دُنیا نبود بقدر یک چینِ جبین

گه شهر و دیار گه به صحرا رفتی
در راهِ هوس بصد تمنا رفتی
این قافله نزدیک سرِ منزل شُد
اتمام سفر گشت کجاها رفتی

افسوس که از کردهٔ خود بی باکی
در دشتِ هوس جیب وگریبان چاکی
این یک دو نفس هستیِ خود نیست شمار
پندار که بر خاک نئی در خاکی

بیهوده در اندیشهٔ سیمی و زری
حاصل زجهان بجز ندامت نه بری
بیش از نفسی هستیِ موهوم تو نیست
مانندِ حباب رفته و در گذری

افسوس که غافل تو ز هستی هستی
پیوسته زصهبای رعونت مستی
هرچند شوی بلند چون شعله خسی
از شامتِ سرکشی در آخر پستی

بادشاهن جي خدمت ۾ رکين ٿو يقين.
ان جي انجام جي توکي نہ آهي پروڙ.
شاهن جي نرڙ ۾ ڏٺئہ گهنڊ سدا.
دنيا چاهي تون آنهہ فقط سڪونِ جبين.

تون شهرو درياءَ ۽ صحرا بہ وئين.
راهہِ هَوِس و حرص جو راهي بہ ٿئين.
هي قافلو هاڻ آ منزل کي اوڏو ٿيو.
عمر باقي نہ رهي هاڻ تون ڇا ڪندين.

تون ايترو گنهگار هوندي بہ آن بيباڪ.
ميدانِ هَوِس ۾، تنهنجي دامن چاڪ.
بہ چار ڏينهن نفس جي هستي آهہ.
تون خاڪ تي آباد نہ آن تون پاڻ بہ خاڪ.

آهہ دولت جو خيال اي غافل! بيهوده.
ٿيو ٿي پوندءِ هن هستيءَ تي شرمنده.
جوانيءَ جو ايار اڃي ويندءِ لهي.
بس خالي هستيءَ مان ڇا ٿيندءِ حاصل.

توکي نہ آهہ خبر تہ ڇا آهہ هستي.
غرور جي شراب جي آ دائم مستي.
ناهي ڪجهہ ڪيترو بہ اونچو هجي شعلو.
سرڪشي جو انجام آخرڪار پستي.

هر روز بدریائ هوس گردابی
از ظلمتِ غفلت همه شب درخوابی
ایامِ جوانی شُد و پیری آمد
وقت است اگر فیض چمن دریابی

درياءِ هوس ۾. ڪائين ٿو ڦير.
طاري آهه توتي خوفِ غفلت رات ڀر.
جوانيءَ جا ڏينهن ويا آئي ٻڍاپو.
اڃان وقت اٿئي. فيضِ خدا حاصل ڪر.

نفس یا من

این نفسِ ستمگار به بین شیطان است
پیوسته عیان بود مگو پنهان است
ابلیس خودی چرا به ابلیس بدی
در پیشِ خیالاتِ تو او حیران است

چندان دلِ نادان به غمِ سیم و زر است
کو وقتِ نماز هم بفکرِ دگر است
در وهم و خیالِ این و آن بیشتر است
از فکرِ مآلِ کارِ خود بی خبر است

راضی دلِ دیوانه به تقدیر نه شد
فارغ ز خیال و فکرِ تدبیر نه شد
ایامِ شباب رفت و باقیست هوس
ما پیر شدیم و آرزو پیر نه شد

با نفسِ ستمگار به جنگم هر دم
در بحرِ وجودِ خود نهنگم هر دم
زو باه بود حرص و هوا در نظرم
در بیشهٔ اندیشه پلنگم هر دم

نفس يا من

ستمگر نفس سچ پچ آهہ شيطان.
ظاهر آهہ اها ڳالهہ، ناهي نڪل.
ابليس آن تون ئي، خراب ان کي نہ ڄاڻ.
هو تنهنجي خيالن کان رهي ٿو حيران.

دلِ نادان ڪيڏي ديواني آهہ دولت جي.
وقتِ نماز ٿيندي بہ پيا ڪيترا افڪار.
هر وقت رکي ٿي خيال هِن هُن جو مگر.
پنهنجي انجام کان رهي ٿي بيفڪر.

ديواني آهہ دل، شاعر تقدير نہ آ.
ڪنهن وقت بہ محوِ فڪر تدبير نہ آ.
ڏينهن جهوانيءَ جا ويا رهي هَوِس باقي.
اسين پيرِ حرص ٻڍيا سين پر پير نہ آ.

صبح شام رهي نفس ستمگر سان جنگ.
پنهنجي ئي هستيءَ جي سمنڊ ۾ هان ٻڏل.
منهنجي نظر ۾ حرص و هوا باهہ مثال .
ميدانِ خيالات ۾ آهيان مثالِ پلنگ.

سلطانِ خودم منتِ سلطاں نہ کشم
از بہرِ دو نان منتِ دو ناں نہ کشم
نفسِ من سگ است و من سگ بانم
از بہرِ سگی منتِ سگباں نہ کشم

خواہی کہ بخود دوست شوی دشمنا شو
از آفتِ خواہش بجہان ایمن شو
این نفسِ ستمگار دل آزار ترا
خاریست بکن از باغِ دل و گلشن شو

سلطان آهيان پاڻ . سلطان کي منٿ ڇا لاءِ.
ڳيي خاطر ڪريان ٻين کي منٿ ڇا لاءِ.
نفس ڪتو آهي سنڀاليندڙ هان مان.
هڪ ڪتي خاطر سنڀاليندڙ کي منٿ ڇالاءِ.

پاڻ کي ٿو ڇا هين، تون دشمن پنهنجو.
دل ۾ تمنا نہ رک تہ ڪيترو پوتر آهيان.
هي نفس ستمگر دل آزار آهہ وڏو.
ڪنڊن کي ڪيان تہ پاڻ گلشن دل آهيان.

خُودی

آسوده دمی ز خُود پسندی مطلب
زین همتِ پستِ خُود بُلندی مطلب
سودائی جهان سُود ندارد چندان
نقصان به پذیر سُود مندی مطلب

فارغ نه شُدی ز خُود پسندی هرگز
آگه نه شُدی ز سُودمندی هرگز
خواهی در جهان یک طرف راغب شو
غیر از طرفی طرف نه بندی هرگز

خواهی نه رسد پائی تُو هرگز بر سنگ
بگذر ز خُودی مکُن درین راه درنگ
پیوسته جُدائی بکُن از خواهش دل
با نفسِ ستمگارهٔ خُود باش بجنگ

خودي

دکدائڪ آهه خودپسندي جي طلب.
بي حوصلگيءَ بلنديءَ جي طلب.
غمِ جهان ۾ رهڻ نقصانڪار آهه.
بيسود آهه انهيءَ مانْ نفعي جي طلب.

ترڪ خودپسندي اجان نه ڪيئي.
جمالِ سودمندي اجان نه ڏٺئي.
بلنديءَ جو خواهان آن ته هڪڙي جو رهه.
ڪل جو جزو به ڪڏهن بلنديءَ تي ڏٺئي.

خواهشِ اٿئي ته رحمت نه ٿئي تنگ.
ترڪِ خودي ڪر ءَ نه رک ان جو گهمنڊ.
خواهشِ دل کان هر وقت بيپرواهه رهه.
نفس ستمگر سان رک سدائين جنگ.

صُحبتِ بَد

خواہی نکشی رنج و نجوئی درمان
دُوری بگزین ز ہمنشینانِ جہان
چُون عقرب و مار کُن تصوّر ہمہ را
از صحبتِ ہم دمان امان خواہ امان

از مردمِ روزگار غافل نظری
وز گرمئ این طائفہ خوشدل نہ شوی
پرواز بکُن ہمیشہ از صحبتِ شان
تا در قفس فریب بسمل نہ شوی

از مردمِ دُنیا بود اندیشہ بسی
این گرگ و پلنگ اند درین بیشہ بسی
مینائے دل از سنگدلان در خطر است
اندیشہ بود ہمیشہ زین شیشہ بسی

صحبتِ بد

خواهش اتي تہ ھت دک ۾ نہ رھين.
ھرگز نہ تي دل. دنيا دارن جي ويجھو.
ڪائي ويندءِ ڪيي ھي اتي شڪاري.
انھن زخم ڏيندڙن ڪان سدا پري رھو.

لازم آھہ تو نہءِ دنيا ڪان غافل رھہ.
چڱو ناھہ ان محفل ۾ خوشدل رھہ.
بُرن جي صحبت ڪي ڇڏي ڏي ورنہ.
ھن پيچري ۾ تون تي اڏ ڪنل رھہ.

دنيا وارن ڪان سيني آھن تنگ.
ھن ميدان ۾ رھن تا سپ بگھڙ.
انھن سنگدلين ڪان بچي نہ سگھندين.
ھن شيشي کي آھہ خطرو پٿر ڪان.

بدِ اعمال

آن را که هوس بیش بود ناکام است
مرغی که پیٔ دانه رود در دام است
این مالِ پُر از ملال بسیار و بال
هرچند کم او بیش در و آلام است

هرکس که گرفتارِ هوا و هوس است
گر سلطنتش دهی نگوید که بس است
سررشتهٔ زندگی بسی کوتاه است
از طولِ اَمل حذر که دام و قفس است

آن را که هوس بیش بود آزار است
از شربتِ دینار دِلش بیمار است
از گرسنه چشمی بجهان سیری نیست
این طائفه دیدم همه جا بسیار است

من تخمِ هوس کاشته ام غمگینم
صد رنگ گلِ داغ از وی چینم
طوفان بشود اگر نه گردد خاموش
این آتشِ خواهش که بخود می بینم

بد اعمال

جو شخص آهہ هَوس پيشہ آهہ ناڪام.
داڻي جي خاطر ايندو آهہ پکي منجهہ دام.
دولت آهہ تہ آهہ اصل ۾ وبال.
هجي گهٽ يا وڌ تہ ٿئي برو انجام.

جنهن شخص جو ڪم آهہ بس حرص ۽ هوس.
شاهي بہ ملي ان کي نہ چوندو تہ بس.
حياتيءَ سان رشتو تہ آهي گهٽ.
هي وڌو املهہ چا هي بلڪل دام ۽ قفس.

جن جا سينہ آهن هوس ۾ بند.
دل سندن آهہ دنيا کان رنجور.
ڪڏهن بہ حريصن کي خوش نہ ڏٺم.
اهڙن ماڻهن سان دنيا آهہ ڀرپور.

تخم آهيان هوس جو غمگين ٿيو آهيان.
داغن سان پُر ٿيل آهي دل جو دامن.
چيين کي اجهائڻ آهي لازم ٿيو.
آهہ حرص جي باهہ ٿيندي طوفان.

بگذر ز خودی ز فتنه‌ها ایمن شو
تا چند شوی خار گهی گلشن شو
با نفس ستمکار خصومت برکن
گفتم بتو ای دوست بخود دشمن شو

با دام هوا و حرص تا هم نفسی
پابندِ خودی شام و سحر در قفسی
آزاد چو سرو باش در گلشن دهر
گر سنبل و نسرینی و گر خار و خسی

افسوس ز سر تا بقدم بوالهوسی
اندیشه بکن به بین چه چیزی چه کسی
آزاد بشو ز دام غفلت گفتم
تا زر هوسی اسیر اندر قفسی

ای دل ز هوا و حرص غمگین بشدی
با بیش و کم جهان به تسکین بشدی
خود را سبک و تنگ دو عالم کردی
از بارِ گران خسته و سنگین بشدی

فارغ ز هوا و حرص یک دم نشدی
از فکر مآل کار از غم نشدی
چون گاو خری که هست در فکر وجود
کم تر تو ز سگ بشدی و آدم نشدی

ها جنڌ خوديءَ کي. شر کان ٿيءُ پاڪ.
ڪندا نہ ٿيءُ اي دوست! گلزار ٿيءُ.
هن نفس ستمگر کي دشمن نہ ڄاڻ.
لازم آهہ تہ تون پنهنجو دشمن ٿيءُ.

•

تون هڪ نفس آن جو حرص کان آزاد ناهہ.
تنهنجي ئي خودي. تو لاءِ قيد آهہ.
ٿي رهہ سَروَ جيان چمن منجهہ آزاد.
سنبل و نسرين آن يا گاهہ ۽ ڪنڊو انهہ.

تير هوس آ نهہ ۽ تون آنهن لالچي.
ذرا سوچ تہ خاڪ آنهن يا اڪسير آنهن.
غفلت جي طوق کي لاهہ تي وڃ آزاد.
جيسين هوس ۾ آنهن قيد ۾ قيدي آنهن.

جو حرص و هوس کان آنهن دل غمگين.
جو دنيا جي گهٽ وڌ مان حاصل ڪرين تسڪين.
هان جو ٿو پرين ننڪ دو عالم ني ڪري.
ان بوجهہ کان گهڙي پل بہ آرام نہ آهہ.

ڪڏهن حرص کان نہ ٿيو بيپرواهہ.
دک کان ڪڏهن توکي تسڪين ملي .
حيوان جيان رهيو وجود جو فڪر.
ڪٿي کان بہ گهٽ ٿئين آدم نہ ٿئين.

شریعت

این خرقهٔ پشمینه که زنار دروست
مکر است و ریا فتنهٔ بسیار دروست
بر دوش مکش دست بکش تا نکشی
این بارِ ندامت که صد آزار دروست

ای زاهدِ خود فروش هرگز مغرور
باید نشوی که تا نگردی رنجور
گویند ترا زاهد و هستی فاسق
برعکس نهند نامِ زنگی کافور

با خرقه مشو یار غلط گیر غلط
این زهدِ زیان کار غلط گیر غلط
سررشتهٔ هر یار در دست بیار
این سبحه و زنار غلط گیر غلط

شريعت

هي پشم جــــو خِــــرڪو جنهن تي زنار.
برابون ان ۾ ايتــريون جن جــو نہ ڪو شــمــار.
اهو ڪڏهن بہ لبــــاس نہ ڪج اي دوست!
آهــن ان ۾ نــدامــت جـــــــا هــزاريــن آزار.

اي زاهد ڪڏهن نہ ٿيءُ پاڻ تي مـــغــــرور.
ڏِپ آهي تہ ٿي نہ پوين ســـراســـر رنجـــور.
تون آنهـــــ نائي ۾ زاهد پر فـــاسق آنهــــ.
هر عـــڪس نهـــتـــد نامِ زنگي ڪافـــور. (ف)

هــي ظــاهــري ڪــردار غــلــط بــلــڪــل غــلــط.
اهو زهد بيــــــڪـــــار غلط. بلڪل غلط.
عـــشقِ خـــدا ڪي نہ جـــڏ پنهنجي هٿــــان.
هي ســـــجـــــو زنار غلط بلڪل غلط. (ف)

عاجزی

یارب ز کرم به بخش تقصیرِ مرا
مقبول بکن نالۂ شب گیر مرا
ما پُر زگُناه ماجرائیست عجیب
لُطفِ تو کُند چارۂ تدبیر مرا

هرچند غرورِ دستگاه است این جا
بر خود پیچیدن عروجِ جاه است این جا
در سازِ شکستگی حضورِ دگر است
از سُرمه شُدن سنگ نگاه است این جا

هر جا کہ گُلِ ایاغ و جوشِ چمن است
اُو مسکنِ دل خوش است مارا وطن است
گر باده پرست گوئی اُو را حق است
ور زاہدِ مُتقی بگوئی سُخن است

عاجزي

فرض تنهنجو بخشش تہ قصوروار مان.
قبول تہ ٿين رات جو آهون منهنجون.
حيرت آهہ تہ مان آهيان سراپا گناهہ.
ان هوندي بہ آهين تدبير ڪندڙ تون.

دنيا ڪي آهہ غرورِ مال و دولت گهڻو.
بي چين بشر ڪي غرور حشمت گهڻو.
آهہ ساز تنل جو شان ئي نرالو.
سرمو ٿيل پڙ جي آهہ عظمت گهڻو.

جيڪو ساغرِ گل ۾ چمن جو آهہ مقام.
اهڙي خوبصورت گهر ۾ آهي تنهنجو قيام.
حق آهي ان ڪي جو چوي مون ڪي شرابي.
سمجهي ڪوئي پارسا تہ آهہ ان جو ڪلام.

ترک

از کارِ جهان تمام انکار خوش است
این کار کُنی اگر تُو بسیار خوش است
خُود را بکنار گیر و بگذُر ز همہ
در عالم تدبیر ہمین کار خوش است

عُزلت بجہان راحتِ جان یافتہ شُد
بر رُوئے زمین گنجِ نہان یافتہ شُد
این گوہرِ نایاب کہ ہم بے قدر است
در بحرِ پُر آشوب جہان یافتہ شُد

از مردمِ دُنیا بخُدا گیر کنار
تا دل بکُشد عرُوسِ راحت بہ کنار
سررشتۂ اِختلاط از دست بدہ
سرمایۂ آرام و فراغت بہ کف آر

ترڪ

تون دل ۾ ڏکن جو غم نہ ڪر.
تدبير ۾ انديشہء انجام نہ ڪر.
دنيا کان ڌار رهي دنيا ۾ ڦر.
ان ڪم ۾ گهڙي پل بہ آرام نہ ڪر.

هيڪلائي آهہ اگر توکي دنيا کان حاصل.
راحت اٿئي ان گنج نِهان کان حاصل.
اهو اڻ لڀ گوهر تہ انهيء منجهہ آهہ.
ٿيندي آهہ شيء اتان ئي حاصل.

دنيا ۾ اگر تنهائيء جي ڪنڊ ملي وڃي.
لازم آهہ توکي خوشي راحت جي ملي وڃي.
جيسين آهہ انهيء خون جو شوق توکي.
ممڪن ناهہ تہ آرام و فراغت ملي وڃي.

عشق و فراق

دُنیا نکنم طلب که کمتر ز خس است
نی دولتِ دیدارِ تو این هم قفس است
خواهانِ وصالم و همین است سُخن
در خانه اگر کس است یک حرف بس است

دُوریِ نفسی مرا ازو ممکن نیست
این یک جهتی به گفتگو ممکن نیست
اُو بحرِ دلم سبُوست این حرفِ غلط
گنجائشِ بحر در سبُو ممکن نیست

نابُود شُدم بُود نمی دانم چیست
اخگر شُده ام دُود نمی دانم چیست
دل دادم و جان دادم و ایمان دادم
سوداست مگر سُود نمی دانم چیست

سرمد غمِ عشق بوالهوس را ندهند
سوزِ دلِ پروانه مگس را ندهند
عُمری باید که یار آید به کنار
این دولتِ سرمد همه کس را ندهند

عشق و فراق

دنيا جي طلب ڇڏ اها محض هَوِس آهه.
بنا ديدار جي دولت هيءَ دنيا قفس آهه.
تنهنجي وصال جو آهيان خواهان هردم.
عاقل هجي ڪوئي ته هڪ صرف بس آهه.

گهڙي پل به جدائي هن جي مون لاءِ ڏکي.
ان عشق کي لفظن ۾ ڪري ڪو بيان سگهي.
هو بحر آهه دل ڪوزو آهه اهو قول غلط.
ڪوزي ۾ بحر جي گنجائش نه ٿي سگهي.

نابود آهيان نه ڄاڻان ته بود ڇاهي؟
ڇٽنگ آهيان نه ڄاڻان ته ڏُوڙ ڇا هي؟
ڏئي ڇڪوهان ان کي دل و جان و ايمان.
ان سودي ۾ نه ڄاڻان ته سُود ڇا هي؟

سرمد غمِ عشق بو الهوس کي نه مليو.
سوزِ دل پرواني جي مَک کي نه ملي.
هڪ عمر گذرڻ تي ملندو آهه سُو دوست.
هي اهو شوق آهه جو خار و خس کي نه مليو.

غیر از تو مرا یار و نگاری نه بود
دل را هوسِ باغ و بهاری نه بود
پیوسته خیال و وهم اندیشه بشوی
جز مهر و مه رُوئی تو کاری نه بود

جُز بادهٔ شوقِ دوست عشرت نه بود
بے دُرد کشی نشهٔ وحدت نه بود
مے خانهٔ عالم که پُر از دردِ سراست
خالی ز خمار و رنج و محنت نه بود

در مسلخ عِشق جُز نکورا نکشند
لاغر صفتانِ زشت خُورا نکشند
تو عاشقِ صادقی زِ کُشتن مگُریز
مُردار بود هر آنکه اُورا نکشند

هر کس بخیال اُو هم آغوش بود
دیوانه نُماید همه سرهوش بود
کیفیتِ این نشه بکس ظاهر نیست
این باده نِهان همه درجوش بود

از منصبِ عِشق سرفرازم کردند
و ز منتِ خلق بے نیازم کردند
چون شمع درین بزم گدازم کردند
و ز سوختگی محرمِ رازم کردند

تو سـوا ڪجهه ناهہ مطلوب مـون کي.
گلشن جـون بهـارون ناهن مـحـبـوب مـون کي.
بيڪار آهن هر وقت هي وهم و گـمـان.
جلوو تنهن جي حسن جو آهہ مرغوب مـون کي.

شراب جي چڪيءَ جو شوق خـوشي ناهي.
بي درد ڪشي نشـهء وحـدت ناهي.
مئخانہء عالم آهہ سراپا رنج و غم.
راحت نہ آهہ ان ۾ خوشي ناهي.

تينـدا هن شـهيـد جيڪي نيڪ و ڪار هتي.
پيـا ناهن وينـدا بد اطـوار هتي.
عاشق صادق آهين تہ خنجر کان نہ ڊڄ.
مـردار تي هـلـنـدي ناهي تـلوار هـتي.

توسان جو تصور ۾ هم آغوش رهيو.
هر وقت اهو فرزانہ ۽ باهوش رهيو.
ان سُرور جو عالم ئي نرالو سڀ کان.
هي پيئندڙ هوندي بہ سدا پرجوش رهيو.

عشق جي مشصب تي جذهن سرفراز ڪيو.
آزادي روح جو دروازو بہ کـولي ڏنو.
سوزِ شمع مـون کي ڳـرڻ لاءِ عطا ڪيو.
ان ڍنگ سان مـون کي محـرمِ راز ڪيو.

سرپا شُد و پائی سرمرا در رهِ یار
من بے سر و پا شُدم تو معذورم دار
ہشیار بسر چگونہ پوشد پاپوش
دیوانہ بہ سر چگونہ پیچد دستار

مُمکن نہ بوَد کہ یار آید بکنار
خُود را ز خیالِ خام و اندیشہ برآر
ہر چیز کہ غیر اوست در سینۂ تُست
بسیار حجابیست میانِ تو و یار

زاہد بہ نصیحتم تو بسیار مکوش
از آتشِ عشقِ اوست این دیگ بجوش
ہُشیار شو و بہ بین کہ خمخانۂ دل
از بادۂ کیست ہست در جوش و خروش

پیوستہ درین دیار با دیدۂ نم
در بحرِ خجالت و ندامت غرقم
خواہم کہ نگردم ز تو غافل یک دم
افسوس ازین غفلت ہردم ہردم

تا فکر و خیالش بدلم کرد وطن
سرتا بقدم فکر و خیالم ہمہ تن
از خُود سخنی ہمیشہ دارم آفتا
اظہار مُحالست ہمین است سُخن

هلندو ئي رهيس مستي پر راهہِ يار.
آهي عشق جي راهہ ۾ اهو منهنجو شعار.
مستي تي جُتي نہ پائيندو هوشيار.
ڏيوانو نہ ٻڌندو ڪڏهن سِرَ تي دِستار.

ممڪن نہ آهہ ياڙ ايندو ويجهو.
بيڪار نہ تي محوِ خيالات ۾ گهڻو.
هر شيءِ اجائي آهہ تنهنجي سيني ۾.
اي عاشق ! حجاب وچ ۾ آهہ تو ۽ يار جي.

نصيحت نہ ڪر زاهد منهنجي سامهون.
پرجوش آهہ آتشِ عشق ۾ مون دل.
هوش سنڀال ۽ ڏس منهنجي دل ۾.
عشق جي پياڪ وارو جوش و خروش آ.

هر وقت رهن.تيون اکڙيون آليون.
پڇتاءَ جي شرمندگيءَ جي درياءَ ۾ آهيان ٻڏل.
خواهش اٿم تہ توکان نہ رهان غافل.
افسوس جو رهيو هان سدائين غافل.

خيال و فڪر تنهن جي الفت جو ڪيم.
تنهنجي خيال ۾ غرق رهان تو هر دم.
دل ۾ سدا تنهن جو ذڪر روان آهہ.
گهڻو مشڪل هو اظهارِ سخن نہ ڪيم.

عبادت

سررشتهٔ اختیار با یار گذار
خود را ز غم و محنتِ بیهوده برآر
این عمرِ گرامی که تمامی هوس است
با یار بسر به بر به غفلت مپار

هرگز بخدا زهد ریائی نه کنم
غیر از معرفت گدائی نه کنم
شاهی کنم و ملکِ فراغت گیرم
پیوسته ز مےخانه جدائی نه کنم

خود را بخیالِ دوست دل شاد بکن
از محنت اندوه و غم آزاد بکن
یاران که شب و روز رفیقت بودند
از شادی و اندوه همه یاد بکن

مهرش بگزین بکامرانی بنشین
دیگر نه بود دولتِ راحت بِه ازین
بے دوستیش نیست میسر هرگز
گر طالبِ دنیائی وگر طالبِ دین

عبادت

خالق تنهنجو دوست تون دوست هن جو.
اجايو ڏک نہ ڪج ۽ اجايو نہ روءُ.
هيءَ عمر سڄي آهہ بس حرص و هوا.
پيرويءَ ۾ گذار ۽ نہ غفلت ۾ رهہ.

قسمِ خدا ذهن ۾ رياڪاري نہ ڪيم.
غيرن کان ڪڏهين بہ گدائي نہ ڪيم.
ملڪِ فراغت تي آهہ حڪومت منهنجي .
مئخاني کان گهڙي پل بہ پري نہ ٿيم.

يادِ محبوب ۾ ڪر دل کي شاد.
ٿي ويندين رنج و الم کان آزاد.
جو دوست رات و ڏينهن توسان رهي.
هر خوشي ۽ فڪرات ۾ ڪر ان کي ياد.

هن جي محبت ۾ خوشي جو يقين رک.
نہ آهي ان کانِ وڌيڪ ڪائي راحت.
هن جي محبت سواءِ نہ ٿيندءِ حاصل.
تون طلبين دنيا يا خواهشِ دين.

جز محنت و رنج نیست حاصل ز همه
فارغ شو و آزاد بکن دل ز همه
خود را بخدا گزار و اندیشه مکن
این فکر و خیال و وهم مشکل ز همه

گر در طلب بادهٔ راحت هستی
و ز نشهٔ آزادیٔ دنیا مستی
دین هم بگذار دامن دوست بگیر
در عالم مستی ز دو عالم رستی

ای خانه خراب از خدا بی خبری
ای موج سراب از خدا بی خبری
این هستیٔ موهوم تو نقش است بر آب
ای جوش حباب از خدا بی خبری

افسوس ز احوال خود آگاه نئی
بدخواه خودی ولی هوا خواه نئی
بی هوشیٔ غفلت خماری دارد
هشیار ز صهبائی سحرگاه نئی

از خواهش مال و جاه زحمت ببری
با یار بسر بکن که راحت ببری
غافل نشوی بسی ندامت بکشی
آگاه اگر شوی فراغت ببری

دنيا مان نہ ڪوئي رنج آ حاصل.
جڏ انس اهو تہ خوش رهي دل.
دل پنهنجي خدا کي ڏي نہ ڪج خوف.
ڪجهہ نہ بگاڙيندءِ هي وهمِ باطل.

آهي توکي اگر راحت جي خزاني جي تلاش.
توکي نہ آهہ فڪر جهان يا فڪرِ معاش.
دامنِ دوست کي جهل پيو سڀ ترڪ ڪر.
پوءِ هي جهانن ۾ نہ ڏسندين ڪو ستم.

اي خانہ خراب ڇو آنهہ بيگانہءِ حق.
اي موج سراب ڇو آنهہ بيگانہءِ حق.
آهہ فرضي هستي جنھن پاڻي تي قدم.
اي جوشِ حباب ڇو آنهہ بيگانہءِ حق.

افسوس تون آنهہ اعمال کان ناواقف.
پنهنجو بدخواهہ آن خوش خواهہ نہ آن.
غفلت جي بيهوشيءِ ۾ آهہ وڏو خمار.
تون واقفِ سراب رنگين سحرگاهہ نہ آن.

دولت جي هوس ڇڏ تہ راحت ملئي.
صحبت حق ۾ رهہ تہ راحت ملئي.
غفلت ۾ ندامت کان سواءِ ڪجهہ نہ آ.
ڳالهہ اها چاڻين تہ فراغت نہ آ.

خواهی که شوی شاه و گدائی نه کنی
باید که خیالِ پارسائی نه کنی
از دَرد کشی صاف دلی حاصل کُن
یک گام ز مے خانه جُدائی نه کُنی

اسرارِ مَی و جام بکس روشن نیست
این راز بهر مُرده دلی گفتن نیست
زاهد بخُدا که از خُدا بی خبری
سر رشتهٔ این بدستِ هر کودن نیست

دیوانگیٔ دِلم بود عقلِ کمال
آشوب محبت است بیرون زخیال
گنجائشِ بحرِ در سبو ممکن نیست
هر چند که گویند خیال است مُحال

خواهش آ رهو شاهه گدائي نه ڪريو.
لازم آهه ته خيالءِ پارسائي نه ڪريو.
ملي ويندي ڪنهن مئي مان صاف دلي.
مئخاني کان دم پر به جدائي نه ڪريو.

اسرارِ مئي کان ڪير واقف نه آهه.
ڪڏهن نه سمجهي ڳالهه اها قلبِ ضعيف.
زاهد کي ڇا خبر ته خدا آهي ڇا؟
نادان نه سمجهندين اهو رازِ لطيف.

دل جي ديوانگي آ مون عقلِ ڪمال.
انقلابِ محبت ۾ آهه اهو خام خيال.
ممڪن آ ڪڏهن جام ۾ بحر جي جاءِ.
ڇوڙ کي ته ڇئو پر ائين آهه محال.

ڪتاب مان چونڊ

بيت

هي دنياوي فڪر اجايو ۽ بيڪار چاڻ،
پنهنجو اهو خيال اي دل! بيجاءِ چاڻ،
دنيا جي خيالن ۾ رهندي خوش نہ ٿي،
انهن جو ملڻ بيڪار حاصلات خام چاڻ،

اي دوست! ڇا لاءِ آهين نادان تون،
فاني آ دنيا پر ان کان بہ اڻڄاڻ تون،
هن فرضي هستيءَ تي هي ناز ڇا لاءِ،
ٻن ٽن ڏهاڙن جو آهين مهمان تون،

تون وهم و گمان ۽ فڪرِ دنيا کي ڇڏ،
نسيمِ سحري گلشن و صحرا کي ڇڏ،
تون پوءِ گل ۽ موتيءَ جو ديوانو نہ ٿي،
هوشيار رهہ ان جوشِ تمنا کي ڇڏ،

هي فڪر و غم دنيا جو دک سڀ ڪوڙ،
مستانہ هي ڪوهہ و صحرا جو سئر سڀ ڪوڙ،
دنيا کي پرک پرين، هي هڪ خواب آهہ،
هي جوشِ داستان ۽ موجِ دريا سڀ ڪوڙ،

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاڻو، ياڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. پين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٽي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ڪي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)